# ساس سٽي سکر. ڪام

# سي ئي جوين ڏينهن

## سريلنڪا جو سفرنامو

الطاف شيخ

ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ

سٽي سکر سنڌ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سي ئي جوين ڏينهن، جڏهن سفر هليا،
رُئان رهن نہ سُپرين، آيل! ڪريان ڪيئن
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري!.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com





هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انتساب

پنهنجي پياري دوست نجم قاضي نالي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جنهن شخص اسان کي ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي هميشه ڪِلايو ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪِلائيندو اچي، اهو گهٽ ۾ گهٽ منهنجي هڪ ڪتاب جو انتساب ته ضرور لهڻي.

ميجر نجم قاضي جنهن کي اسين اسڪول جي ڏينهن کان پيار مان نجو ۽ ڪتنگا جي نالن سان سڏيون ٿا اسان کي هر ڳالهه ۾ ملهه ماريو وجي. چرچن پوڳن ۾ ڪيس فقط تڏهن خوار ڪندا آهيون جڏهن هو غير حاضر هوندو آهي، نه ته هڪ طرف سڀ سنگت ٻئي پاسي اسانجو نجُو. مجال آهي جو ڪو ساڻس مقابلو ڪري سگهي. دنيا جا عجيب غريب چرچا سڀ زندگي اسين نجم قاضيءَ کان پڌندا اچون. اصل ڪُتِڙ جا ئي نه آهن.

نجم جهڙا گهڻ گُڻائتا ماڻهو ٿورا ملندا. پڙهڻ ۾ - يعني اسڪول واري پڙهائيءَ ۾ سو خاص هوشيار نه هو باقي هر فيلڊ ۾ هُو پنهنجو مَٽ پاڻ هو. پي ٽي پريڊ ۾، راندين باڪسنگ ۾، جنرل ناليج ۽ *Quiz* مقابلن ۾، آفيسر لائيڪ *Qualities*، اسڪائوٽنگ ۽ رائفل شوٽنگ ۾ هو سڀ کان مٿيرو ۽ سخت جان هو ۽ اجا تائين هن عمر (پنجاهه ورهين جي جمار) ۾ به ٺف ۽ رف آهي. ڪالهه فون تي پُڏايومانس ته شوڪت جُماڻِي (سندس ڳوٺائي ۽ اسان جو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪلاس ميٽ) ۽ مون کي ڪن ۾ سُور آهي ۽ جي ڪيس بہ ڪن جي تڪليف هجي تہ اسان سان گڏ ڊاڪٽر وٽ هلي. وراڻيائين: ”مون کي اڄُ ڏينهن تائين ڪو سُور نہ ٿيو آهي. نہ ڪن جو نہ ڏاڙ جو. نہ پيٽ جو نہ مٿي جو. منهنجي دل جي هڪ پاسي جي نلي چوڪ آهي تہ بہ سُور ڪڏهن نہ ٿيو اٿم.“

”پر ڪاليج جي ڏينهن ۾ *Sick_Bay* (اسپتال) ڏي ويندو تہ هئين؟“ مون ياد ڏياريومانس.

”اهو پنهنجي ڪنهن بيماريءَ جو علاج ڪرائڻ لاءِ نہ پر عاشق حسين شاهہ (هاڻ سيڪريٽري سنڌ)، بلال حيدر (هاڻ *P.I.A* ۾ جمبوجيٽ جو پائلٽ)، هادي بخش جتوئي (هن وقت ايل ايم سي جو *M.S*) ۽ محسن پنهور (هاڻ *D.I.G* پوليس) جهڙن جونئر ڪئڊٽن کي چيڪ ڪرڻ ويندو هوس تہ واقعي بيمار آهن يا پي ٽي پريڊ کان بچڻ جو بهانو ڪري اتي پهتا آهن.“ نجم قاضي وراڻيو.

خيرپور ميرس جي مشهور جج مرحُوم قاضي محمد الياس هميشہ اهو ٿي چاهيو تہ سندس اولاد سٺن تعليمي ادارن مان علم حاصل ڪري. هن پنهنجي وڏي پُٽ قمر کي علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ مان گرئجوئيٽ ڪرايو ۽ ٻئي پُٽ شمس الدين کي بنيادي تعليم


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنڌ مدرسي مان ۽ پوءِ قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ايس.ايم لا ڪاليج ۾ داخل ڪرايو. سپ کان ننڍو پُٽ نجم الدين جڏهن ستين ڪلاس ۾ پڙهندو هو ته ان وقت ’ڪئڊٽ ڪاليج‘ ميرپور خاص مان شفٽ ٿي پنهنجي اصلي جاءِ پيٽارو پهتو هو ۽ ان بابت اخبارن ۾ پڙهي هن نجوءَ کي ڪئڊٽ ڪاليج جهڙي فوجي ڪاليج ۾ موڪليو.

نجم قاضي نه فقط ڪئڊٽ ڪاليج ۾ *S.U.O* (سپ ۾ مٿانهون ڪئڊٽ) ٿي رهيو پر آرمي پڻ *Join* ڪئي. جيتوڻيڪ ڪاليج جي ڏينهن ۾ اهڙو دؤر به آيو جو اسان جو نجُو هڪ ڇوڪريءَ سان عشق جي چڪرن ۾ ڪاليج ڇڏڻ لڳو. ڪاليج جي انگريز پرنسپال ۽ ٻي جنگ عظيم جي فوجي آفيسر ڪرنل ڪومبس يڪدم سندس والد صاحب کي خط لکي موڪليو (جيڪو هينئر نجم وٽ آهي): ”تنهنجو پُٽ ڪاليج ڇڏي گهر پيو اچڻئي.“ جج صاحب جواب ۾ ڪرنل ڪومبس کي لکيو ته ان کان اڳ جو آئون گهر کان ٻاهر ڪيڏانس تون پلي موچڙا هڻي هن جي دماغ مان عشق جو ڀوت ڪڍُ. نجم کي به خبر پئجي وئي ته ڳوٺ وڃڻ تي بابو ياڪر پائي ملڻ بدران در ئي ٽپڻ ڪونه ڏيندو. سو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ ڏينهن صبح ساڻ انهن ميرن قاتلن ڪيڙن ۾ موتي ڪاليج آيو. ان وقت اسيمبلي هلي رهي هئي ۽ سڀ ڪئڊٽ قطار ۾ اٽينشن ٿي وات سان قومي ترانو ۽ اک جي ڪُنڊ کان نجوءَ کي ڏسي رهيا هُئا. تراني بعد جپان جي *P.O.W* (جنگي قيدي) يعني اسان جي انگريز پرنسپال سيني اڳيان نجوءَ کي بيهاري پنهنجي اسڪاٽش ٽون ۾ هن کي سمجهايو:

*When lady lover interferes with a course of duty, either the duty or the lady should be abandoned.*

ڪرنل ڪومبس سمجهيو ته هو جواب ۾ چوندو ته مون محبوبا ڇڏي ۽ هو (ڪرنل ڪومبس) ڪيس (نجوءَ کي) ٻاڪر پائي چوندو ته شاباس. هاڻ هڪ مَنو ٿي ويهي پڙهه. پر سائين اسان جي نجوءَ اسان کي ۽ پرنسپال کي چرڪائي وڌو جڏهن هن ساڳي برٽش *accent* ۾ وراڻيو:

"*Sir! I Shall leave the duty.*" (يعني آئون نه پڙهندس نه نوڪري ڪندس. آئون عشق ڪندس.) پرنسپال جا ٽپ ئي ٽري ويا. واڻڙو ٿي پُڇيس:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*"Then what shall you eat?"*

ظاهر آهي تنهنجو پيءُ به توکي گهر کان ڪيڏي چڙهيندو.
پڙهي نوڪري به نه ڪندين ته پوءِ کائيندين ڇا؟
اسان جي نجوءَ ڪاليج بلڊنگ جي ڪُنڊ وٽ بيٺل هڪ ٻير
جي سڪل وڻ ڏي اشارو ڪري چيس:

*"I Shall eat leaves, leaves, Leaves."*

انگريز ڊپلوميٽ سمجهي ويو ته هي ڇورو ماڳهين مون کي به
خوار ڪندو سو سيني اڳيان نجوءَ سان بحث ڪرڻ بدران وائيس
پرنسپال کي چيائين ته اسيمبلي بعد هن کي سمجهائجانءِ.
نجم قاضِي اڄ به نديپڻ جون اهي ڳالهيون ياد ڪري پاڻ به
کلندو آهي ۽ اسان کي به کلائيندو آهي. محفل ۾ ڪو نئون دوست
اچي ويندو آهي ته نجوءَ کي خاص فرمائش ڪندا آهيون ته نجُوا
*"I Shall eat leaves, leaves"* واري ڳالهه ته ٻڌاءِ. سچُ ته
هي آهي ته نجُوءَ نه ڊيوٽي ڇڏي نه محبوبا. اڄ اها سندس ٻارن جي
ماءُ آهي جنهن سان پوءِ ڪئپٽن ٿي شادي ڪيائين ۽ ڪاليج ۾
سڀ ۾ سنو ڪئڊٽ ٿي ڊيڪارڻ ڪري ڪرنل ڪومبس پنهنجي
مرڻ گهڙيءَ تائين نجم جو خيالُ رکندو آيو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نجم جا ان قسم جا مهاڏا پنهنجن صاحبن سان هميشه ٿيندا رهن ٿا پر محنتي ۽ دل جو صاف هجڻ ڪري سوپ وري به سندس ئي ٿئي ٿي. آرمي وارن ڏينهن ۾ هڪ دفعو ته ذوالفقار علي ڀٽو صاحب به ڪاوڙجي پيو هو ۽ سو به تڏهن جڏهن هو وزيراعظم هو. پر پوءِ نجم جي صاف دل ۽ خوش اخلاقي ڪري ڀٽو صاحب يڪدم *Realize* ڪيو ۽ ڪيس پرچايو ۽ پيائنڻ لڳس.

نجم قاضي سان مختلف دورن ۾ گذريل وقت اڄ به ياد ايندو رهي ٿو. پيٽارو جي ڏينهن ۾ موڪل هئي ته نجم وٽ خيرپور پهچي ويندا هئاسين. ڪاليج مان انٽر ڪرڻ بعد هو حيدرآباد ۾ ئي رهيو ٿي جتي سندس وڏي ڀيڻ زبيده جي گهر ساڻس ملڻ ويندا هئاسين. سندس پيٽيوو قاضي عبدالرحيم صاحب انهن ڏينهن ۾ وڪالت ڪندو هو. اهي اوڻهين سؤ ٿيهه چؤهٺ جا ڏينهن هُئا. اڄ ان کي پنجٽيهه سال اچي ٿيا آهن. عبدالرحيم قاضي صاحب جسٽس ٿي رٽائرڊ ٿيو آهي. سندس وڏو پُٽ عمران گهاري ۾ ججُ آهي ۽ ان کي به ٻه ٻار آهن. جسٽس صاحب جي وڏي ڌيءَ فرزانا جي شادي منهنجي هڪ ماسات طارق گهلوءَ سان ٿي آهي. ان ريت نجم سان هڪ قسم جي مائٽي به ٿي. نجم کي چار ٻار آهن. وڏي ڌيءَ ساحره


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي شادي اسان جي هڪ ٻئي پيٽاري جي ڪلاس ميٽ اقبال قاضي جي سؤٽ سان چار سال اڳ ٿي ۽ هاڻي هو آسٽريليا ۾ رهن ٿا. ٻي ڌيءَ شُمائله جو هاڻي مڱڻو ٿيو آهي ۽ هن *MBA* ۾ ٽاپ پوزيشن ڪڍي صدر طرفان انعام ۾ گولڊ ميڊل حاصل ڪيو آهي. ننڍي ڌيءَ عيني (قرة العين) ڪاليج ۾ آهي. پُٽ شيراز پڙهائيءَ ۾ پنهنجي پيءُ وانگر ته نه پر ماءُ صفيه تي ويو آهي. باقي راندين ۾ پيءُ وانگر هوشيار آهي. هو پاڪستان جي ڪاليج ڪرڪيٽ اليون طرفان ٻه دفعا لنڊن ۾ ڪرڪيٽ کيڏي آيو آهي.

پاپي صفيه (نجم قاضيءَ جي گهرواري)، حيدر آباد جي صدر ۾ رهندڙ زبيدي فئملي سان تعلق رکي ٿي ۽ محمد يعقوب زبيدي جي ڌيءَ آهي. سندس ڀاءُ اقبال زبيدي اڄ ڪلهه سنڌ حڪومت ۾ تعليم کاتي جو ائڊيشنل سيڪريٽري آهي. ٻيو ڀاءُ اعجازُ زبيدي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر آهي. صفيه پاپي ۽ نجم قاضي هڪ ئي ڪُٽنب سان تعلق رکن ٿا. صفيه پاپي جو نانو عبدالرحمان قاضي (جنهن خلافت مومينٽ ۽ تحريڪ پاڪستان ۾ سرگرم حصو ورتو) ۽ نجم قاضيءَ جو ڏاڏو عبدالڪبير قاضي پاڻ ۾ سڳا ڀائر ٽين جيڪي قاضي محمد صديق جا پُٽ هُئا. هنن جي ماءُ (يعني نجم



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي والد جي ڏاڏيءَ) جو نالو ’چڱائي‘ *Typical* سنڌي هئڻ ڪري اسان دوستن کي بيحد وڻندو آهي.

هونءَ نجم قاضيءَ جو خاندان ماشاءَالله ايڏو وڏو آهي جو ان ۾ ڪيترن ئي قسمن جي نوڪري جا ماڻهو ملندا پر سڀ کان گهڻا جج ۽ وڪيل آهن. نجم قاضي جو پڙڏاڏو محمد صديق شريعت ۽ دنيا جي قانون جو وڏو ڄاڻو ٿي گذريو آهي. پري پري جا ماڻهو هن وٽ دنوي ۽ شرعي فيصلن لاءِ ايندا هُئا. انگريزن طرفان هن کي قاضيءَ جو خطاب مليل هو. دراصل ان بعد هيءَ فئملي پنهنجي اصل ذات ’اجڻ‘ سان گڏ قاضي پڻُ سڏرائي ٿي. اڙدوءَ جي مشهور شاعره فهميده رياض جنهن جي شادي سنڌ جي ادبي ۽ سياسي شخصيت ظفر اجڻ سان ٿي آهي، اهو پڻ نجم قاضيءَ جو ماسات آهي. ان کان علاوه ٻيا به ڪيترا ئي اديب ۽ *Educationalist* نجم جي مائٽيءَ ۾ آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ جو پُراڻو وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جي پڻُ نجم سان مائٽي آهي. صفيه پاپيءَ جو ڏاڏو عبدالجبار ۽ حسن عليءَ جو والد صاحب عبدالرحمان (جيڪو ڪراچيءَ جو ميئر ۽ بئريسٽر به ٿي گُذريو آهي) ٻئي سڳا ڀائر هئا. سندن والده اسان جي ڳوٺ هالا جي هُئي. حسن علي جي ٻن ڌيئرن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پڙهڻ تعليمي فيلڊ ۾ ڪافي نالو ڪڍيو آهي. نجمه آمريڪا ۾ سنڌ جي تاريخ تي ريسرچ ڪري رهي آهي ۽ شيري رحمان ’هيرالڊ‘ رسالي جي ايڊيٽر رهي چُڪي آهي. حسن علي جي ٻئي پاءُ طفيل علي چيف جسٽس سنڌ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ کي اولاد نه ٿيو. سندس زال ڊاڪٽر ساران سنڌ جي پهرين ليڊي گائناڪالاجسٽ رهي آهي.

نجم قاضي جي ڏاڏي کي تعليم جو بيحد گهڻو اونو هو. ان ڪري هن انهن ڏينهن ۾ نجم جي والد صاحب قاضي محمد الياس کي تعليم لاءِ علي ڳڙهه يونيورسٽي موڪليو جتي هو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جو ڪلاس ميٽ هو. سنڌ جي دوري وقت، خيرپور مان لنگهندي ايوب خان هميشه قاضي صاحب سان هلي ملي ملڻ لاءِ ايندو هو. قاضي محمد الياس 1901ع ۾ ڄائو. بختيارپور جو اميد علي قريشي صاحب، ڪمشنر قاضي سچيڏنو صاحب، الهه ڏنو سيال (چيئرمئن پبلڪ سروس ڪميشن)، هاڻوڪي سفير ظفر شيخ جو والد صاحب سندس هم عمر ۽ دوست هئا. نوڪريءَ مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد هن سياست ۾ حصو ورتو ۽ مسلم ليگ خيرپور



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ضلعي جو چيئرمئن ٿي رهيو (غوث علي شاهه صاحب انهن ڏينهن ۾ سيڪريٽري هوندو هو) پاڻ 1973ع ۾ گُذاري ويو.

نجوءَ جي مائٽي اسانجي هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ رفيع ڪاچيلو سان پڻ آهي. رفيع جي ٻي ماءُ ۽ سندس نندي ڀاءُ رفيق جي سڳي ماءُ 'بانو' نجم قاضيءَ جي سهري يعقوب زبيدي جي سڳي ڀيڻ ٿئي يعني صفيه ڀاڀي ۽ رفيق ڪاچيلي وارا پُڦات ماروٽ ٿين. سنڌ جي مشهور ليکڪ ۽ وڪيل عبدالاحد صديقي *(FAWS)* جي ڀائٽي ساجده جي شادي نجم جي ڀائٽي، ڊاڪٽر مُنير سان ٿي آهي ۽ نجم جي ٻي ڀائٽي ، نظير احمد جي شادي قاضي سچيڏني صاحب جي ڏهٽي ذڪيه سان ٿي آهي.

اڄ ڪلهه ڇوڪرين جي پڙهائي عام ٿي وئي آهي پر انهن ڏينهن ۾ جڏهن اجان ڇوڪرن جي پڙهائيءَ تي به ڌيان نه ڏنو ويندو هو نجم جي والد صاحب نه فقط پنهنجن پُٽن کي پر ڌيئرن کي پڻ اعليٰ تعليم ڏني. نجم جي وڏي ڀيڻ حميده جيڪا عبدالستار قاضي (سابق ائڊوڪيٽ جرنل) جي زال آهي ۽ نندي ڀيڻ فريده جيڪا قاضي عزيزُالله (پرنسپال ۽ صدر سنڌ ليڪچرار ائسوسيئيشن) جي زال آهي، ٻنهي جي ڊبل ايم اي ٿيل آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نارو شاهه ۾ خيرپور جا هي قاضي شروع کان سوشل رهيا آهن. شادي مُراديءَ جو ڪاڄُ نه هُجي يا برٿ ڊي وغيره، ويجها توڙي پري جا سڀُ اچي هڪ هنڌ گڏ ٿيندا آهن. ۽ هڪ ئي وقت جيڪڏهن سنڌ جي ڪيترن ئي هستين سان ملڻو هجي ته هنن قاضين جي ڪا دعوت ضرور اٽينڊ ڪجي. ۽ هونءَ به نجم قاضي وارا نه فقط دعوت ڏيندا اهن پر مهمانن تي ايترو زور پريندا آهن جو هو پڪ سان دعوت ۾ اچن. ان جا پيا ته ڪيترائي مثال آهن پر هڪ اهڙو آهي جيڪو ڪڏهن به نه وسرندو. هڪ دعوت ۾ نجم جو هڪ سال جونئر سيد پرويز شاهد (هاڻ ميجر جنرل) دعوت ۾ نه اچي سگهيو. تن ڏينهن ۾ هو ڪئپٽن يا شايد ميجر هو. سندس ٽنگ ڀڃي پئي هُئي. نجم قاضيءَ ڪلاڪ کن ته انتظار ڪيو ان بعد جيپ ڪڍي سڌو ملٽري اسپتال ويو ۽ پٽو چڙهيل شاهد کي کڻي تي کڻي، علاؤالدين جي جن وانگر اچي حاضر ٿيو.

نجم قاضي دعوتون *Attend* ڪرڻ جو به مڙس ماڻهو آهي. سندس ڪلاس ميٽ اقبال تُرڪ (هاڻي ڪورنگي فشريز اٿارٽِيءَ جو *MD*) ته هميشه دعوت ۾ غير حاضر مهمانن کي بئي ڏينهن اهو چئي ٽوڪيندو آهي: ”شاباس هُجانوَ. توهانجي جاءِ تي نجم



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

قاضيءَ کي دعوت لاءِ فقط هڪ دفعو هڪل ڪريان ته هينئر جو هينئر، ڏينهن تتي جو گلشن اقبال کان ڊفينس منهنجي گهر تائين پيرين پيادو اچي نڪري.“

بهرحال نجم جي دعوت ۾ اسان جي اهميت هجي يا نه پر اسان جي دوستن جي دعوت، بنا نجُوءَ جي غير اهم ۽ بي سواد سمجهي ويندي آهي. پاڻ عمر ۾ جيتوڻيڪ پنجاهه کان به ٽپي ويو آهي پر سندس چست ۽ ملٽري ڪٽ جسم وانگر سندس چرچا پوڪ اجُ به جوان آهن.

نجم قاضي آرمي مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد ”بولان ڪاسٽنگ انڊسٽريز“ ۾ آيو جتي اج ڪلهه ڊپٽي جنرل مئنيجر (ائڊمنسٽريشن) آهي. سندس جم جي تاريخ پهرين آڪٽوبر 1947ع آهي.

الطاف شيخ

۵ آڪٽوبر ۱۹۹۷ع

ڪراچي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ليڪ پاران

منهنجو هي ڪتاب ”سي ئي جوين ڏينهن“ سريلنڪا ملڪ جو سفرنامو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1977ع ۾ ’زيب ادبي مرڪز‘ وارن ۽ ٻيو 1982ع ۾ ’نيو فيلڊس پبليڪيشن‘ وارن ڇپرايو. هڪ دفعو وري نيو فيلڊس پبليڪيشن وارا هي ڪتاب ڇپرائي رهيا آهن ۽ مون ڏي پروف ڏسڻ لاءِ موڪليا اٿن. پنهنجو پراڻو سفرنامو پڙهندي ائين پيو لڳيم جڻ ڊائري پيو پڙهان.

’سي ئي جوين ڏينهن‘ ڪتاب ۾ منهنجي سريلنڪا جي انهن سفرن جو احوال آهي جيڪي مون 1970ع ۽ 1974ع جي وچ ۾ ڪيا آهن. ان بعد سريلنڪا توڙي ڪولمبو شهر ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيون آهن. ان ڪري هي ڪتاب مٿين سالن وارو عرصو ڌيان ۾ رکي پوءِ پڙهجي ته دلچسپ لڳندو. مونکي به هي پنهنجا احوال ويهه پنجويهه سالن بعد پڙهندي عجيب لڳي رهيا آهن. هڪ هنڌ سريلنڪا جون ابتڙ ٿيندڙ حالتن جو احوال ڏيندي لکيو اٿم ته ڪولمبو ۾ چوري چڪاري وڌي وئي آهي. ايتري قدر جو زال ذات رات جي وقت گهڻو گهڻا پائي اڪيلو نٿي هلي سگهي. هي ان وقت



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ڳالهہ آهي جڏهن اسان وٽ امن امان هو. ڪراچي جهڙن شهرن توڙي ڳوٺن جون حالتون بهتر هيون. وڏ ۾ وڏ ڏڪيون، مينهون چوري ٿيون ٿي. ۽ اڄ جي حالتن تي غور ٿو ڪجي تہ سريلنڪا، سنگاپور، ملائيشيا جهڙا ملڪ بہ سڌري ويا. اسان جي ڪراچيءَ جهڙن شهرن ڏي نظر ٿي ڪجي تہ ۾ عورتون تہ ڇا ڏينهن ڏني جو مرد پيا ڦرجن. بئنڪون ۽ بندرگاهہ پيا ڦرجن. پوليس وارا ۽ فوجي پيا مارجن. ۽ ڳوٺن ۾ وهٽن وانگر ماڻهو پيا اغوا ٿين. عورتن ۽ ٻارن کي بہ نہ ڇڏيو پيو وڃي. ٻانگ ڏيندي ۽ نمازون پڙهندي ماڻهن کي ماريو ۽ اغوا ڪيو وڃي ٿو. هاڻ ٻين ملڪن ۽ مذهبن جا ماڻهو اسان تي تعجب ڪائيندا هوندا.

اهو ئي حال مهانگائيءَ جو آهي جيڪا جيتوڻيڪ سڄي دنيا ۾ وڌي وئي آهي پر *Comparatively* اسان جي ملڪ ۾ تہ هيڪاندي گهٽي ٿي وئي آهي. هن سفرنامي وارن ڏينهن ۾ سريلنڪا، سنگاپور ۽ ملائيشيا وارن جهازران ڪمپنيون شروع ڪيون هيون، جن کي هلائڻ لاءِ جتي ڪٿي اسان جا پاڪستاني هُئا. ۽ هڪ مان بہ، ٻن مان چار ۽ ڇهہ ـ خبر ناهي ڪٿي وڃي انهن جي جهازن جو نمبر پهتو آهي. اسان وٽ ان وقت ستر ڪن جهاز هُئا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۽ ان حساب سان اڄ اسان وٽ سَوَن جي حساب سان هُجڻ ڪپن پر افسوس جو پنڌرهن ڪن جهاز مس وڃي بچيا آهن، سي به پنڌرهن ويهه سال پُراڻا آهن. جيڪي بيحد پوڙها ۽ مرٽينگ سمجهيا وڃن ٿا. اهو ئي حال ٻين ادارن جو وڃي رهيو آهي. سنگاپور ۽ ملائيشيا جي ته ڳالهه ئي نه ٿي ڪري سگهجي. اسان کان گهٽو گهٽو پنتي پيل اهي ملڪ، اڄُ يورپ جي ترقي يافته ملڪن جهڙا لڳن ٿا. محنت، ايمانداري ۽ سُٺن ليڊرن ملڪن ۽ ماڻهن کي ڪٿي کان ڪٿي پهچائي ڇڏيو آهي. انهيءَ فارمولا ذريعي اسان به اڳتي وڌي سگهون ٿا جنهن لاءِ هن وقت فقط دُعا ئي ڪري سگهجي ٿي.

هن ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙا نالا ۽ ٽرمس استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻي ڏيڻ هتي ضروري سمجهان ٿو.

**سُڪاني**: انگريزيءَ ۾ ان کي *Quarter_Master* سڏجي ٿو.سُڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽيءَ تي موجود نيويگيٽر سان گڏ، چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري ٿو. ڪلئي سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون اينڊ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻو آهي، جيئن هو اڳواٽ پنهنجي جهاز لاءِ ڪو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي. بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سڪانيءَ جي ڊيوٽي *Steering_ Wheel* وٽ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر (ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوترين ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙڻو هوندو آهي. يعني *Steering Wheel* کي ساڄي يا کاٻي گهمائڻ سان جهاز جو سُڪاڻ ان طرف مُڙي جهاز کي موڙي ٿو ۽ جهاز طوفان يا غلط رستي کان نڪري سنئين تي اچي ٿو. سُڪاني يا سُڪاڻي لفظ سڪاڻ مان نڪتو آهي جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو آهي:

"سامونڊيا! تو سنبهين ساڄو جهل سُڪاڻ."

**پائلٽ** : هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي تہ پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي بہ چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن بہ ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پندرهن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ميل ٻاهرڪلئي سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وٺي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ سڏجي ٿو. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي ٻه اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ (ساموندي ڪئپٽن) آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڌارين ملڪن جي جهازن کي اندر وٺي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر ڪلئي سمنڊ تائين اماڻي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين ٿا. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان وٺن جنهن کي *Pilotage_Fee* سڏجي ٿو.

ڪي ڪي بندرگاهه ـ خاص ڪري يورپ جا يا جپان ۽ ڪوريا جا، ايترو ويجهو ٿين جو اهو ئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ '*North_Sea*' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو ته خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ، جيترا ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ،


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڊئنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي ته يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن جيڪو ’نارٿ سي‘ پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽنن کي، جهاز جي مالڪن طرفان *Instructions* هوندا آهن ته سياري ۾ نارٿ سي ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا ته توهان جي مرضي پر جي ٿورو به شڪ يا ڊپُ ڊاءُ محسوس ڪريو ته مهرباني ڪري ’نارٿ سي پائلٽ‘ *Hire* ڪريو. نارٿ سي پائلٽ جي في جيتوڻيڪ لکن ۾ ٿئي ٿي پر جهاز جي سلامتي ڪارڻ مالڪن کي اهو ڦاهو ڦڪڙو پوي ٿو. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڏيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي ’پائلٽ ـ ڪئبن‘ سڏجي ٿو.

**خلاصي** : جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي *(Crew)* سڏجي ٿو. خلاصين ۾ ڪي انجڻ روم جا خلاصي سڏبا آهن ته ٻيا ڊيڪ ۽ گئلي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمند جي پاڻيءَ ڪري زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا ڇڪڻ ۽ سڪانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجڻ روم جا خلاصي تيل



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وارا ۽ آڳ وارا سڏبا آهن. گئلي وي جي ڊيوٽي ۾ اسٽيورڊ (بٽرا)، بورچي، پنڊاري (پاڃي ڇلڻ وارا) ۽ ٽوپس (پنگي) اچي وڃن ٿا.

**ٿرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر وغيره وغيره** : جهاز هلائيندڙ عملي جا ٻه اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر به سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (*Navigators*) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وٺي هلڻ آهي. مندن موسمن، سمنڊ ۽ هوائن جي چاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصان کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاهه ۾ ڪارگو (سامان) جو طريقو ڪيڍي ان موجب رکرائڻ ۽ لاهرائڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي. جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نه فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرڪسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻيءَ ۽ تيل جا ڪيترائي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن. ڊيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس ڪئپٽن آهي. ڊيڪ ڪئڊٽ سڀ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي. اهڙي طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو انجنيئرنگ ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سڏجي ٿو. ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿانهون چيف انجنيئر آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر آهن. مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو هميشه ٻارهين کان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاهه ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنڀال آهي. ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي، ڊيڪ آفيسرن مان، سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي. هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سٺي دوستي رهي ٿي. اهڙي طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي.

**ريڊيو آفيسر** : انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي. ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي جهاز ۽ بندرگاهه وارن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي. جهاز تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ *Visa* ۽ ٻيون ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر:** مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئر آهن) کان علاوه جهاز تي ٻہ ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئر پڻ ٿئي. جن جو خاص ڪري اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو ڪم هوندو آهي. اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئر جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ٿا.

**نيويگيشن** : سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي *Navigation* سڏجي ٿو. سمنڊ تي خشڪيءَ جي رستن وانگر رستا نہ آهن. سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو وٺي يا بچاءُ ڪري، جهاز هلائڻ نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي. نہ فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ تي چار دفعا سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي تہ جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نہ. البت هاڻ ڪجهہ اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي تہ جهاز ڌرتيءَ جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي. ان اوزار کي *Satellite Navigator* سڏجي ٿو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**جهازي** : هر اهو ماڻهو جيڪو جهاز تي ڪم ڪري ٿو ان کي جهازي يعني *Sailor* يا *Seafarer* سڏجي ٿو. هونءَ *Sailor* ۽ *Seaman* نيوي جي جنگي جهاز تي هيٺين عملي جون *Ranks* پڻ آهن.

**سيڪيورٽي انجنيئر**: بندرگاهه ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينيئر انجنيئر ضرور جهاز تي ڇڏبو آهي، جيئن هو باهه لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي. ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو. سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ يا ٻه جونئر انجنيئر يا ففٿ انجنيئر پڻ هوندو آهي، جنهن کي انجڻ روم ۾ رهڻو پوندو آهي.

**انجڻ روم** : جهاز جي انجڻ روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلازا يا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيترين ئي مشينون آهن. جهاز جو پنکو *Propeller* هلائڻ واري مشين *Main Engine* سڏجي ٿي. جيڪا ٿي چار ماڙ ٿئي، جنهن جو هڪ هڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سيلنڊر ايترو تہ وڏو ٿئي جنهن ۾ تي ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ۽ اٺ نَوَ فوٽ ڊگهو ٿئي. مين انجڻ کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن. جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بٺالر، ايئرڪمپريسر، ايووپريٽر، ڪولر، هيٽر، *Sewage* پلانٽ وغيره

**پروپيلر** : جهاز جي پٺئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي *Propeller* سڏجي ٿو. جهاز کي ڌڪيتا نہ ٿين. پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڃي ٿو. جهاز جي پنکي هلائڻ واري انجڻ کي مين انجڻ سڏجي ٿو.

**سيلنگ بوٽ**: جيڪا ٻيڙي سڙهہ *(Sail)* تي هلي ان کي *Sailing Boat* سڏجي ٿو. انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ *Sailing Ships* سڏبا هئا. جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي *Rowing Boats* سڏجن ٿيون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**ڊراءِ ڊاڪنگ** : لڳاتار سمنڊ ۾ ٻيهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون ساموندي شيون *(Sea Growth)* چهٽيو وڃن جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ اچي بيهاربو آهي جنهن کي ڊراءِ ڊاڪ *(Dry_Dock)* سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي *Dry_Docking* سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي ته ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضروري آهي.

**جيٽي** : بندرگاهه جو ڪو جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نه ملندي آهي ته پوءِ جيٽيءَ سان لڳل جهاز جي پرسان ٿي بيهندا آهن. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي ته اسان جو جهاز فلاڻي جيٽيءَ تي بيٺل فلاڻي جهاز جي *Alongside* آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' به بيهاريو وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاسي بيٺل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارج *(Barge)* تانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي ’ٽگ بوٽ‘ يا عام لانچ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين پهچائڻ لاءِ رسيءَ ذريعي ڇڪي.

**ڊيرڪون** : جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ بندرگاهه تي ڪرينون *(Cranes)* ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نه ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرينن ذريعي سامان لاٿو وڃي ٿو. جهاز جي *Cranes* کي ڊيرڪ *Derrick* سڏجي ٿو.

**ڪئبن** : جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون *(Cabins)* سڏجن ٿيون.

**ڊيوٽي ميس** : جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي *Dinning Saloon* سڏجي ٿو جنهن ۾ سڀ آفيسر، گهڻو ڪري يونيفارم ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهري کان مشهور ٿئي. هرڪو فري اسٽائيل ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻتاڪ ستاڪ هٽندو آهي. ٻئرن ۾ وڏن آفيسرن جي اچ وڃ نہ هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفہ، شعر و شاعري ۾ پنهنجا پراوا *Scandal* آزادانہ نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

**برج روم** : جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي. جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي، جيئن مختلف سمنڊن جا چارٽ ڏسي ۾ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهہ ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندر جهاز ڏسي سگهجن. برج جي ڪابي ۾ ساڄي پاسي واري حصي کي *Wing* سڏجي ٿو.

**بُل ورڪ** : جهاز جي چوڌاري ڏنل ڀنوڙي کي *Bulwark* سڏجي ٿو.

**بنڪر** : جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل وٺجي ٿو ان کي *Bunker* سڏجي ٿو. بنڪر وٺڻ وارو سڄو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊوڙ ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نہ پر ڪيترن ئي قسمن جو تنن جي حساب سان ونڊو پوي ٿو جنهن کي مختلف ۾ مقرر ٽيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهہ هزار کن ٽن جهاز لاءِ اتڪل هي تيل ونبا آهن. جيڪي مهينو کن هلن.

هيوي فيول H.F.O ـ ٻارهن سؤ کن ٽن
مئرين ڊيزل آئل ـ چار سؤ ٽن
لائيٽ ڊيزل آئل ـ هڪ هزار گئلن
ڪرئنڪيس آئل ـ چار هزار گئلن
سلينڊر آئل ـ ٻہ هزار گئلن
ٽربائين آئل ـ هڪ هزار گئلن، وغيره وغيره.

**ائنڪر** : جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (*Anchor*) لڙڪيل ٿئي ٿو جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل سمنڊ جي تري ۾ ڪيرايو ويندو آهي. ائنڪر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نہ ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي تہ ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي ٻاهر ڇڪي ڪڍبو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. بندرگاهه ۾ جيٽيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر ڪيرائڻ بدران جهاز کي جيٽيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو ويجي ٿو. لنگر (*Anchor*) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي جڏهن ضرورت پوي ٿي ته اڇلائي وڃي ٿي ۽ جڏهن ضرورت ناهي ته پٽ تان ڪٽي رکي ويندي آهي.

**ائنڪريج** : سڄو سفر پورو ڪري، جهاز جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو ته هن کي اجازت نه آهي ته بندرگاهه ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهه ۾ اچڻ کان اڳ بندرگاهه کان ٿورو پريرو ڪلئي سمنڊ ۾ هن کي لنگر (*Anchor*) ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهه اٿارٽيءَ طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو ڪلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي، جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاهه طرفان پائلٽ اچي ٿو جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاهه ۾ مقرر ڪيل جيٽيءَ تي بيهاري ٿو.

هر بندرگاهه جي ٻاهران، ڪلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز کي ائنڪر ڪيرائي اندر اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو ان کي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*Anchorage* (ائنڪريج) سڏجي ٿو. ائنڪريج تي بيھڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان ڪري جو ائنڪريج تي نہ جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نہ ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (*Overhauling*) ڪري سگهجي ٿي. سو مسافري جو ٿڪ پيچڻ ۽ آرام لاءِ ائنڪريج سٺو آهي. ساڳي وقت انتظار بہ ڪرڻو پوي ٿو تہ خبر نہ آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائن جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۽ گهمي ڦري سگهجي. اجڪلهہ ڪيترائي بندرگاهہ ماڊرن ٿي ويا آهن ۽ ڏينهن اڌ جي انتظار بعد اندر گهرايو وڃي ٿو. هڪ اهڙو بہ سفر ياد اٿم جنهن ۾ ڪراچي کان ڪيوبا سفر ۾ مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي ائنڪريج تي مهيني کان بہ مٿي انتظار ڪرڻو پيو. ان بعد مهيني کن لاءِ جهاز بندرگاهہ ۾ گهرايو تہ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي بہ اجازت نہ ڏني.

ائنڪريج کي ڪڏهن ڪڏهن فقط ائنڪر بہ چيو وڃي ٿو. چي اسان جو جهاز چار ڏينهن ائنڪر تي بيٺو ان بعد بندرگاهہ ۾ اندر آيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

**ڊوميسٽڪ فرج** : جهاز تي ٻه ٽي ڪمرا گوشت، مڇيءَ، ڀاڄيءَ ۽ ميوي کي ٿڌو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٿڌو رکيو ويندو آهي ان کي ’ڊوميسٽڪ فرج‘ سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اتڪل چاليهه کن ردون، ٻڪريون ۽ ڍڳيون هونديون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهم سمجهي ويجي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگهي ٿو ـ جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ئي اڇلڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت خريد ڪرڻ لاءِ ويجهي بندرگاهه جو رُخ رکڻو پوي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# الطاف جو فن ۽ فڪر

الطاف شيخ جو هي اٺون سفرنامو: ”سي ئي جوين ڏينهن“ پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. هن کان اڳ ’انامیکا‘ 1965ع, ’منهنجو ساگر منهنجو ساحل ‘ 1969ع, ’پيار جي گهُٽ‘ 1970ع, ’سمونڊ جن ساٿيھ‘ 1972ع, ’سمنڊ جي سيوين‘ 1973ع, ’دنيا آهي ڪاڪ محل‘ 1974ع ۽ ’بندر بازارون‘ 1975ع, گُذريل ڏهن سالن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

مذڪوره دلچسپ ۽ معلومات افزا سفرنامن هن جوان سال ۽ زنده دل اديب کي ڏهن سالن جي مختصر عرصي ۾ سنڌ جي ممتاز اديبن جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي.

الطاف جي مقبوليت جو سبب هي آهي تہ هن جو ذهن سُلجهيل ۽ صاف, ديانتدار ۽ سچو آهي. سندس لکڻين ۾ تازگي, شوخي ۽ ماحول سان هم آهنگي آهي. هو تنقيد ڪرڻ وقت مصلحتن ۽ دنياسازيءَ مان ڄاڻي ئي ڪون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سندس لکڻين جو هڪڙو مقصد هي بہ آهي تہ سنڌ وارن کي ٻيروني دنيا سان روشناس ڪرائڻ ۽ منجهن سير و تفريح، سياحت ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ اتساهہ ۽ حوصلو پيدا ڪرڻ. خاص طور سنڌ جي ننڍي ٿَهي ۽ نئين نسل ۾ الطاف شيخ جي لکڻين گهڻو اعتماد ۽ بلند حوصلو پيدا ڪيو آهي.

اها اسان کي خبر ڪانہ هُئي جيڪا الطاف ٻُڌائي تہ دنيا جو اهو ڪو شهر، ڪو ملڪ ڪو بندرگاهہ ناهي، جتي سنڌي باعزت طور آباد نہ هُجن. دنيا جي هر خطي ۾ سٻاجهڙا سنڌي صدين کان آباد آهن ۽ اتي نهايت باوقار ۽ باعزت زندگي گُذارين ٿا ۽ ڪين سنڌ ۽ شاهہ لطيف لاءِ اڄ بہ بي انتها عقيدت آهي.

الطاف جي مربوط ۽ تازا ترين سفرنامن جي ملڪي ۽ غير ملڪي پڙهندڙ گهڻي قدرداني ڪئي آهي ۽ پاڪستان رائيٽرس گِلڊ ڪيس سندس لکڻين تي انعام ڏنو آهي.

الطاف جو جڏهن پهريون ڪتاب 'اناميڪا' شايع ٿيو تہ سندس عمر ويهن سالن کان بہ گهٽ هُئي، هو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان پڙهي ميرين اڪيڊمي چٽگانگ ويو جتي هن فني تعليم سان گڏ بنگالي زبان تي عُبور حاصل ڪيو ۽ چُونڊ بنگالي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

افسانن جو ترجمو ڪري، سنڌي ۽ بنگالي اديبن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

الطاف جا سفرناما دراصل انهن ملڪن جي چڱي خاصي تاريخ آهن. تاريخ لکڻ لاءِ مؤرخ ۽ سياح ۾ جيڪي خوبيون هئڻ گهُرجن سي سڀُ هن ۾ بخوبي موجود آهن. مثلاً ان ملڪ جي ٻوليءَ جي ڄاڻ، ان ملڪ جو بار بار دورو ڪري، اتي جي سياسي پس منظر کان آگاهي، اتي جي مذهبي حالتن جو علم، اتي جي هر طبقي جي ماڻهن سان ميل ملاقات، انهن جي قومي تقريبن ۾ شرڪت، انهن جي شادين مُرادين ۾ شرڪت، ان ملڪ جي تازه ترين لٽريچر ۽ تاريخ جو مطالعو ۽ مشاهدو ۽ انهيءَ سموري معلومات کي غيرجانبداري ۽ فني ترتيب سان تحرير ۾ آڻڻ جو اسلوب ۽ انداز.

جيئن پوءِ تيئن الطاف وڌيڪ مصروف ٿيندو ويو هن جڏهن ”سمونڊ جي سيوين“ ۽ ”بندر بازاريون“ ڪتاب لکيا ته هو سينيئر ميرين انجنيئر هو. پر انهن ڪتابن ۾ ويتر وڌيڪ تفصيل ۽ باريڪيءَ سان سفرناما قلمبند ڪيا اٿس ۽ هاڻي جڏهن سندس هي تازه ترين ڪتاب ڇپجي چُڪو آهي ته الطاف چيف انجنيئر جي اهم عهدي تي فائز آهي ۽ تمام مصروف سرڪاري ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيشيوراڻي ذميدارين سان گڏ هو جهاز تي پنهنجي ڪُٽنب سان گڏ سفر ڪندو آهي. مون سمجهيو ٿي ته هاڻي سندس لکڻ جي رفتار سستُ پئجي ويندي نه ته به ڪم از ڪم هو ايتري باريڪي ۽ گهرائيءَ سان ۽ ايتري *Sharp Vision* ۽ پرپور ائپروچ *Approach* سان لکي ڪونه سگهندو پر سندس لکڻين ۾ اهائي حيرت انگيز تازگي ۽ شوخي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، هن ڪتاب ۾ ته ويتر وڌيڪ سنجيدگي ۽ پُختگي به موجود آهي. نه صرف ايترو پر اسان سندس هن ڪتاب ”سي ئي جوين ڏينهن“ کي خالص تحقيقي مقالو چئي سگهون ٿا. جنهن ۾ سريلنڪا جي تاريخ، تهذيب تمدن، اقتصاديات، جاگرافي، مذهب، ٻولين، ڏنڍن، ريتن رسمن، مزاج، ماحول، مسائل ۽ وسائل جو مستند حوالن سان احوال ڏنو ويو آهي. جنهن ڪري هي ڪتاب سنڌ ۽ سريلنڪا وارن لاءِ اهم حوالي جو ڪتاب چئي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب لکڻ ۾ الطاف جي ڏهن سالن جي محنت ۽ تحقيق شامل آهي. اجا هو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندو هو ته هن جا بيشمار قلمي دوست ڪولمبو سان تعلق رکندا هُئا. جن سان هو گهڻو حُجائتو هو ۽ ڪانئن سندن ملڪن بابت طرحين طرحين جا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سوال پُڇندو هو. ڪولمبو هڪ اهڙو بندرگاهه آهي جتي الطاف جي جهاز کي اڪثر هر سفر ۾ ايندي ويندي ترسڻو پوي ٿو ۽ کيس سريلنڪا جو تفصيلي ۽ بار بار دورو ڪرڻ جا موقعا ملندا رهيا آهن. تنهن سان گڏُ الطاف کي ڪيترن ئي مستند غيرملڪي تواريخن ۽ مذهبي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻو پيو آهي ۽ کيس سنهالي، هندي، چيني، انگريزي ۽ عربي زبانن سکڻ جي ضرورت محسوس ٿي. هن کي تاريخ اسلام سان گڏُ ٻڌ مذهب ۽ هندو ڌرم جو تقابلي اڀياس *(Comparative Study)* ڪرڻو پيو ۽ هنن مذهبن جا سمورا مندر ۽ تاريخي يادگار کيس ڏسڻا پيا ۽ انهيءَ معلومات کي مربوط ڪري هن نوجوان اديب سريلنڪا جي ڪلچر ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

ممڪن آهي ته هي ڪتاب انگريزي يا سلوني زبان ۾ ترجمو ڪيو وڃي ۽ سلون جا رهواسي ۽ ٻيا غيرملڪي پڙهندڙ هن محنتي ۽ مخلص اديب جي تعريف جا ڍُڪ پيرين. مون کي يقين آهي ته سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪولمبو يونيورسٽي هن ڪتاب جي قدرداني ڪندي، جنهن ۾ لائق محقق جو خلوص، درد ۽ انساني دوستيءَ جا جذبا ڪارفرما آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جيڪڏهن هن ڊائري کي ايڊٽ ڪري سمورا حوالا، حاشيہ ۾ هينيان ڏئي، مسلمہ ترتيب سان، مصنف ۽ ڪتاب جو نالو سن طباعت، تعداد، واليوم ۽ (جلد) پبلشر جو نالو ڏجي ها تہ هن تحقيقي ڪتاب کي فني طور وڌيڪ بهتر بنائي سگهجي ها ۽ اجا وڌيڪ سُٺو ٿئي ها جو هيڏي ساري محنت سان لکيل ڪتاب جي اڳيان فهرست، ماخذ ۽ آخر ۾ ببلوگرافي کي ترتيب ڏئي ڪتاب ۾ شامل ڪجي ها ۽ پڙهُ سلون جو نقشو ۽ ٻين تاريخي عمارتن ۽ شهرن جون تصويرون *Illustrations and Pictures* هن ڪتاب ۾ اچي وڃن ها تہ هن ڪتاب جي اهميت کي چار چنڊَ لڳي وڃن ها. ڇو تہ يقينن اڳتي هلي هي ڪتاب مؤرخن، محققن ۽ ترجمو ڪندڙن لاءِ هڪ ڪارائتي شيءِ ثابت ٿيندو.

الطاف جي سمورن ڪتابن جو لهجو عوامي اسٽائيل (*Spoken Form*) ۾ آهي جيڪو عام طور انهن گرامري بندشن ۽ بيهڪ جي نشانين کان مستثنيٰ ۽ آجو هوندو آهي. هو جيئن جيئن سير سفر ڪندي پنهنجي دوست مظهر سان گفتگو ڪري ٿو جيئن جيئن ٽئڪسي وارن، دڪاندارن، بوڪ سيلرن، درزين، سئنيما وارن سان ڳالهائي ٿو دعوتن ۽ پارٽين ۾ جيڪا سندس گفتگو ٿئي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿي، ان جو هوبهو هڪ ٽيپ رڪارڊ سفرنامي جي صورت ۾ اسان تائين سندس دوستن جي خطن ذريعي قرطاسي قالب ۾ اوتي اُماٽي ٿو. ائين نه ڪرڻ سان يقينن سندس سفرنامي مان اها اصليت، رنگيني ۽ رونق غائب ٿي وڃي ها. نيٺ ادبي ڪتابن ۾ گرامري اصولن موجب لکيل تڪلف واري زبان ۽ لهجي *Standard Dialect* ۾ *Written Form* ۾ ڍاليل اسلوب ۾ هي سفرناما لکيا وڃن ها ته هي ڪتاب هڪ رسمي، مصنوعي ۽ اوقتو پيو لڳي ها.

هن ڪتاب ۾ به الطاف سندس ٻين سفرنامن وانگر جا بجا ٻين ملڪن جي حالات کي پنهنجي ملڪ جي حالتن سان ڀيٽيندو ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪندو آيو آهي. سندس رايي موجب اڄ به مشرق جا ڪم و بيش سمورا ترقي پذير ملڪ معاشي بدحالي، غربت ۽ افلاس ، بک بيروزگاري، ناخواندگي ۽ غير يقيني ڪيفيتن سان دوچار آهن. اهڙن حالتن ۽ واقعن جو هن بارها ذڪر ڪيو آهي ۽ نهايت دردانگيز انداز ۾ هن سريلنڪا توڙي ٻين ملڪن جا اهڙا ڀيانڪ منظر چٽيا آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الطاف هاڻ هڪ سنڌ واسيءَ کان وڌيڪ هڪ بين الاقوامي شهري بنجي چُڪو آهي. ساري دنيا هن جو گهر آهي. بقول اقبال جي

"مسلم هين هم وطن هي سارا جهان همارا"

دنيا جي هر ڪنڊ ۾ وسندڙ غريب، مفلس ۽ نادار لاءِ ساڳي محبت ۽ همدردي جا جذبا رکي ٿو. ميوو وڪڻندڙ ٻُڍِڙيءَ جي درد انگيز داستان جو بيان ڪندي سندس اکيون آليون ٿيو وڃن. هن حساس اديب لاءِ انسانيت جو درد ۽ ڪرب، چنتا ۽ پيڙا يڪسان طور مؤثر ۽ پريشان ڪُن آهي. چاهي هو سنڌ جو هجي يا سريلنڪا جو.

هو شاهه لطيف جي هن دعا موجب سموري دنيا ۾ سُڪار ۽ امن ۽ شانتيءَ جو دعاگو آهي:

"سائينمِ! سدائين ڪرين مٿي سنڌُ سُڪار
دوست مٺا دلدار! عالم سڀُ آباد ڪرين."



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هر روز هو نوَن نوَن ۽ حيرت انگيز تجربن مان گُذرندو رهي ٿو ۽ انهن حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي ملڪ جي حالتن سان ڀيٽيندو ۽ انهن جي ڀيانڪ نتائج کان خبردار ڪندو رهي ٿو. هر ماحول ۾، هر حالت ۾ هو جيڪو ڏسي ٿو. جيڪي وهي واپري ٿو سو سڀُ هوبهو بنا هٻڪ ۽ هچڪ جي بنا ترديد ۽ ترميم جي اسان تائين پهچائي ٿو.

الطاف جي انهن لطيفن ۽ واقعن ۾ به هڪ مقصد هوندو آهي ته پڙهندڙ معاشري جي اوڻاين، شراب نوشي، جنسي بي راهه روي، بُک افلاس، بيروزگاري جي اصلي سببن مان به واقف ٿين ۽ انهن ڀيانڪ نتيجن کان به آگاهه ٿين. هو پڙهندڙن جي احساس، حوصلي اخلاق جي اصلاح جو عزم ۽ مقصد رکي ٿو.

نشي جي عادت، بيروزگاري ۽ افلاس سبب پيدا ٿيندڙ ناخوشگوار حالتون، چوريون، ڦريون، اخلاق سوز واقعات ۽ ٻيون عجيب غريب وارداتون ڏسي هو گهڻي ڏک ۽ حسرت سان لکي ٿو ته:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”اهي سڀ اسان جي مشرق جون خاص نشانيون ۽ علامتون آهن.“

پنهنجي لکڻين ۾ پنهنجي وسيع مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي جيڪي نتيجا اخذ ڪري ٿو سي سندس اخلاقي بلندي ۽ اعليٰ ظرف جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ اسان سڀني لاءِ حوصلي افزا آهن. هو لکي ٿو:

”انهن ڳالهين هوندي به جيڪا خوشي (مشرق جي مفلس ۽ نادار) پوڙهيءَ جي چپن تي مسڪراهٽ جي صورت ۾ نظر اچي رهي آهي، اهڙي خوشي، اهڙو توڪل ۽ اهڙو سُڪون، مغرب وارن کي سڀُ ڪجهه هوندي به حاصل نه آهي.“

ڊاڪٽر پروفيسر عبدالرحمان قريشِي
ايم.اي، ڊي.ايل.سي.سي،
پي.ايچ.ڊي.
12 آڪٽوبر 1977ع

هائوس نمبر E-1
ستيزن هائوسنگ سوسائٽي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حيدرآباد


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پراڪر

ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس هُئي، موسيقيءَ واري شام تي ٿورو دير سان پهتاسين. ماڻهو جايون والاري چُڪا هُئا. اسين سيٽن وچان لنگهندا پنهنجين جاين ڏانهن پئي وياسين ته ڪنهن مون کي سڏ ڪيو. اوپرو آواز اوپري شڪل جو هڪ نوجوان پاڻ سان گڏ ويٺل ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

”ادي هيءَ منهنجي زال آهي، توهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق اٿس.“ هن جي انداز مان چاڻ سُڃاڻ هئڻ جو تاثر مليو. هڪ پل ۾ گهٽائي نالا ذهن ۾ آيا. سوچڻ کان پُڇڻ بهتر سمجهيم.

”ادا توهين......“

”آءٌ الطاف شيخ آهيان ۽ هيءَ منهنجي زال مستوره ......“

بابا جيڪو مون کان اڳيان هو تنهن يڪدم مُڙي نهاريو.

”ڪير ...... الطاف شيخ؟“

”ها سائين الطاف شيخ ...... نديي هوندي مصباح سان ڪئڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندو هئس.“ هو بابا سان مليو. ”الطاف شيخ - الطاف شيخ“ سيني مُڙي ڏٺو. اهو نالو اسان لاءِ ڪنهن به طرح اوپرو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪونہ هو. منهنجي پُنيان حُسين هو. ٻئي ڄڻا مليا ۽ پوءِ گڏجي ٿورو پرڀرو هڪ ٻئي دوست سان وڃي ويٺا. آءٌ ادي مستوره سان ٿي ويٺس. سهڻي سباجهي سياءَ واري پيرڻ تي ڏٺي ...... اسان جي گفتگوءَ جو موضوع پهرين ادب ۽ پوءِ سفر هو. اتفاق سان ٻنهي جا جيون ساٿي 'لاڳيتو سفر' ڪرڻ وارا آهن. هڪ جو ساموندي سفر تہ ٻئي جو هوائي سفر! (پڪ ئي پڪ بقول امر جليل جي انگريزي سفر "Suffer"!) اهو انگريزي سفر پاڻ نہ پر اسين سندن اسهڻ ڪان پوءِ هيڪلائيءَ ۾ ڪنديون آهيون. هوڏانهن هو بہ شايد ساڳيو موضوع ڪنيو ويٺا هُئا. هنن وٽ موضوع جي کهڙي ڪوٺ. سڄي دنيا رلڻ (ياءُ الطاف سان معذرت)، پانت پانت جي ماڻهن سان ملڻ ڪري پين ڳالهين سان گڏ ڳالهائڻ جو فن بہ تہ اچي ٿو ۽ جي ان سان گڏُ لکڻ جي ڏات بہ هُجي تہ۔ نتيجو 'الطاف شيخ'!

الطاف شيخ کي آءٌ ان وقت کان پڙهندي اچان جڏهن هو اخبار ۾ خط لکندو هو ۽ هڪ ۾ اعتراف ڪيو هُئائين تہ مون کي سنڌي ايتري سُني لکڻ نہ ٿي اچي نہ تہ جيڪر گهڻو ئي لکان. (اهو بهانو ڪندڙ سنڌي عبرت حاصل ڪن.)


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن کي ان وقت پڙهيو هئم جڏهن مون حيدرآباد کان وڏو ڪو ٻيو شهر ڪونہ ڏٺو هو. تڏهن بہ هن کي ڏاڍي چاهہ مان پڙهندي هئس ۽ هاڻ جڏهن تہ نہ رُڳو پاڪستان پر ايشيا ۽ يورپ جا ڪيترا وڏا شهر گهُمي ڏٺا اٿم، تہ بہ الطاف جا سفرناما شوق سان پڙهندي آهيان.

آءٌ پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ توڙي ادبي زندگيءَ ۾ تمام گهٽ ڪنهن کان متاثر ٿيندي آهيان. مون گهٽائي افسانا ۽ مضمون لکيا آهن. شاعري بہ ڪئي آهي (مختلف سُگهڙين جي نالن سان) پر انهن ۾ مون ڪنهن جو بہ اثر وٺڻ کان سواءِ پنهنجي نموني ڪوشش ڪئي، پر جڏهن 'سگهڙين ست' لاءِ پنهنجي سفر جون 'يادگيريون' ۽ سوچون لکيم تہ هروبرو بہ الطاف جي اسٽائيل ۾ لکيم. اهو پاڻمرادو بہ ٿيو تہ ڪجهہ منهنجي شعوري ڪوشش بہ هئي. ظاهر آهي تہ مون بہ اهو ئي ٿي چاهيو تہ منهنجون لکڻيون بہ انهيءَ چاهہ ۽ شوق سان پڙهيون وڃن جنهن سان الطاف جا سفرناما پڙهيا ٿا وڃن. انهن ۾ بہ اهو جادوئي اثر پيدا ٿئي جيڪو پڙهندڙ کي گهيريو وٺي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لنڊن هُجي يا پئرس، بينڪاڪ هجي يا منيلا يا ٽوڪيو آءُ اتي جي بازارين، تفريح گاهن، هوٽلن، بسن، ٽيوبن ۾ ۽ رستن تي - مطلب تہ هر هنڌ پئي سنڌين کي ڳوليندي هئس تہ جيئن انهن متعلق لکان. ڪوشش ڪندي هئس تہ انهن ملڪن جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، جاگرافيائي حالتن ۽ تاريخي پس منظر تي بہ لکان، بلڪل الطاف وانگي: پر سچي تہ اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي پاڻ کان ڪونہ پُڳو.

سنڌيءَ ۾ سفرناما لکڻ جي تاريخ گهڻي پُراڻي ڪانهي. اسان وٽ تمام ٿورا نالا آهن جن پرڏيهہ وڃي جيڪي اتي ڏٺو سو لکيو. پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا بيان ڪيا. ابتدائي سفرناما هئڻ ڪري اهي پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر الطاف پڙهندڙ کي بہ پاڻ سان وٺي هلي ٿو.

الطاف جي هن ڪتاب ۾ سريلنڪا جو سفرنامو آهي. هن پُراڻي - ويدن جي وقت ۽ هن وقت جي سريلنڪا بابت معلومات ڏني آهي. ڪولمبو ۾ گذريل ڪجهہ ڏينهن جي يادگيرين کي ميڙيو آهي. اتي جي سماجي ۽ سياسي حالتن تي لکيو آهي. مشرق ۽ مغرب جي ماڻهن جي مجموعي ۽ سيلونين جي انفرادي سوچ ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ذهني لاڙن جي پنهنجي نموني چنڊ چاڻ ڪري ۽ ان کي مغرب سان پيٽيو آهي. سموري ننڍي کنڊ ۾ آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ۾ ماڻهن جي ذهنيت جو اڀياس ڪيو آهي.

هن سفرنامي ۾ هن هميشه وانگر معلومات ڏني آهي. سلون جي اصلي نالي جي ڀُڃيان جي بڻ بڻياد. سلون جي ٻوليءَ جي ارتقائي مرحلن ۽ اتي رهندڙن جي اصل نسل کان وٺي هيل تائين جي سماجي ۽ مذهبي حالتن ۽ سياسي نظرين تائين تفصيل سان لکيو اٿس. سلون جي جاگرافيائي اهميت کي پڙهندڙن آڏو واضح ڪرڻ لاءِ هن ملتن ۾ شاهه جي شعرن جا حوالا ڏنا آهن. مختلف تاريخن مان نور نچوئي چاڻ حاصل ڪئي آهي، سندس مقصد پڙهندڙ کي معلومات پهچائڻ آهي...... پر هتي هڪ ڳالهه ٿوري تنقيدي گهري ٿي سا اها ته الطاف جي اڳوڻن سفرنامن جي اها هڪ خوبي آهي ته انهن ۾ 'معلومات' ذهني تفريح مهيا ڪندي ڪندي ڏني اٿس پر هن سفرنامي ۾ هن جو قلم گهڻو سنجيدو ٿي ويو آهي جيڪو سنجيده ماڻهن کي وڏيڪ وڻندو. هن ۾ وندر کان وڌيڪ هڪ معلوماتي مضمون وارو انداز عام پڙهندڙ کي شايد ايترو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*Appeal* نہ ڪي ...... هڪ طرح ائين ڪٽي چئجي تہ هي سفرنامو پڙهيل لکيل طبقي ۾ وڌيڪ پسند پوندو بنسبت عام ماڻهوءَ جي.

هونئن الطاف پڙهندڙن جي دلچسپيءَ مان واقف آهي. جڏهن سريلنڪا ۾ رهندڙ برگر يا ڊچ نسل جي ماڻهن جو ذڪر ٿو ڪري تہ انهن کي پنهنجي ملڪ جي ’ڪارن انگريزن‘ سان ڀيٽي ٿو. ائين پڙهندڙ اڳيان بلڪل صحيح نقشو چٽجي ٿو ۽ ائين ٿو لڳي تہ اهي اسان جي اڳيان موجود آهن. انهن جي احساس برتري (احساس ڪمتريءَ جو ٻيو نالو) جي ڪري، ديسي لهجي ۾ انگريزي ڳالهائڻ جو نظارو اکين اڳيان ڦريو اچي.

فرينڪلن جي گهر جو نقشو اتي پارٽيءَ ۾ ڏنل ماحول جو ذڪر، اهي سڀُ حقيقي زندگي آهن ۽ اسان جا ڏٺل وائٺل آهن. يا هن کي خبر آهي تہ ماڻهن جي اڪثريت ريڊيو سلون ٻڌي ٿي، ان جي اناؤنسرن ۽ پروگرام پيش ڪرڻ وارن کي سُڃاڻي ٿي، تہ هو انهن مان هڪ سان ملاقات ٿو ڪرائي. اڪثر هنڌن تي چرچا ۽ ٽوٽڪا بہ سندس ’اسٽائيل‘ جو هڪ حصو آهن جيڪي سندس لکڻ ۾ مزاح يا (*Humor*) جو هڪ طريقو آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مجموعي طرح هي سفرنامو الطاف جي ٻين سفرنامن وانگر هڪ قسم جو معلوماتي ادب آهي جيڪو يقينن سنڌي ادب جي اؤسر ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

**فهميده حسين**
**4 اپريل 1976ع**


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪو زمانو هو ـ عيسوي سن کان اڳ جو نہ پر ڏهہ پنڌرهن سال اڳ (1960) جو ـ جو ڪولمبو سياحن ۽ جهازين (*Sailors*) لاءِ جنت هوندو هو. دنيا جي هر شيءِ ملندي هُئي ۽ تمام سستي اگهہ تي. ٻاهرين ملڪن کان ڪولمبو گهمڻ لاءِ مسافرن جي پيهہ لڳي رهندي هئي. يورپ کان آسٽريليا ويندي، آمريڪا، نيوزيلنڊ يا ڏور اوير جي ملڪن طرف ويندي، هر مسافر ڏينهن ٻن لاءِ هتي منزل ضرور ڪندو هو. گهمندو ڦرندو هو. هوٽل ۾ کائيندو پيئندو هو. دڪانن تان ديسي ولايتي شيون خريد ڪندو هو. ٽئڪسين ۽ ٽرامن ۾ چڙهندو هو. مندرن، پگوڊائن، نمائشن، چڙيا گهرن ۽ سئنيمائن ۾ پئسا خرچ ڪندو هو ۽ هتي جا شهري ـ بار ڪڻ واري مزور کان وٺي وڏي هوٽل جي مالڪ يا مئنيجر تائين پئسو ڪمائڻ ۾ مشغول هوندا هُئا.

ڪولمبو جي خاص بارونق علائقن: هاءِ اسٽريٽ، پيٽا، بوريلا، فورٽ ۽ گال روڊ جا دڪان تہ هانگ ڪانگ وانگر رات جو ٻارهين هڪ تائين کليا پيا هوندا هئا. ماڻهن جي هل هلان، روشني، ٺهڪ، موٽر لارين جو گوڙ شور ـ ڪولمبو ۾ هڪ عجيب رونق ۽ زندگي سمايل هُئي. ۽ اهي مسافر ۽ جهازي جڏهن ڏينهن ٻن جي ترسڻ بعد


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هليا ويندا هُئا تہ پنهنجن پيرن جا نشان ڇڏڻ بدران خرچيل غير ملڪي ناڻو ڇڏي ويندا هئا. جن تي هتي جي لوڪل ماڻهن جو گذران ٿيندو هو ڇاڪاڻ تہ سلون جي گهٽي آمدني چانهہ، ڪاٺ، ناريل ڪان وڌيڪ آيل مسافرن تي آهي.

هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ ڪنري پيٺ وانگر سلون ڪي پنهنجي زرعي ۽ معدني پيدائش، فئڪٽريون ۽ ڪارخانا نہ هُجڻ ڪري ـ يا تمام گهٽ هجڻ ڪري، ڪمائيءَ جو دارومدار سياحت (*Tourism*) تي آهي. پهرين سلون فري ـ پورٽ هئڻ ڪري، سلوني واپاري ڌارين ملڪن مان خريد ڪيل سامان هتي نفعي تي وڪڻي ڪمائي ڪندا هُئا. جپاني مسافر آمريڪا وجي قميصون خريد ڪرڻ بدران، آمريڪي قميصون هتان سلون مان ئي خريد ڪندا هُئا. ساڳئي وقت آمريڪا ۽ يورپ جا ماڻهو جپان وڃڻ بدران سلون مان ئي جپاني ريڊيا، واچون، ڪئميرائون ڳنهندا هُئا. مطلب تہ ڪولمبو ۾ بارهوئي ميلو متل هوندو هو.

پر اڄ اهو ڪولمبو پساهہ ڪڻندڙ بيمار مثل ٿي پيو آهي. بدلجندڙ حڪومتون، سياستدان، امير، واپاري پنهنجي پنهنجي وت آهر ڊاڪٽرن جي روپ ۾ ان کي مرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڳا پيا آهن ـ ۽ ان بابت ايترو ضرور چوندس ته هر ڊاڪٽر جي دوا يڪ ٽڪ ۽ هر حڪيم جي سُتي ترياق به ته نه ٿيندي آهي. ڪٿي ڪو ڊاڪٽر دوا جو غلط ڊوز ڏئي، هي سوجهرو به چٽُ نه ڪري ڇڏي.

هي ٻيٽ جنهن کي ڪنهن زماني ۾ ٽئپروبين (*Taprobane*) پڻ چوندا هُئا. هندستان جي ڏکڻ ۾ آهي، جنهن جي ايراضي پنجويهه هزار کن چورس ميل آهي. خط استوا واري پٽي (اتر اڌ گول ۾ ڇهه ڊگريون ويڪرائي ڦاڪ تي ڪولمبو شهر آهي) تي هجڻ ڪري ٻارهوئي هڪجهڙي گرم ۽ گهميل موسم ٿئيس. فقط ڊسمبر ۽ جنوريءَ جا ٿورا ڏينهن هلڪي ٿڌڪار ٿئي. جنهن ڪري هتي جا ماڻهو سيارو سڏين. رات جي وقت سنهڙا سئيٽر به پائين ۽ هڪ ٻئي واتان: ”او اڄُ ته ڏاڍو ٺارُ آهي“ جهڙا جُملا ٻڌي سمجهبو ته هيءُ هنن لاءِ چوٽَ جي سردي آهي.

ڪولمبو پڻ ٻين خط استوا جي ملڪن وانگر بارش ڪان مشهور آهي ۽ هر وقت وسڪارو لڳو رهي ٿو. بارش ڏسي هتي سڄڻ سارڻ وارن جون اکڙيون هميشه مشغول رهنديون هونديون. شايد اهو ئي سبب آهي جو هتي جي آدمشُماري پڻ چڱي خاصي آهي. يا ته


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي جي فئملي پلاننگ ڪاتي جون پڻ جيپون اصل ڊيوٽي بدران شڪار لاءِ استعمال ٿين ٿيون. پروفلئڪٽڪ (*Prophylactic*) ٻارن جي راند لاءِ ڦوڪڻا ٿي دڪانن تي وڪامندا هوندا ۽ پبلسٽيءَ جا پئسا ڪئبري ناچن ۽ شاپنگ ٽُنيان، ڪاتي جا عملدار خرچ ڪندا هوندا. بهرحال گهڻي بارش ڪري گهاٽا ٻيلا ۽ ساوڪ جام آهي. ٻيلا ۽ ساوڪ، پکين ۽ جانورن کي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. ان ڪري سلون خوبصورت پکين، جانورن، انهن جي کلُن ۽ عمارتي ڪاٺ ڪان مشهور آهي.

سلون، هندستان سان خشڪيءَ رستي ڳنڍيل ناهي. پر مڙيئي وچ ۾ ٿورو سمنڊ جو حصو آهي. سلون ۾ رهندڙ ڪيترائي ڏکڻ هندستاني ۽ سلون جا هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ هر سال ٽرين رستي سلون جي بارڊر تائين وڃن، پوءِ فيريءَ (موٽر لانچ) رستي سمنڊ اُڪري هندستان جي سرحدي شهر تائين پهچن. جتان پوءِ وري اڳتي مدراس ۽ ان جي آس پاس پنهنجن پاڪ آستانن ۽ ڌرمي ٽڪاڻن تائين گاڏي ۽ بس ۾ وڃن. اڄ ڪلهه سلون جي حُڪومت


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻاهر وڃڻ تي بندش وجهي ڇڏي آهي. پاسپورٽ نهرائڻ جي بہ اجازت ناهي. مذهب جي ڪري فقط زيارت لاءِ مدراس تائين وڃڻ جي موڪل آهي.

گُذريل ڏهن سالن ۾ هي منهنجو ڪولمبو ۾ ڇهون يا ستون دفعو ٿيندو. هن دفعي هتي آئي بہ اسان کي چار ڏينهن ٿي ويا آهن. لڳي پيو تہ هي اسان جو جهاز بہ ٽي هفتا پيا بہ هتي ترسي. جپان کان سڌو هتي آيا آهيون. جپان مان آمريڪا لاءِ ڪجهہ مشينري کنئي اٿئون جنهن جي تور اٽڪل چار هزار ٽن ٿيندي پئسفڪ سمنڊ کان سڌو آمريڪا جي اولهہ ڪناري ڏي ٿي وياسين تہ خبر پيئي تہ ڪجهہ سامان: ناريل جا وار ۽ چانهہ ڪولمبو ۾، اسان جي جهاز لاءِ ترسيل آهي ۽ اهو سامان بہ آمريڪا ويندو. سامان ڪو ڏيڍُ هزار ٽن مس آهي. جپان، هانگ ڪانگ، سنگاپور جي بندرگاهن جي ڪٽاٽي حساب سان ٽن ڏينهن جو سامان مس آهي. پر هتي جي بندرگاهہ ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي ڪهڙِي ڳالهہ ڪجي! هر جهاز جا جهازي (*Sailors*) ڪولمبو بندرگاهہ تان ڪِلون ڪندا آهن. چوندا آهن تہ جو جهاز ڪولمبو ويو سو اتي سوگهو. پلي ڪٽي ڪلاڪ جو سامان چاڙهڻو يا لاهڻو هُجيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي مزدورن جو سرڪار طرفان پگهارُ مقرر ٿيل آهي جيڪو سامان جا مالڪ ڏين. مزور چاهي ڪم تکو ڪن يا ڍلو پر سرڪار مالڪن کان ڪين پگهارُ پورو وٺي ڏئي ٿي. اڪثر ڏسبو تہ چار پنج ڄڻا ڪم ڪري رهيا هوندا تہ ٻيا گدام جي پاسي ۾، وڻ جي ڇانوَ ۾ يا ڪنهن ٽيبل هيٺ يا خالي ٽرڪ ۾ سُتا پيا هوندا ۽ جاڳندڙ وري پتي راند ۾ رُڌل هوندا. صبح کان شام تائين پتي راند جُون ٽڪريون توهان کي بندرگاهہ اندر ڪيترن ئي هنڌن تي ڏسڻ ۾ اينديون. ايتريقدر جو چرچو مشهور آهي تہ ڪولمبو جي بندرگاهہ ۾ رسي ۾ سامان پيو لڙڪندو ۽ مزدور پتي راند ۾ مشغول هوندو جيسين ڪو فورمئن مٿان اچي ڪڙڪين. ڪڏهن تہ هو بہ راند ۾ ويهي رهندو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو ڪولمبو مان سامان ڪڍڻ يا لاهڻ لاءِ ڪا بہ جهازران ڪمپني پنهنجو جهاز موڪلڻ لاءِ بہ دفعا سوچيندي آهي، ڇو جو ڪمائي تہ ڪمائي جي ماڳ اٽلو نقصان نصيب ٿيندو آهي. ان ڪري هتي ڪوبہ جهاز سامان آڻيندو يا نيندو آهي تہ ڀاڙو بہ ٻين ملڪن کان وڌيڪ چارج ڪندو آهي. نتيجي طور اها


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شيءِ هتي جي بڏي واپاريءَ کي مهانگي پوي ٿي ۽ ان جو بار ڦري گهري نيٺ وڃي غريب خريدار تي ٽُٽي ٿو.

اسان جو ڪراچيءَ جو بندرگاهه ٽي چار سال اڳ سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ ۾ تمام تکو هو پر افسوس جو اڄڪلهه ڪراچي بندرگاهه کان به ڪيترين جهازران ڪمپنين کي شڪايت آهي ته مال جو اُڪلاءُ آهستي ٿو ٿئي ۽ دير ٿيڻ ڪري بندرگاهه جهازن سان ڀريو رهي ٿو ۽ هر جهاز کي اندر جڳهه ملڻ کان اڳُ ڪيترا ڏينهن (ويندي سجي مهيني تائين به) ٻاهر ائنڪريج تي (منوڙي کان ٿورو پري کُلئي سمنڊ ۾) انتظار ڪرڻو پوي ٿو. جهاز جڏهن نه ٿو هلي ته به سندس روز جو خرچ ٽي هزار کنُ ڊالر ٿيو وڃي، جنهن ۾ اليڪٽرڪسٽِي، ايئرڪنڊيشن ۽ ٻين ڪمن جون مشينون آهن جيڪي چوويهه ڪلاڪ هلنديون رهن ٿيون. جهاز جي هلڻ لاءِ فقط هڪ وڏيڪ انجڻ (*Main Engine*) هلائڻي پوي ٿي جا پنکو (*Propeller*) هلائي ٿي، جيڪو جهاز کي اڳتي ڌڪي ٿو. مٿئين خرچ کانسواءِ ٻيو به ڪيترو خرچ آهي جو جهاز جي نه هلڻ وقت به ساڳيو رهي ٿو. جهڙوڪ جهاز جي عملي جو پگهارُ کاڌو پيتو مشين جي ڇيجَ ڊاهه (*Wear and Tear*) بندرگاهه ۾ بيهڻ يا ائنڪر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي بيهي بندرگاهه جون سهوليتون حاصل ڪرڻ جي في، ڪرينون ۽ باهه جي بچاءَ جي حفاظت حاصل ڪرڻ تي پڻ روزانو جهاز وارن کي چڱو بلُ ڏيڻو پوي ٿو. سو ڪوبه جهاز جو مالڪ نه چاهيندو ته ڪو سندس جهاز اجايو بيٺو هجي. ڇوته جهاز تڏهن گهٽو ڪمائي ٿو جڏهن هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين هلندو رهي ٿو.

سلون جو اصل نالو 'لنڪا' پڻُ آهي، جيڪو اڄ ڪلهه وري سندس سرڪاري طرح رکيو ويو آهي. هندن جي مذهبي ڪتابن راماين وغيره ۾ پڻ ڪيس لنڪا سڏيو ويو آهي. شاهه لطيف پڻ سُر ساموندي ۾ هن لنڪا جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪاري ڪيڙائو مٿي مِٺي موٽيا
سودو ڪن سون جو وڏا وهائو
موٽي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ساموندي سائو لنڪا لوپي آيا.

اڳ ۾ ههڙا وڏا جهاز تہ نہ هُئا. ننڍڙا ٻيڙا ڪناري جو پر ڏئي هلندا هُئا ۽ ان زماني ۾ لنڪا ڪافي پري ۽ وڏي سفر تي سمجهي ويندي هُئي. پهرين سٽ شايد اڄ جي شاگردن کي مُنجهائي تہ ڪاري پاڻيءَ (سمنڊ جو) سفر ڪري مِني کهڙي پاڻيءَ ۾ موٽيا! تن لاءِ جواب عرض آهي تہ تن ڏينهن ۾ اسان جي سنڌوندي ايترو کٽجي نہ وئي هُئي ۽ انهن ننڍن ٻيڙن لاءِ (*Navigation*) جي قابل هُئي. ٻاهرن ملڪن کان آيل جهاز سنڌونديءَ ۾ ڪافي اندر تائين هليا ايندا هُئا ۽ درياهہ جي ڪناري تي ڪيترائي شهر لاري بندر کان بکر تائين مشهور بندرگاهہ هُئا جن تي واپار وڙو هليو ٿي. لاري بندر (ديبل) لاءِ تہ 'خلافت تواريخ' ۾ آهي تہ ديبل هيرن ۽ ٻين قيمتي شين جو مرڪز آهي ۽ منجهس لوڻ ۽ لوهہ جون کاٽيون آهن، جن مان سرڪار جي ڪافي اپت ٿئي ٿي.

هڪ ٻئي ڪتاب (*The Mehran of Sindh*) ۾ ديبل لاءِ آهي تہ چار هزار کن ٻيڙيون ۽ جهاز هن بندرگاهہ ۾ رجسٽرڊ آهن. (صفحو 469). سترهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري مٽي ۽ رڳ سان هي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بندرگاهه پرجڻ لڳو ۽ اورنگزيب جي شوق تي، جو انهن ڏينهن (52 ـ 1648) ملتان جو گورنر هو لاري بندر جي پر ۾ هڪ ٻيو بندرگاهه اورنگا بندر نالي جوڙايو ويو. پر اهو ڪارآمد ثابت نه ٿيو ۽ ان جو حصو شاهه بندر جي نالي سان سڏجڻ لڳو. جيڪو پوءِ اڳتي هلي ارڙهين صديءَ ۾ ڪُڇهه مشهور ٿيو. تاريخ طاهري ۾ پڻُ سنڌ جي ٻين بندرگاهن بابت دلچسپ احوال ڏنل آهي.

❧

پاڻ واپس سلون تي اچون جنهنجو تازو ٻه ٽي سال اڳ نالو وري ’سريلنڪا‘ رکيو ويو آهي. هتي ڪيترن سُڃاڻن ۽ واقفڪارن سخت دل ۾ ٽي ڪيو جڏهن انهن اڳيان وات مان ’سلون‘ لفظ نڪري ٿي ويو. هڪ دعوت ۾ ته آئون ڳالهين ڪندي ذري ذري Ceylon – Ceylon چوندو رهيس. آخر هڪ ڪان رهيو نه ٿيو تنهن ’سريلنڪا‘ ياد ڏياري درستي ڪئي. ڪانئس پڪ ڪيم ته



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

’سري‘ آهي يا ’شري؟‘ تہ هن ٻُڌايو تہ اهو سري (*Sri*) آهي ۽ سندس معنيٰ متبرڪ، پاڪ يا شريف سمجهڻ کپي. (جيئن پاڻ وٽ سيوهڻ شريف، مڪلي شريف وغيره)

سو سريلنڪا ـ يعني لنڪا شريف ۾ مهاوامسا تواريخ مطابق وجي نالي هڪ هندو شهزادو عيسوي سن کان بہ ڇهہ سؤ سال اڳ هندستان کان آيو ۽ پهريون سنهالي بادشاهہ ٿيو ۽ حڪومت قائم ڪيائين. اهو شهنشاهي راڄ هلندو ئي رهيو تان جو اوڻهينءَ صديءَ ۾ انگريزن ڪئنديءَ جي راڄ تي قبضو ڪيو.

1905ع ۾ پورچوگيزن اوير ۽ ڏکڻ وارن ڪنارن تي پنهنجون بينڪون ٺاهيون. پورچوگيز پهريان يورپي هُئا جن پنهنجي سامونڊي طاقت تي آفريڪا ڪنڊ لتاڙي ڪيپ آف گُڊ هوپ (*Cape of Good Hope*) اڪري اچي ننڊي ڪنڊ جي ڪناري وارن علائقن تي قبضو ڪيو. 1612ع ۾ انگريز جڏهن سنڌ ۾ آيا تہ هنن پورچوگالي استادن کي اڳهين اتي ڏٺو! ۽ انگريزن کان گهٽ ۾ گهٽ ست ستر سال اڳ هي پورچوگيز سنڌ ۾ آيل هئا. ڇو تہ 1555ع ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي وچ ۾ لڳل گهرو جنگ ۾ پڻ پورچوگيزن حصو ورتو هو ۽ تاريخ طاهري مطابق شاهہ حسن ارغون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي غير حاضريءَ ۾ پورچوگيزن ٺٽي کي لُٽيو ۽ ساڙيو هو. انگريزن جي لاري بندر (ٺٽي) جي سرزمين تي قدم رکڻ کان اڳ هنن پورچوگيزن جوا ايراني نار، گُجرات ۽ گوا سان واپار جميل هو ۽ لاري بندر ۾ ٺٽي وٽ ڪليسا پڻ ٺهرايل هو.

سلون ۾ پڻ پورچوگيز پهرين آيا ۽ سترهين صديءَ جي وچ ڌاري ڊَچ آيا. پوءِ 1796ع ۾ برطانوي راڄ (شل سڄُ سندن ملڪ ۾ روشن رهي) سلون ٻيٽ تي فتحيابي حاصل ڪئي ۽ کيس مدراس پريزيڊنسيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. 1802ع ۾ سلون کي هندستان کان ڌار ڪيو ويو ۽ سلون (*Crown Colony*) ٿي رهيو جيئن اڄڪلهه اڃان تائين هانگ ڪانگ هنن جي هٿ ۾ آهي. (1. جولاءِ 1997ع کان هانگ ڪانگ به واپس ٿيو.)

سلون اڄڪلهه آزاد ملڪ ۽ ڪامن ويلٿ جو ميمبر آهي. کيس آزادي هندستان ۽ پاڪستان کي آزادي ملڻ کان پوءِ سگهوئي ملي ۽ ان وقت کان سلون کي پنهنجي حڪومت آهي. پهريان چار سال مسٽر ڊي . ڊبليو سيناناءڪي پهريون پرائيم منسٽر ٿي رهيو. ان کان پوءِ مسٽر بندراناءڪي (جيڪو پوءِ 1959ع ۾ قتل ڪيو ويو) ۽ 1960ع ۾ سندس زال مسز بندراناءڪي پرائيم منسٽر ٿي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تنهن بعد ڊيوڊلي سينانائڪي ۽ اڄڪلهه وري مسز بندرانائڪي حڪومت جون واڳون سنڀاليو ويٺي آهي.

انگريزن جي زماني ۾ گول روڊ، فورٽ ۽ بندرگاهه ۾ وڏيون گوٿڪ نموني جون عمارتون اڄ به ڪولمبو ۾ موجود آهن. جنرل پوسٽ آفيس پرسان گورنر هائوس ۾ اڄڪلهه سلون جي وزيراعليٰ مسز بندراناڪي رهي ٿي. اتاهين ڇت ۽ ڪمانين واري پوسٽ آفيس پڻ انگريزن جي ڇڏيل نشاني آهي. ان کان سواءِ پاڪستان ۽ هندستان وانگر سلون ۾ پڻ ڪيترائي ڪارا انگريز ديسي لهجي ۾ تکي تکي انگريزي ڳالهائيندي نظر اچن ٿا (جن جون ذهني پاڙون انگلنڊ ۽ يورپ جي ڌرتيءَ تي کُتل آهن.) لڪشمي نالي هڪ ڪپڙي جي دڪان تي پنهنجي هڪ جهازي دوست مظهر چيف آفيسر سان گڏُ ويس:

”هيئن سُوٽ سبا آهن؟ اندر لاءِ ڪپڙو نه هئانوَ ته مون کان وٺو ها. هي بافتو ۽ پُراڻين پينٽن جو ڪپڙو ڇو وٺو اٿانوَ؟!“ مظهر دڪان جي مئنيجر، درزي ۽ پر ۾ بيٺل هڪ ٻن سيلز گرلز سان


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڙهندو رهيو. جن سندس جپان مان خريد ڪيل مهانگو ڪپڙو ڪاري رکيو هو. آئون ان ڪائونٽر وٽان کسڪي دڪان جي در پرسان ڪنڊ ۾ رکيل هتي جو ٺهيل ميڪ اپ جو سامان، ڪچا ۽ گنجيون ڏسڻ لڳس. دڪان خوبصورت چوڪرين (*Sales Girls*) سان ڀريل هو. هڪ ٻه تلڪ لڳل چوڪريون هندو لڳيون ٿي. هڪ ٻه ڪارسريون موڳي رنگ جي اسڪرٽن ۾ هتي جون ديسي ۽ اصلي سنهالي لڳي رهيون هيون. ميڪ اپ ۽ ڪچن واري ڪٻٽ وٽ جيڪا بيٺي هُئي سا چوڻ لڳي:

”توهان جو دوست اجايو وڙهي رهيو آهي.“

”وڙهي نه ته ٻيو توهان کي گُلن جا هار پارائي؟“

”گُل گوتم لاءِ هوندا آهن،“ هن مُرڪي آهستي چيو.

”توهان شآيد ٻڌ ڌرم سان واسطو رکو ٿيون،“ مون کانئس پڇيو پر سندس جواب ڏيڻ کان اڳ هڪ ٻي سيلز گرل، جنهن کي ڦيٽڙ ڪيسري رنگ جو مني اسڪرٽ پيل هو اچي وارد ٿي. هوءَ مني اسڪرٽ ۾ سمارٽ لڳي رهي هُئي. سندس مني اسڪرٽ ڳوٺن ۾ وٽاڻن کي ڏنل لوڙهي وانگر هو جنهن مان مال جي حفاظت ته ٿي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهي پر ساڳئي وقت پاهران لنگهندڙ جي نظر اندر ٻڏل مال تي پڻ پئجي سگهي. سندس چال مست مهريءَ وانگر هُئي. چوڻ لڳي:

”ها. هيءَ ٻُڌ آهي ۽ هر چنڊ جي چوڏهينءَ تي پگوڊا ۾ گُل ۽ اگربتيون ڪٽي ويندي آهي.“

”مادري زبان ڪهڙي اٿئي ـ سنهالي يا تامل؟“ مون پڇيومانس:

پر هن پاران وري مني اسڪرٽ واريءَ اڪ پيچي وراڻيو:

”زبانون تہ سڀ سمجهي ٿي پر هونءَ مادري زبان سنهالي اٿس.“

اوسي پاسي ۾ بيٺل بيون بہ ٽي ڇوڪريون رونشي خاطر اچي پر ۾ بيٺيون. ڪيسري رنگ جي مني اسڪرٽ واري ڇوڪري تکو تکو ڳالهائيندي رهي ۽ اهو پڻ محسوس ڪيم تہ ان اڳيان بيون ڇوڪريون احساس ڪمتري محسوس ڪري رهيون هيون. بين کان ڪجهہ رنگ ۾ فئشن ۾ پڻ وڌيڪ ڪليل هئي. پڇيومانس تہ تون بہ هتي جي اصلي رهاڪو سنهالي آهين؟

”او نو! آءٌ ايم برگر“

”برگر ـ! واٽ برگر؟! برگلر يا هئمبرگر؟“ مون تعجب مان پڇيومانس تہ بيُون سڀ مون تان کلڻ لڳيون تہ مون کي اها خبر



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ناهي تہ برگر چا ٿيندا آهن. ۽ واقعي مون کي اها خبر نہ هُئي. اها خبر هيم تہ هتي سنهالي مسلمانن کي ’مور‘ (*Moor*) سڏيندا آهن پر برگر چا ٿيندو آهي، ڪهڙي قوم آهي، ڄاڻ نہ هيم. ٻُڌ سنهالي ڇوڪريءَ کان پڇيم تہ برگر چا ٿيندا آهن.

’برگر ڊچن کي چوندا آهن.‘

”پر هيءَ گهڻو ڳالهائيندڙ ڇوڪري ڊچ تہ لڳي ڪانہ ٿي.“

”سندس ماءُ هتي جي سنهالي ۽ پيءُ ڊچ هو.“

ٻُڌ سنهاليءَ ڇوڪريءَ مون کي سمجهايو. سندس لهجي ۾ طنز هُئي ۽ ساڳئي وقت قوميت جو جذبو جيڪو برگر ڇوڪري کي ڏاڍو چُڀي رهيو هو. مون يڪدم پنهنجو هٿ وڌائي ان برگر ڇوڪريءَ سان ائين بارعب نموني ملايو جيئن ڪو فوجي اعليٰ آفيسر نون آيل رنگروٽن جي اسڪاڊ جو گارڊ آف آنر وٺندي ڪنهن جو نالو ڳوٺ پُڇي، مُرڪي هٿ ملائيندو آهي.

”ڇئبو تہ تون هن بيٽ تي ڊچن جي، باقي بچيل ۽ ڇڏيل نشاني آهين؟ پليزڊ ٽُہ ميٽ يو (*Pleased to meet you*)“

سلون ۾ مختلف قومون رهن ٿيون. جيئن تہ سنهالي، تامل، مُور، ملئي، يورئيشن، مالديوين وغيره. قومي ۽ سرڪاري زبان سنهالي،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي جيڪا هتي جي اصلي زبان آهي. ڏکڻ هندستان کان لڏي آيل ماڻهو تامل ڳالهائين. انگريزي زبان جو واهپو تمام گهڻو آهي. رڪشا، ٽئڪسي ڊرائيور ۽ هوٽل جي بئري کان وٺي مندر جو ٻائو ۽ چڪلي جي رنڊي انگريزي ڳالهائي فخر محسوس ڪري ٿي. ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي انگريز ڪالونين مان انگريزي زبان ۽ ڪلچر جو واهپو جيترو مون سلون ۽ ملائيشيا ۾ ڏٺو آهي، اوترو ٻي ڪنهن ملڪ ۾ نه آهي. مثال طور: هندستان ۽ پاڪستان ۾ ايترا ڪارا انگريز نه ملندا جيڪي ڳوٺ ۾ به ڪاڄ ۽ ٽيبل بنا نه کائي سگهن ۽ گڏيل هندستان کي انگريزن جيتوڻيڪ فتح ڪيو پر فقط جسماني طرح. دهلي، لاهور، ٺٽي جهڙن شهرن جي رهواسين لاءِ انگريز به ائين هئا جيئن ان کان اڳ ڪيترا ٻيا آيل: منگولن کان عربن تائين. پاڻ کي پنهنجي ئي پُراڻي تهذيب ۽ تمدن هو. ان ڪري پاڻ تي انگريزن جو ايترو اثر نه ٿيو جيترو هنن سريلنڪا جي ماڻهن تي ٿيو آهي.

ساڳي وقت آزاديءَ لاءِ به پاڻ وڏيڪ متاڪُٽ ڪئي ۽ وڏيڪ قدر ٿا ڪريون. پاڪستان ۽ هندستان کي آزاد ڪندي، انگريز سرڪار سلون کي به آزاد ڪري ڇڏيو. شايد اهو ئي سمجهي ته پاڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ائين نہ سمجهون تہ انگريز رُڳو هڪ قدم هٽائي سلون ۾ ويٺو آهي ۽ ڪنهن وقت وري واپس اچي سگهي ٿو. انڪري سلون وارن جي اها ڳالهہ بجا آهي تہ بنا ڪنهن قرباني ۽ رتُ وهائڻ جي کين آزادي ملي.

سلون جو مکيہ ۽ ذري گهٽ سرڪاري مذهب ٻڌ ڌرم آهي ۽ نوي سيڪڙو ماڻهو ٻُڌَ آهن باقي مسلمان، هندو ۽ ڪرسچن آهن. ڪرسچنن ۾ ڪئٿولڪ وڌيڪ آهن. ڪجهہ يهودي ۽ جين مت جا پڻ آهن. عرب واپاري هتي ٻارهين تيرهين صدي ڌاري آيا ۽ ڪيترائي هتي رهي پيا ۽ اجا تائين ڪجهہ آهن، پر اصلوڪن باشندن سان سڳابندي ڪرڻ ڪري ڪافي ملي جُلي ويا آهن.

هونءَ پاڻ وٽ سلون (سريلنڪا) ڪان ننڍو وڏو چڱيءَ طرح واقف آهي. هڪ تہ سلون ريڊيو اسٽيشن ڪري، جيڪا ننڍي کنڊ ۾ سڀ ڪان مشهور آهي. (جيتوڻيڪ طاقت ۾ ريڊيو ڍاڪا، راولپنڊي، آل انڊيا وڌيڪ آهن) پر پروگرام جي لحاظ کان ۽ جهوني هجڻ جي ڪري سلون ريڊيو اسٽيشن ڳوٺ ڳوٺ ۾ مشهور آهي. مون تہ ڳوٺن ۾ ڪيترن کي ريڊيا پيٽيندي اهو بہ چوندي ٻڌو آهي تہ "تنهنجو ريڊيو ڪنهن بہ ڪم جو ناهي جنهن ۾ سلون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(سريلنڪا) نٿو وڃي.“ يعني ريڊئي تي پيون بئنڊيون هجن يا نہ پر پنجويهہ، ٽيهہ يا چاليهہ جي ضرور هجي جيئن ڪنهن هڪ تي سلون وڃي سگهي.

سلون جو نالو سنڌ جي تاريخ ۾ پڻ اچي ٿو ۽ ننڍي هوندي ئي پار عربن جي سنڌ تي فتحيابيءَ جي باب ۾ سلون بابت پڙهن ٿا. جتان تاريخدانن جي لکڻ مطابق هيرن، جواهرن، مال ۽ مسافرن جو جهاز سلون کان عربستان پئي ويو تہ ان کي ديبل بندر وٽ ڦريو ويو هو. عربن ۽ سنڌين وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ آخر عربن جي فتح ٿي ۽ سنڌ تي ٽي صديون ڪن راڄُ ڪيائون. تن ڏينهن ۾ سنڌ جو حاڪم راجا ڏاهر ۽ گاديءَ جو هنڌُ نٿو هو.

جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ تن ڏينهن ۾ تيز رفتار قسم جا جهاز نہ هُئا جي ڏينهن جا ڏينهن بنا راشن پاڻيءَ تي هلندا رهن. ڪاڏي پيتي جون شيون کڻڻ لاءِ هر ويجهي بندرگاهہ تي منزل ڪرڻ ضروري هوندي هُئي. انجڻ تہ تن ڏينهن ۾ ايجاد ڪانہ ٿي هُئي، جو تيل جي ضرورت پوي. جيتوڻيڪ ٻيڙي يا ڪاٺ جي جهاز کي هر


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسافري بعد يا موقعو ملڻ تي ٿورو سُڪيءَ تي لاڙي اندران ۽ ٻاهران تيل جا مکَ ڏنا ويا ٿي جيئن ڪاٺ ۾ مضبوطي رهي ۽ اها هڪ قسم جي (*Dry_Docking*) ٿيندي هُئي جنهن لاءِ شاهه لطيف پڻ چيو آهي تہ:

“وينو ٿُن تنهيس، مکَ ڏيهاڙي مڪڙي.”

جيئن اڄڪلهه جي لوهي جهازن کي خشڪ گوديءَ ۾ بيهاري سندن ٻاهرين حصي تان پهرين ساموندي لڳل شيون ڪرڙيون وغيره ڪڍيون وڃن ٿيون ۽ پوءِ تيل بدران مختلف تيل وارا رنگ - زنگ ۽ ڪٽ کان بچائڻ لاءِ، لڳايا وڃن ٿا. تن ڏينهن ۾ جهاز (يعني ٻيڙا، غوراب، وڏاندريون، پاڪڙيون، دنگيون وغيره) ٿلهي ڪپڙي جي سڙهن تي هلندا هُئا، جي کُوهن (اڀين ڪاٺين) ۾ انگاس وانگر ٻڌا ويا ٿي ۽ ناکئا (*Navigators*) ۽ سونهان (*Pilots*) پنهنجي لياقت ۽ ڄاڻ مطابق سڙهہ اهڙي نموني Set ڪندا هُئا جيئن هوا کان فائدو وٺي جهاز صحيح رستي ڏي ويندو رهي پوءِ هوا جو رخ ڪٽي کهڙي طرف بہ هجي. سلون کان عربستان ويندي گوا، بمبئي، دوارڪا، لاري


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بندر، پسني، گوادر ۽ ٻيا ڪيترا انيڪ تَڙَ ناڪئن کي ڳولڻا پوندا هُئا. شاهه لطيف جو شعر آهي:

”سڙهه ٿي سبيائون، سندر جَن تَڙن تي،
سڙهه سبي ساڄا ڪري، ڪوها ڪنيائون،
ٻيڙقون ٻحرن ۾، چوڙي چڏيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف سان لطيف چئي.“

سلون هندو مذهب وارن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. هندو مِٿِ (*Mythology*) مطابق رامائڻ ڪتاب ۾ آهي ته: راوڻ، سيتا کي لنڪا ۾ وٺي لڪايو هو جتي هنومان نالي باندر پهچي سيتا جي مدد ڪئي ۽ عزت بچائي کيس آزاد ڪيو ۽ سڄي لنڪا کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو.

”..........ان وقت هنومان جي پُڇَ ۾ باهه جو پنيت ٻري رهيو هو.“ شري تلسيءَ رامائڻ جي سنڌي ڇاپي جي صفحي 293 تي لکيل آهي ته:


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”هو ٽپُ ڏئي هڪ اونچي مڪان تي چڙهي ويو. پوءِ هڪ محل کان ٻئي محل تي هو ٽپندو ڪُڏندو انهن کي باهه لڳائيندو ويو. هو پنهنجي پُڇ کي چوڌاري ڦيرائي چنبڙ لڳو ته ان مان ٽانڊن ۽ باهه جي مَچن جي ورڪا ٿيڻ لڳي. ان ريت لنڪا جي وڏن وڏن محلن کي باهه وچڙي وئي ۽ چوطرف باهه جا پنيٽ ئي پنيٽ ٿي ڏنا. ان وقت پَون ديوتا به مدد ڪئي جو زبردست واءُ اچي لڳو ۽ سڄي لنڪا ۾ اڳني ڦهلجي وئي. ائين پئي پانيو ته آڪاش مان ڪا اگنيءَ جي ندي وهي رهي آهي. ڪاٺ جا گهر مشعلن وانگر ٻرڻ لڳا. ست اٺ منزلا مڪان ڌو ڌو ڪندا اچي هيٺ ٿي ڪريا. سڄي لنڪا ۾ هاها ڪار مچي ويو ۽ سڀُ ڪو پنهنجي ٻارن ۽ مال کي بچائڻ ۾ لڳي ويو. ان ريت بجرنگ بلي هنومان لنڪا کي جلائي ان جي سوپيا چٽُ ڪري ڇڏي......“

جهاز جنهن وقت ڪولمبو جي بندرگاهه ۾ گهڙي رهيو هو آئون انجڻ روم ۾ هوس. ’اسٽاپ‘ ’اڳيان آهستي‘ ’اسٽاپ‘ ’پويان آهستي‘ جا ٽيليگراف ڏري ايندا رهيا. اسان سيني کي اهو تجسس هو ته آيا ڪولمبو جي بندرگاهه ۾ جيٽي ملندي يا ٻاهر (*Anchorage*) تي جهاز کي بيهڻو پوندو. ڏڪي (*Jetty*) سان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڳي ويهڻ مان اهو فائدو آهي تہ جنهن وقت چاهي جهاز تان گهمڻ وڃي سگهجي ٿو پر ائنڪريج تان ڪناري يا ڪناري تان واپس ائنڪريج تي بيٺل جهاز تي اچڻ لاءِ هر وقت ٻيڙي (لانچ) جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو جيڪا هرهڪ ڪان اوٽ موٽ جا پنج روپيا ڪن ٽڪيٽ الڳ وٺي ٿي.

اليڪٽريڪل انجنيئر ڪي مٿي موڪليم تہ ديدار ڪري اچ تہ جهاز ڪٿي لڳڻ وارو آهي، تنهن اچي خوشخبري ٻڌائي تہ جهاز ڪولمبو بندرگاهہ جي ٻئي نمبر گيٽ وٽ لڳي رهيو آهي. مزي جي ڳالهہ تہ سامهون ائنڪر تي بنگلاديش جو جهاز 'بنگلاردوت' بيٺو آهي." هن ٻڌايو.

"اهو 'بنگلاردوت' اصل پئن اسلامڪ وارن جو جهاز هو."

فورٿ انجنيئر ڪيس ٻڌايو.

"باقي بنگالين (*Maintain*) واهہ جو ڪري رکيو آهي. اصل چمڪي پيو."

"هاڻ ايترو بہ نہ ڪندا چا؟" فورٿ انجنيئر پنهنجا ڪارٽ هاٿا هٿ ڪپڙي سان اگهندي چيو. هونءَ بہ بنگالي ڪم جا مُڙس



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڻهو آهن. ڏسين نہ ٿو انهن جي ڏار ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي جهازن جو چا حال ٿي ويو آهي.“

”ها يار اسان جو پناڻ، مکراني، ڪڇي يا پنجابي ڪريُو (Crew) اهڙو آهي جو ڪٽي صفائيءَ لاءِ چئين تہ ٽپ جواب ڏين ٿا. بنگالي هُئا تہ عيش هو. جهاز (Port) ۾ هوندو هو تہ بہ ٻاهر گهمڻ جو شوق ڪونہ هوندو هون. ڪم ۾ لڳا پيا هوندا هُئا. ڏهہ گاريون ڏبيون هيون تہ بہ جي صاحب جي صاحب ڪندا رهندا هُئا.“

”هاڻ تہ هي پنهنجو (Crew) هر ڳالهہ ۾ آرٽيڪل جو حوالو ڏئي ٿو. آرٽيڪل ۾ هيئن آهي، آرٽيڪل ۾ هونءَ آهي. ڪي ڪي خُلاصي تہ ائين ٿا سمجهن تہ هو جهاز تي ڪم ڪرڻ لاءِ نہ پر گهُمڻ ڦرڻ لاءِ آيا آهن.“

اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فورٿ انجنيئر بحث ڪندا رهيا.

مونکي بنگلاردوت جهاز جو نالو هڪدم ڌيان ۾ هُريو تہ منهنجو دوست بديع الزمان ان جهاز تي سيڪنڊ انجنيئر آهي. بديع الزمان منهنجو يارهن سال اڳ تعليم دوران چٽگانگ ۾ واقف ٿيو هو. اسان ٻئي اتي انجنيئرنگ برانچ جا ڪئڊٽ هئاسين. ڪلاس ۾ ٻنهي جون ڊيسڪون هڪ ٻئي پُٺيان هيون. راند ۾ گڏ، مانيءَ تي گڏ،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(*Rowing*) باڪسنگ ۽ پي ٽيءَ تان گُسائڻ ۾ گڏُ ۽ پوءِ سزا ڪائڻ مهل بہ گڏ.

ڪڏهن ڪڏهن ڪلاس ۾ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان تان پنهي پاسن جا ڪجهہ ڪئڊٽ تڪا ٿيندا هُئا تہ بديع الزمان، سندس پرسان ويٺل بنگالي ڪئڊٽ فيض بسواس، ۽ اڳيان ويٺل ڊيسڪ تي آئون ۽ حسن ابدال ڪئڊٽ ڪاليج جو اجتبيٰ حسين ڪلندا هُئاسين. اسان سيني شروع ڪان اهو طئي ڪيو هو تہ انهن ڳالهين ۾ نہ پونداسين. مشرقي پاڪستان تي گهڻو خرچ پيو اچي يا مغربي پاڪستان گهٽ ٿو ڪمائي، اهڙين ڳالهين تي اسان جي ملڪ جي چونڊيل ميمبرن کي اسيمبلين ۾ وڙهڻ کپي. اسان کي اهڙيون ڳالهيون سوچي بحث ڪري پاڻ ۾ وڙهڻ مُور نہ گهرجي ۽ پوءِ بسواس پنهنجو ڪونج جهڙو ڳلو صاف ڪري تن ڏينهن جو هڪ مشهور انگريزي گانو:

*We shall not think of things like that……* ڳائڻ شروع ڪندو هو.

پنجن سالن جي تعليم ۽ سکيا کان پوءِ بہ اتفاق سان بديع الزمان ۽ مون کي هڪ بئي پٺيان ساڳيا جهاز ملندا رهيا ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جونئرشپ جو ڏکيو ۽ تڪليف وارو زمانو گڏ گُذاريوسين. چوندا آهن تہ سُک جي ڪاٽيل وقت جا ساٿي وساري سگهجن ٿا، پر جنهن سان چار گهڙيون ڏکيون گُذاريون آهن سي ساٿي وساري نہ ٿا سگهجن. شايد اهو ئي سبب آهي جو زمان کي آئون وساري نہ سگهيو آهيان ـ يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هو هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ آهي. سياست، ملڪ، قوم، مذهب، پئسي جي جهڳڙي کان اتاهون ۽ بلند، انسانيت جو پوڄاري، حق جي ڳالهہ چوڻ وارو، چاهي سر اڏيءَ تي رکيو وڃيس. اهو ئي سبب هو جو شايد ڪي ڪٽر قسم جا بنگالي کيس گهڻو پسند نہ ڪندا هُئا، جو هو سندن هر ڳالهہ جون اکيون ٻوٽي تائيد نہ ڪندو هو.

سال ڏيڍ گڏ مختلف جهازن تي رهڻ بعد اسان ڌار ٿي وياسين ۽ الڳ الڳ جهازن تي جُدا جُدا سمندن ۽ بندرگاهن ۾ ڦرندا رهياسين. 1971ع جي جنگ وارن ڏينهن ۾ آئون امتحان لاءِ موڪل تي لٿل هوس. سندس جهاز چٽگانگ کان آيو هو. مون سان ملڻ ڳوٺ آيو. تن ڏينهن ۾ ڍاڪا ۾ ملٽري آپريشن شروع ٿي چُڪي هُئي. مون ڪانئس گهر ۽ ڳوٺ جي خيريت پُڇي تہ ڪين ڪو نقصان تہ نہ رسيو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سندس گهر جي ياتين ڪان نن‌ڍي لاڪون واقف آهيان جو چٽگانگ ۾ تعليم دوران موڪلن ۾ هنن وٽ ڪجهه ڏينهن وڃي ٽڪندو هوس. ياد آيم ته سندس هڪ ڀيڻ هوندي هُئي. نالو هوس حبيبا خانم. گهر ۾ ڪيس ’آرتي‘ سڏيندا هُئا. ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم. اي ڪري رهي هُئي. تمام ذهين هوندي هُئي. جڏهن به آئون هنن وٽ ويندو هوس ته هن سان ڪيترن ئي ڳالهڻ تي بحث ڪندو هوس. زناني تعليم بابت. حيدرآباد ۽ ڍاڪا جي گرلس اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تعليم معيار بابت. نن‌ڍي ڪنڊ جي سياسي سُجاڳي ۾ عورتن جي حصي بابت. هوءَ گهڻو ڪري سياست ۽ فلسفي تي گهڻوبحث ڪندي هُئي. ڪيس چوندو هوس ته توکي جيڪو مُڙس ملندو ان جو ته خير ناهي. سچو ڏينهن غريب سان بحث ڪري مٿو چٽُ ڪندينءَ ته پاڻ شرمائي چوندي هُئي: ”آئون شادي ڪنديس ئي ڪانه.“

”واقعي،“ آئون طنز واري لهجي ۾ ڪلي چوندو هوسانس، ”ڪير توسان شادي ڪري، ان ڪان هن لاءِ بهتر آهي ته ڪنهن فلسفي جي ڪتاب کي ياڪر پائي ويهي. ڳالهه مڙيئي ساڳي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

زمان ۾ آئون ڪيس ’چرئي پيرڻ‘ سڏيندا هئاسين. هڪ دفعو پڇيومانس تہ: ”ڪهڙو ڪلاس ميٽ تنهنجو (*Ideal*) آهي.“

”اڙي بابا مان غريب ملڪ جي هڪ غريب ڇوڪري آهيان. (*Idealism*) جا نخرا وري ڪهڙا. پهرين ڳالهہ تہ شادي ڪنديس ڪانہ. پر هر ڇوڪريءَ لاءِ اهو ضروري ٿي سمجهان تہ هوءَ اهڙو ڇوڪرو ڳولهي جنهن جي دل صاف هُجي، اندر صاف هُجي. صاف خيالن جو هُجي......“

آئون ۽ زمان سندس ڳالهيون اڏ ۾ ڪٽي زور سان نعرو هڻندا هئاسين: ”مار تہ سهي.“

مون زمان کان ان چري پيرڻ جو حال پڇيو تہ جبل جهڙو اڏول مُڙس اچي سڏڪن ۾ پيو. چوڻ لڳو:

”آرتي، جا شاديءَ بابت هميشہ توسان وڏيون ڳالهيون ڪندي هُئي سا بنا ڪنوار بڻجڻ جي ماءُ ٿي وئي آهي. هوءَ وحشي جانورن جهڙن ماڻهن جو شڪار ٿي وئي. الطاف! مان توکي پنهنجي غمن ۾ هن ننڍي ڪنڌ جي ڏُکن جو داستان ڪيئن سمجهايان. هوءَ اهڙي آرتي نڪتي جنهن کي ٻارڻ کان اڳ وسايو ويو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هو وري اچي روئڻ ۾ ڇتڪيو. منهنجي اکين ۾ بہ پاڻي تري آيو. ڳلي ۾ جڻ ڪو ڳنڍو ڦاسي پيو. وڏيڪ ڪجھ نہ پُڇي سگهيس. ٻئي ڏينهن هو چُپ چاپ موڪلائي ويو. پاڻ تن ڏينهن ۾ جهاز تي ٿرڊ انجنيئر هو. سندس جهاز ٻئي ڏينهن ٻئنڪاڪ (ٿائلنڊ) لاءِ لنگر کڻي رهيو هو.

مهيني ڏيڍ بعد هڪ خط مليو. لفافي جي ٻاهران ٿائلنڊ ملڪ جون ٽڪليون لڳل هيون. زمان جو هو. ٻئنڪاڪ جي ڪنهن هوٽل مان لکيو هئائين.

”...... هينئر پاڪستاني جهاز تان پيچي اچي هن هوٽل ۾ رهيو آهيا. سياڻي هوائي جهاز رستي دهليءَ کان ڍاڪا وڃي رهيو آهيان. هڪ الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙين مجبورين هيٺ آئون ائين ڪري رهيو آهيا. آئون توهان مغربي پاڪستان جي ڀائرن کان ڇڄڻ نٿو چاهيان. پر لاچار آهيان. آءٌ ان ڌوٻيءَ جي ڪُتي وانگر نہ گهر جو نہ گهاٽ جو ٿي پوندس.“

”ڪجھ سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندو. ڪڏهن امن ۽ شانتيءَ جو واءُ ورندو. هڪ ٻئي سان وڙهڻ بدران ڪڏهن اسان پنهنجي اصل دشمن - بُک، بيماري، بيروزگاري سان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڙهنداسين. ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. مڙني پراڻن ڪلاس ميٽن ۽ جهازي ساٿين کي منهنجا پيار ڏجُ. حياتي رهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪنهن ملڪ جي بندرگاهه يا اٿاهه سمنڊ تي ملاقات ٿي ويندي. “

اڄُ جڏهن مون ٻُڌو ته سندس جهاز اتي ئي بيٺو آهي ته ملڻ جي ڏاڍي خواهش ٿي. بنگلاديش ٺهڻ بعد هنن ٻن سالن جي عرصي اندر ڇا وهيو واپريو آهي، ان جو احوال وٺڻ ڏيڻ تي دل ٿي. ڪلاڪ ٻن بعد بندرگاهه طرفان ڊاڪٽر، ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو آيو ۽ رسمي تپاس ۽ خانه پوري ڪرڻ بعد جهاز تي اچ وڃ جي روڪ ٽوڪ لٿي. جلدي جلدي تيار ٿي ٻاهر نڪتس ته ڪنهن ٻڌايو ته بنگلاديش جو جهاز بنگلاردوت لنگر ڪٽي ويو. بوٽ ڊيڪ تي بيهي ڏٺم ته جهاز ڪولمبو هاربر کان ٻاهر نڪري رهيو هو. ڏاڍو ڏُک ٿيو ته زمان سان نه ملي سگهيس. کيس ته شايد خبر به نه هجي ته ويجهڙائيءَ ۾ منهنجي بدلي هن جهاز تي ٿي آهي، نه ته کيس به ايترو ويجهو اچي الڳ ٿي وڃڻ تي ڏک ٿئي ها. سو هن ساموندي زندگيءَ جا ڪڏهن اهڙا لمحا ڏاڍا ڇُيندڙ ٿين ٿا. ۽ هاڻ به



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خبر ناهي تہ ڪهڙي طرف سندس جهاز وڃي ۽ وري ڪڏهن ساڻس ملاقات ٿئي:

اولا ڪٽي اوءِ، پڳهہ چوڙي پنڌ پيا،
آيل! سامونڊين جي، آهي اڙانگي جوءِ،
ڪڏهن ڏسنديس روءِ، وري هن اکين سين؟

سو اها آهي جهازين جي زندگي، جنهن لاءِ شاهہ صاحب سُر سامونڊي ۾ هڪ بئي هنڌ چيو آهي تہ:

”سامونڊين سڱ، آهي گوندر گاڏئون.“

ان ڏينهن شام جو مظهر ۽ آئون سبرايل ڪپڙا ڪسٽم جي ڪائونٽر تي ڏيکاري ضمانت رکايل ٽيهہ ڊالر واپس وٺي رهيا هئاسين. ڪائونٽر تي آفريڪن شيدي، يوناني، جرمن ۽ ٻين



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملڪن جا جهازي پڙ بيٺا هئا. هر هڪ کي جلدي لڳي پيئي هُئي. هڪ يونانيءَ وٽ پنجاهه پائونڊ هئا جيڪي هن بندرگاهه کان ٻاهر ڪٽي وچڙ تي چاهيا. ڪسٽم آفيسر چيس ته هي فارم پري ڏي (جنهن تي جهازيءَ جونالو جهاز جو نالو جنهن ملڪ کان جهاز اچي پيو ان جو نالو وغيره پرٽو هو ۽ پئسن جو انداز پڙ) ۽ اسان جو اڏ مغزي يوناني جوان. ڪسٽم آفيسر سان پنهنجي ضد تي اٽل ته "فارم تون پر. آئون رُڳو صحيح ڪندس."

"نو نو فِل دي فارم آلسو." ڪسٽم آفيسر سمجهايس.

"نو نو آءِ اونلي سائن." (*No I only sign*) يوناني ضد تي قائم رهيو.

"اهڙو نواب آهين ته پاڻ سان ٻه ٽي پرائيويٽ سيڪريٽريون ڪٽي هلندو ڪر."

پر اڳيان ٻه سائين اسان جو يوناني 'چريون ڏئي چار واچان آنديسين هڪڙي' پهاڪي واري واچان هُئي جا رَسو چنائي هتي اچي پهتي هُئي. فارم واپس ڪسٽم آفيسر جي ڪيچ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيائين ۽ هتي جو غريب ڪسٽم آفيسر. جهازين جي سگريٽن ۽ هلڪي ڦلڪي سامان تي پلجنڊڙ اهو سوچي ته 'ٻوڙن سان ڪهڙا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سرياٽ ڪيا، ماڻ ڪري سندس نالو وغيره پُڇي هن لاءِ فارم پري، صحيح ڪرڻ لاءِ چيائينس ۽ يوناني جوان سگريٽ جو ڪش هڻي، باقي سگريٽ ٻئي يونانيءَ کي جهلڻ لاءِ ڏئي، پين کي سوگهو جهلي فارم تي ائين ڏٺي صحيح ڪئي ڄڻ پنهنجي جهاز جو سودو سريلنڪا گورنمينٽ سان ڪري رهيو هُجي.

ان بعد اسان جو وارو هو ته هڪ سومالي لئنڊ جي شيديءَ بنگلاديش جا پنجيتاليهه روپيا اڳيان وڌائي ڪسٽم آفيسر کي ڏيڪاريا ۽ فارم ڀرڻ لڳو. وارو ته اسان جو هو پر پنهنجي فقط ڇهه فٽ جسم کي شيديءَ جي ست فٽي جسم سان ڀيٽي هن سان وڙهڻ بدران، سلوني پنج فُٽي بندري ۾ سنهي ڪسٽم آفيسر سان وڙهيس ته وارو اسان جو آهي. ”تو هن کان فارم ڇو ورتو؟“

مخصوص سلوني لهجي واري انگريزيءَ ۾ چيو: ”او مئن آئون ڇا ڪريان. آئون ته هڪ منٽ ۾ ماڻ ڪري ڪونه وٺنو آهيان. توهان کي ته ڏهه منٽ ۾ ڪونه ٿيا آهن ته چئو پيا ته ڪلاڪ ٿيو آهي. هوڏانهن هو يوناني مونکي اڌ ڇريو الڳ ڪري پيو وجي.“

”ڏميندرو! ڏميندرو!!“ يونانيءَ پنيان مُڙي ڪيس چيو ۽ هٿ لوڏيو. مظهر مون کي پنيان ڇڪي چيو ته ڇڏ يار جلدي ڪهڙي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. پاڻ مزو لڳو پيو آهي. مظهر ۽ آئون ٿورو پرتي ٿنڀ ڪي ٽيڪ ڏئي انگريزن جي زماني جي ٺهيل بندرگاهه ڪي ڏسڻ لڳاسين جنهن تان اجان (H.M Customs) (هر مئجسٽي ڪسٽمس) جا اکر ٻه ٽه ڏاڻا ويا آهن. هڪ ڪنڊ ۾ چانهه جو دڪان هو جتي سرڪاري طرح فقط پرڏيهي مسافرن لاءِ چانهه وڪامي. اها پروپئگنڊا چانهه هتي جي سڀ کان اعليٰ سواد ۽ خوشبوءِ واري آهي. پنجين روپئي پائونڊ ۽ اٺ آنا ڪن ڏيڻي تي ٽئڪس ادا ڪرڻو پوي ٿو.

بندرگاهه جي وراندي ۾ هڪ ٻه ڪسٽم آفيسر خاڪي قميص ۽ گوڏن تائين ڊگهي خاڪي چڊيءَ ۾ ڦري رهيا هُئا. سندن خاڪي يونيفارم جو رنگ اچيرو ٿي ويو هو ۽ لڳو پئي ته ڪيترا سؤ دفعا اهو يونيفارم ڌوبي ڇُڪو آهي. هڪ ڏي گهوري ڏٺم، ته پاڻ ٻٽونءَ جي زنگ لڳل (Zip) جهڙا ميرا ڏند ڪڍي ائين مُرڪڻ لڳو جيئن شاديءَ جي رڌ تي گڏُ ٿيل فقير، وڏڻ واري بورچي يا حجام ڏي هرويرو نماڻي اکين سان نهاري مُرڪندا آهن. مون ٻه جواب ۾ مسڪرايو ته اڳتي وڌي آهستي پُڇيائين:

”هڪڙو سگريٽ هونداوَ؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”سگريٽ اسان پيئون ڪونہ. هي چيونگ گم وٺ“ مظهر سندس تريءَ تي جپان مان ورتل چيونگ گم جي پاڪيٽ مان هڪ ڪڍي رکيو. اهو وٺي پهرين تہ هيٺ مٿي ڪري ان جي رنگين ڪور کي ڏسڻ لڳو ۽ جپانيءَ ۾ لکيل اکرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. يا شايد انهن اکرن کي نانگ بلائون يا تصويرون سمجهي ڏسڻ لڳو. پوءِ آهستي آهستي چيونگ گم تان ٻاهريون پنو لاهي، هاڻ چانديءَ جهڙو چلڪڻو ڪاغذ لاٿائين ٿي تہ اتي ٻئي ٿلهي ڪاري رنگ جي سنهالي ڪسٽم آفيسر پر ڏنس. چيونگ گم جا ٻہ حصا ڪري ننڍو حصو ان کي ڏنائين ۽ وڏو پنهنجي وات منجهہ داخل ڪيائين.

”آئون تنهنجي جاءِ تي هُجان ها،“ ٿلهي سنهالي ڪسٽم آفيسر سنهي کي چيو ”تہ وڏو اڌ توکي ڏيان ها ۽ ننڍو پاڻ بلي.“

”تہ مون بہ ائين ئي ڪيو. ننڍو اڌُ توکي ڏنم.“ سنهي چيس.

تيسين سومالي لئنڊ جو ست فٽ ڊگهو شيدي پنهنجو ڪم پختو ڪري قطار مان نڪتو ۽ ٻين سندس جهازي دوستن جو انتظار ڪرڻ لڳو. مون پڇيومانس: ”چا تنهنجو جهاز بنگلاديش کان پيو اچي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ها. ۽ بن ڏينهن بعد مگديشو (آفريڪا) ويندا سين.“

پاڻ جهاز جي انجڻ روم ۾ آڳ وارو (*Fireman*) هو. ڪانئس بنگلاديش جا نوٽ وٺي ڏسڻ لڳس. ڪيس ٻڌايم ته اسان پاڪستاني في الحال اوڏانهن وڃي نه ٿا سگهون سو هي نوٽ پهريون دفعو پيو ڏسان. ڏهين ڏهين جا چار نوٽ هيس ۽ هڪ پنجين جو سيني تي مجيب الرحمان جي تصوير ڇپيل هُئي. مظهر، سڪن لاءِ پُڇيس.

”سڪا مون وٽ ڪونه آهن. هي پنجين روپئي جو نوٽ توهان رکي سگهو ٿا.“

مون اهو وٺي ان بدران ڪيس سلوني پنجين روپئي جو نوٽ ڏنو جو هن وڏي زور بعد ورتو. ڪيس ٻُڌايم ته بنگلاديش جا پئسا ته ٻاهر متجي ڪونه ملندا. بئنڪون ته هن وقت بند آهن. باقي عام مارڪيٽ ۾ فقط ڊالر، پائونڊ ۽ جپاني يين (*Yen*) ٿا متجن.

”ها مونکي خبر آهي. هي پيسا مون *Declare* ڪيا هئا سي ٻُڌائي ڪٽيون پيو وڃان. منهنجي دوست وٽ ڊالر آهن.“

ايتري ۾ سندس دوست ٻه ڪسٽم آفيسر ڪان جند ڇڏائي آيو ۽ سامهون بيٺل ڪسٽم آفيسر جيڪي چيونگ گم چٻاڙي رهيا هُئا تن ڪان پڇڻ لڳو ته ٻاهر شهر ۾ پئسا متجي ملندا يا نه؟ هنن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پهرين ڏاڍيان ڪيس ٻڌايو تہ نہ سياٽي بئنڪ تان مٽائجانءِ. پر پوءِ آهستي ڪنهن هوٽل جو نالو وٺي ٻڌايائونس تہ اتان يارهين روپئي في ڊالر مٽائجانءِ. اسان جو ڏٺو تہ ملڪ جي محافظن جو ئي اهو حال آهي جو بليڪ تي مٽائڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن واقف هوٽل واري جو ڏس ڏئي رهيا آهن سو اسان کين چيو: ”دوستو گهٻرايو نہ. ٻاهر هليا وڃو. ڪنهن بہ دڪاندار سان ڳالهہ ڪندائو تہ ٻارهن روپيا خوشيءَ سان ڏيندانوَ.“ ۽ هو ڪلندا ٻاهر نڪري ويا.

”ساڍي ڇهين روپئي ڊالر بئنڪ تان ڪير مٽائيندو.“ مظهر آهستي پڙڪيو.

جهاز تان اڻ سبيل ڪپڙو ڪولمبو جي بندرگاهہ مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪجهہ پئسا ڪسٽم ڪائونٽر تي جمع ڪرائڻا پوندا آهن. ان ڳالهہ جي خاطريءَ لاءِ تہ ڪپڙو (سبيل يا اڻسبيل صورت ۾) واپس جهاز تي آڻيو آهي. اسان بہ سبيل ڪپڙا ڏيکاري جمع ڪيل ٽيهہ ڊالر واپس ورتا. ائنڪر تي بيٺل جهازن جا ڪجهہ جهازي جيٽيءَ وٽ ستين وڳي واري لانچ جو انتظار ڪري رهيا هئا. پرسان


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ سنهالي ڪوڪاڪولا وڪڻي رهيو هو. اسان ڪجهه ڪليل سڪا ڪيڊي ڪوڪاڪولا ورتي. دڪاندار ڪوڪاڪولا اسان کي ڏئي اڃا مس ته هڪ مصري عرب کي، جيڪو بلڪل سمنڊ وٽ بيهي ڪوڪا ڪولا پي رهيو هو سڏڻ لڳو:

"*O' Friend! Don't throw the bottle in sea. Give it to me.*"

"دوست! اها بوتل سمنڊ ۾ نه اڇلجانءِ مون کي واپس ڪجانءِ." عرب، جنهن جي شڪل ڪافي معصوم هُئي، وڏيڪ معصوم صورت ٺاهي دڪاندار کي گهوري ڏسڻ لڳو.

دراصل يورپ، آمريڪا، جپان ۽ ويندي آفريڪا جي به ڪيترن ملڪن ۾ ڪوڪاڪولا يا ڪوبه ان قسم جو ٿڌو شربت پيئڻ کان پوءِ بوتل اڇلائي وجي ٿي ۽ خالي بوتل جي ڪا قيمت نه ٿئي. خاص ڪري جهازن تي ته جيڪو به ٿڌو ڪوڪاڪولا، فانٽا، سيون اپ، پيپسي يا بيئر، ليمنڊ وغيره ملندو آهي ته بوتل واپس نه ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪو مزو پيئڻ ۾ ايندو آهي تنهن کين وڏيڪ جهاز جي دريءَ مان خالي بوتل کي سمنڊ ۾ ا چلڻ ۾ ايندو آهي. پر پاڪستان، ڀارت، سلون ۽ ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪجهه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻين ملڪن ۾ اهي ٻوتلون وري ڪتب آنديون وڃن ٿيون ۽ واپس ڪرڻ ضروري هونديون آهن ۽ ڪن ڪن دڪانن تان ٻوتل ڪڍڻ وقت خالي ٻوتل جا به شربت جيترا پيسا جمع ڪرائڻا پوندا آهن.

اسان کي ڪلندو ڏسي دڪاندار پنهنجا سُور روئڻ لڳو: ”سائين ٿوري دير اڳ به ڪجهه جهاز جا ماڻهو آيا. منهنجو ڌيان هيڏانهن هوڏانهن هو. هو پيئڻ بعد سڀُ ٻوتلون سمنڊ ۾ اڇلي هليا ويا. آئون غريب نوڪر ماڻهو. فائدو ته فائدي ماڳ، ماڳهين خالي ٻوتلن جي چٽي منهنجي مٿي تي.“

مون سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيو: ”ها دوست آءٌ سمجهان ٿو. ڏوهه نه تنهنجو آهي نه هنن جو. هنن کي ڪهڙي خبر ته اسان جي ايشيا ۾ ايڏي غُربت آهي جو ڪيترن مريضن وٽ خالي ٻوتل به نه هوندي آهي جو هو سرڪاري اسپتال مان مفت جي دوا وٺي سگهن. ٻيئر جو خالي دٻو اسان جي ڳوٺن ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ گريءَ طور استعمال ٿيندو آهي. ان جي به چوريءَ جو دپُ هوندو آهي، ان ڪري منجهس ٽُنگ ڪري رَسي ٻڌي وجي ٿي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عرب ويچارو ڪجھ دير تائين سوچيندو رهيو پوءِ پيئڻ بنا بوتل دڪاندار کي ڏيڻ لڳو.

”اڙي بابا هينئر نہ. پيئڻ بعد خالي بوتل ڏجانءِ. سمنڊ ۾ نہ اڇلجانءِ.“

عرب کو مسخرو ٿي لڳو يا حد کان وڌيڪ سادو. پٽ تان بوتل جو ڍَڪُ کٽي دڪاندار کي ڏيڻ لڳو. دڪاندار هٿ ٻڌي چيس:

”او فرينڊ! تو مون کي چڱو تنگ ڪيو ـ مون بوتل تان ئي هٿ کنيو.“ اسان سڀُ وري کلڻ لڳاسين. عرب بہ هاڻ کلڻ لڳو. اسان پڇيس تہ ڪٿي جو آهين.

”ناروئين جهاز جو“ سامهون ائنڪر تي بيٺل هڪ ناروي جي جهاز ڏي اشارو ڪري ٻڌائڻ لڳو.

”اڙي يار جهاز جو نہ، پر شهر جو پُڇي رهيا آهيون. تون ڪهڙي شهر جي سوڪڙي آهين؟“ مظهر چيس.

”اليگزينڊريہ مصر جي“

پرسان بہ نوجوان چوڪرا چوويهن پنجويهن سالن جا پڻ ڪوڪاڪولا پي رهيا هئا. رنگ روپ ۾ پاڪستاني يا اتر هندستان جا ٿي لڳا. پُڇڻ تي ٻُڌايائون:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”بنگلاديش جا آهيون. اسانجو جهاز چٽگانگ کان اڄُ هتي آيو آهي.“ اسان ساڻس هٿُ ملائي ٻڌايو تہ اسان پاڪستاني آهيون.

”آئون سيڪنڊ انجنيئر الطاف آهيان ۽ هي منهنجو دوست چيف آفيسر مظهر حسين آهي.“

”آئون ٿرڊ آفيسر آهيان ۽ هي ففٿ انجنيئر آهي.“ هو بہ وڏي حُب سان مليا. جڻ وڇڙيل دوست ۽ مائٽ مليا هجون. مظهر ڪائنئن بنگلاديش جا سڪا پُڇيا تہ ٿرڊ آفيسر يڪدم پٺونءَ مان ڪجهہ سڪا ڪڍي اسان کي ڏنا جن کي تجسس منجهان اسان ڏسڻ لڳاسين.

”هي تہ ساڳيا پُراڻا پاڪستاني سڪا آهن.“ مون چيومان.

”ها سڪا في الحال اهي ئي هلن. تازو ڪجهہ نوان بہ نڪتا آهن. اهي شايد ڪجهہ جهاز تي پيل هُجن.“ مصري عرب، جو هيترو وقت وائڙن وانگر اسان جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. سو هڪ دفعو وري معصوم شڪل ٺاهي اسان کان پُڇڻ لڳو.

”ڪيئن پيا ڳالهايو ـ؟“. ”جيئن ڳالهائبو آهي تيئن پيا ڳالهايون.“ اسان ورندي ڏنيس. هن جو مطلب هو تہ اسان جي وچ ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڳل 1971 واري هيڏي جنگ کي اجا سال ٻہ بہ نہ ٿيو آهي ۽ بنگلاديش جي رهاڪن کي تہ اسان سان رُسڻ کپي.

”پر“ هو پُڇڻ لڳو ”پاڪستان ۽ بنگلاديش تہ پاڻ ۾ وڙهيل آهن.“ منهنجي پيشانيءَ تي پگهر ترڻ لڳو. جواب سمجهہ ۾ نہ آيو. احساس جُرم مون کي کائڻ لڳو. پنهنجي پاپ ۾ پاڻ کي پيڙهجندو محسوس ڪرڻ لڳس. مظهر ۽ مون کي چُپ ڏسي بنگالي ففٿ انجنيئر عرب کي جواب ڏنو:

”ياءُ اهو جهڳڙو حڪومتن جو سياسي جهڳڙو هو. ملڪ جي غريب عوام جو ٻئي ملڪ جي غريب عوام سان ڪهڙو جهڳڙو، ڪهڙي نفرت. ۽ ٻي ڳالهہ تہ هيءَ اسان جي جنگ مصر ۽ اسرائيل واري نہ هئي. اسان جو تہ مذهب ساڳيو رنگ ساڳيو ۽ ساڳي ڌرتي ساڳيا گيت آهن.“

لانچ واري سيٽي هٽي هلڻ کان آگاهہ ڪيو. جيٽي تي بيٺل هڪ هڪ تي لانچ ۾ چڙهيو. عرب بہ هٿ ملائي موڪلايو. بنگالي ففٿ انجنيئر ۽ ٿرڊ آفيسر پهرين هٿ ملايو پوءِ ڀاڪر پائي موڪلايو. ڪولمبو پورٽ جي ٽيوب لائيٽ جي جهڪي روشنيءَ ۾ مون مظهر جو چهرو ڏٺو. سندس اکين ۾ پاڻي هو. مون ساٿس جهاز


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي پهچڻ تائين ڪجهه به نه ڳالهايو. ڪپڙن ۽ چانهه جا بندل ڪٽي، ماڻ ئي ماڻ ۾، مين گيٽ وٽان ڦرندا بندرانائڪي گيٽ وٽ پنهنجي جهاز جي ڏاڪڻ تي اچي چڙهياسين. مٿئين ڏاڪي وٽ سُڪانيءَ ڪئبن جي چابي ڏني ۽ اسان پنهنجي پنهنجي ڪئبن ڏي هليا وياسين. ماڻ ئي ماڻ ۾ ـ ان رات دير تائين آئون رابندرناٿ ٽئگور جي گيتانجليءَ جو انگريزي ترجمو پڙهندو رهيس.

*___ My debts are large, my failures great, my shame secret and heavy; yet when I come to ask for my good, I quake in fear lest my prayer be granted.*

*___ The song that I come to sing remains unsung to this day.*

*I have spent my days in stringing and unstringing my instrument.*

*The time has not come true; the words have not been rightly set;*

*Only there is the agony of wishing in my heart.*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*___ Take my wine in my own cup, friend! It loses its wreath of foam when poured out into that of others.*

ٻئي ڏينهن صبح جو نائين بجي دستور موجب انجڻ روم جي استاف کي روز جو ڪم ڏيڻ کان اڳ چيف انجنيئر کي گڏريل ڪم جي رپورٽ ڏيڻ ويس. پاڻ ۽ سندس زال ٻاهر گهمڻ جي ڪپڙن ۾ تيار ويٺا هُئا.

”چو سر! اڄُ صبح ساڻ ڪٿي جي تياري آهي ـ؟“ مون پڇيومانس.

”هو بنگالي جهاز آيو آهي نہ ڪالهہ. ان جو ڪئپٽن منهنجو پراڻو ڪلاس ميٽ ۽ دوست آهي. ڪالهہ پاڻ مون وٽ آيو هو ۽ اڄُ اسان لنچ تي هن وٽ گهمڻ وڃي رهيا آهيون.“

”ڪالهہ هو هتي آيو هو ڇا؟“ مون حيرت منجهان پڇيو ”بنگلاديش جون ڪهڙيون خبرون ٿي ڪيائين سر؟“

”هن جون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ اتي جون حالتون ويتر خراب ٿينديون وڃن.“ سندس زال جيسين اندريون ڪمرو بند



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪري تيسين بيني بيني چيف انجنيئر ٻڌائيندو رهيو ”بنگلاديش ۾ مهانگائيءَ جو حال نہ پڇ. ٻڌائين پئي تہ ڪپڙي، سيمينٽ ۽ ڪاڏي پيتي جي شين جي ڏاڍي اٺاٿ آهي. سڀ کان وڏيڪ شڪايت انديا جي ٿي ڪيائين تہ جنگ بعد هن ڏاڍو غلط رويو اختيار ڪيو آهي ۽ ٻڌايائين: ’هندستان ويتر اسان کي وڏيڪ لُٽي رهيو آهي ۽ چالاڪيءَ کان ڪم وٺي رهيو آهي. سٽيءَ جو بہ اسان سان سستو سودو ڪري پاڻ رکڻ بدران يورپ آمريڪا کي ڳري اگهہ ۾ وڪڻي فائدو ڪمائي رهيو آهي. ڇا اسان کي سڌو موڪلي ڪمائڻ جو حق ناهي ڇا؟ ديده دليري اها جو انڊيا جا جهاز چٽگانگ مان سامان کڻي سڌو آمريڪا ۽ يورپ اسان جي سامهون پيا وڃن. پاڪستان جا ڪجھ جهاز اسان جي هٿ آيا هئا پر *Surrender* (آڻ مڃڻ) کان پوءِ بہ انڊيا انهن مان ڪيترن تي بم هڻي ختم ڪري ڇڏيا ۽ چٽگانگ پورٽ کي بلاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس من جي مراد شايد اها هئي تہ جيئن اسان کي جهازي طاقت نہ هُجي ۽ اسان جو سڄو واپار چٽگانگ بدران ڪلڪتي بندرگاهہ کان ٿئي. هينئر بہ ايتريقدر جو بنگالي پائلٽن هجڻ جي باوجود چٽگانگ ۾ چالنا ۾ هندستاني پائلٽ ڪم ڪري رهيا آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان ڪان سواءِ جنگ ختم ٿيڻ ڪان پوءِ هندستان جي فوج ۽ ماڻهن جيڪا ڦرلٽ ڪئي سا ڇا بيان ڪجي. فئڪٽرين ۽ ڪارخانن مان مشينون ئي پٽي ڪڍي ويا. بندرگاهن ۽ اسٽيشن تي رکيل سامان ندين رستي انڊيا ڪڍي ويا ۽ دنيا کي ويتر اهو نقشو ڏيکاريائون تہ اسان هن نئين آزاد ملڪ جي مدد پيا ڪريون ۽ اسان جو اهو حال تہ ڦاٽي تہ ڦٽڪڻ ڪهڙا. آسمان مان ڪرياسين تہ ڪجيءَ ۾ اٽڪياسين. هاڻ جي ڪجھہ ڪُڇون بہ ٿا تہ توهان پاڪستاني ڏار ڪلنداڻو ۽ دنيا بہ چوندي تہ آهن ئي هي بنگالي لُچ. اڳ ۾ پاڪستان جي دانهن تي ڪيائون ۽ هاڻ هندستان جي، جنهن هنن سان چڱائي ڪئي. پر ڪين ڪهڙي خبر تہ دنيا طرفان مليل بنگلاديش لاءِ امداد جا بلاڪيٽ، ڪپڙا، ڪاڏي جا بند دبا ۽ دوائون ڪلڪتي جي مارڪيٽن ۾ عام پيا وڪامن.“

”بنگلاديش جي ماحول عجيب رُخ اختيار ڪيو آهي. مهانگائي، اڻ هوند، بيروزگاري، خوف ۽ هراس ۽ بي يقينيءَ نوجوانن ۾ نراسائي ۽ ذهني افراتفري (*Frustration*) پيدا ڪئي آهي. هر هڪ شايد اهو ئي سوچيو تہ بس بنگلاديش ٿيڻ بعد يڪدم هر گهر ۾ دولت ڪاهي ايندي. هرهڪ نوجوان کي نوڪري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملي ويندي، چؤطرف پڪا رستا ۽ پُليون خودبخود جُڙي ويندريون ۽ ڌرتيءَ جي سيني تي بنا هر هلائڻ ۽ ٻج ڇٽڻ جي اناج ڦُٽي پوندو. تمام ٿورن ماڻهن اهو سمجهيو ٿي ته اڳتي تمام ڏکين ڏينهن جو مقابلو ڪرڻو آهي. ڪيترا پڙهيل لکيل ماڻهو سياستدان، مفڪر ۽ دانشور اهو ئي سوچي رهيا آهن ته هيڏو رتُ وهائڻ ، هيڏي قرباني ڏيڻ ڪان پوءِ به چا هي آزادي ۽ سک نصيب ٿيو آهي، جنهن لاءِ ڀاءُ ڀاءُ ڪان جُدا ٿي ويو.“

چيف انجنيئر جي زال هٿ ۾ ساڙهيءَ جو پارسل ڪٽي ٻاهر نڪتي جو بنگالي ڪئپٽن جي ڪنوار کي ڏيڻ لاءِ ڪنيو هُئائين.

ڪانئس مون پُڇيو:

”ادي، ڪيس پهرين ڪان سُڃاڻين چا ـ؟“

”آئون ته ملي ئي بنگالي فئمليءَ سان پهريون دفعو آهيان. ڏاڍا سُنا ماڻهو آهن.“

آءُ هنن سان گڏنگ وي (ڏاڪڻ) تائين گڏ آيس، ان بعد هيٺ انجڻ روم ڏي ڊيوٽيءَ لاءِ هليو ويس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿيون ڏينهن اسان جي جهاز تي، سلون شپنگ ڪارپوريشن طرفان، ڪولمبو جي ڪجھ معزز ماڻهن کي دعوت ڏني وئي. جن جو جهازرانيءَ سان تعلق آهي. سلون شپنگ ڪارپوريشن جو ڪمرشل مئنيجر ڪئپٽن جلال بيگ اسان جي ڪارپوريشن جو پراڻو ڪئپٽن آهي ۽ اسان جا ڪولمبو جا ايجنٽ پڻ سلون شپنگ ڪارپوريشن وارا آهن. دعوت ۾ اسان جي جهاز جا فقط چار وڏا آفيسر: ڪئپٽن، چيف انجنيئر، چيف آفيسر ۽ سيڪنڊ انجنيئر سڏايا ويا ڇو جو مهمانن جو تعدا ٽيهن چاليهن کان مٿي هو ۽ جهاز جي ڊائننگ سئلون (*Dining Saloon*) ۾ جڳھ گهٽ آهي.

سڄو ڏينهن جهاز جو عملو جهاز کي سينگاريندو رهيو. رنگين بلب، رنگين جهنڊيون، مختلف ملڪن ۽ سگنلن جا جهنڊا لهرائيندا رهيا. جهاز جي ڊائننگ اسٽاف کان علاوه ڪولمبو جي هڪ وڏي هوٽل جا بئرا پڻ (*Serve*) ڪرڻ لاءِ گهُرايا ويا هُئا.

جهاز جو ايئرڪنڊيشننگ پلانٽ ڪم نه ڪري رهيو هو. سو صبح کان چيف انجنيئر ۽ آئون ان تي لڳا رهياسين. گئس چارج ڪري *Expansion Valves* بدلاياسين پر هر وقت *Suction Pressure* گهٽ ۽ *Compression Ratio* گهٽ پئي ٿيو. ڪا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خاص تڏاڻ ڪانہ ٿي ٿي. شام جا ڇهہ وڄي ٿيا پر گئس (Leakage) جي خبر نٿي پئي جنهن ڪارڻ سڪشن پريشر وڌي رهيو هو. پارٽي انين ڏاري شروع ٿيڻي هُئي. ايئر ڪنڊيشن ضد ڪٽي ٻڌو. جهاز جي ڪنهن بہ فقط هڪ پاسي (ڪاٻي يا ساڄي) ٿڌي گئس پاس ٿي ڪئيسين تہ پريشر صحيح ٿي رهيو پر هڪ ئي وقت ٻنهي پاسي ڪولڊ سان اڳيون نور بہ ڇٽُ ٿي ٿيو. آخر ڊائننگ سئلون واري پاسي ايئرڪنڊيشن کولي ڇڏيوسين جتي مهمانن کي ماني کائڻي هُئي. ان کان اڳ گڏ ٿيڻ ۽ ڪولڊ ڊرنڪ جو بندوبست برج (Bridge) جي پرسان کليل حصي (Wing ) ۾ رکيو ويو. صبح کان وٺي گرميءَ ۾ ايئر ڪنڊيشننگ پلانٽ پنيان ڪم ڪرڻ ڪري آئون سخت ٿڪجي پيو هوس. وهنجي ٿوري دير لاءِ سمهي رهيس.

اڪ تڏهن کُلي جڏهن نائين وڳي ڏاري چيف آفيسر مظهر اچي اٿاريو:

”ڪمال آهي يارا سڀُ مهمان اچي ويا آهن. بہ هتي جا وزير آهن. هڪ پنهنجي ملڪ جو ائمبيسڊر, ائمبسيءَ جا ڪيترائي آفيسر, آمريڪن ائمبيسيءَ جا ماڻهو ليڊيز وغيره وغيره“ هو هڪ ساهيءَ ۾ چئي هليو ويو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يڪدم يونيفارم پائي چارٽ روم جي پوئين دروازي مان گهڙي برج (جهاز جي ڪنٽرول روم) مان نڪري, آهستي ٻليءَ پير هلي, ونگ (برج جي پاسي ورو حصو) جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي, آيل مهمانن جو جائزو وٺڻ لڳس. هڪ گوري رنگ جو انگريز ٿي لڳو منهنجي پرسان ئي بيٺل هو. ساڻس هٿ ملائي مون پنهنجو تعارف ڪرايو:

”آئون الطاف شيخ هن جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر آهيان. توهان شايد آمريڪن ايمبيسيءَ سان تعلق رکو ٿا.“

”اڙي بابا آئون ته پاڪستاني آهيان“ هو صاف اڙدوءَ ۾ ٻڌائڻ لڳو. ”آئون پاسپورٽ آفيس ۾ هوس ، هاڻ ڇهه مهينا کن ٿيندا ته ڪولمبو بدلي ٿي اتم ۽ پاڪستاني سفارتخاني ۾ آهيان. منهنجو نالو مئڪنزي آهي.“

مون کي ڏاڍو شرم آيو ۽ دل ۾چيم ته تڪڙ ڪم شيطان جو. چيائين:

”بابا تنهنجي چيف انجنيئر ته مون کي جرمن سمجهيو هو.“

پاڻ سڀ ۾ وڏيڪ ڪلمڪ ۽ زنده دل ٿي لڳو. ٿوري دير ساڻس ڳالهيون ڪرڻ بعد سامهون مظهر تي نگاهه پئي. هو ڪن ٻن سلوني


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مهمانن سان ڳالهائي رهيو هو. مظهر تعارف ڪرايو ته هي ٻئي هتي جي ڪن آفيسرن جا پٽ (يا مائٽ) آهن. هڪ جو نالو فرئنڪ ۽ ٻئي جو فرئنڪلن.

مسٽر فرئنڪ ۽ مسٽر فرئنڪلن هتي جي اتاهين سوسائٽي کي (*Represent*) ٽي ڪيو. (سندن نالا دراصل ٻيا آهن پر هتي مون اهي لکيا آهن. جو انهن جي نالي سان ڪو سروڪار نه هُئڻ کپي.) گورا انگريز ته ڪجھ عرصو ايشيا ۽ آفريڪن ملڪن ۾ راڄ ڪري هليا ويا پر ڪُجھ ديسي ماڻهن کي هو جتي ڪٿي ڪاري انگريز جي روپ ۾ ڇڏي ويا آهن جيڪي ديسي هُجڻ جي باوجود پنهنجي ديس ۽ ديسي شين کي نفرت سان ڏسن ٿا. اهڙا ماڻهو پاڪستان، هندستان، سنگاپور ۽ ٻين ڏکڻ ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ گهڻا ملندا. پر سڀ کان گهڻا سلون ۽ ملائيشيا ۾ نظر ايندا اهي خواب به انگريزي زبان ۾ لهندا. ٻارن کي دڙڪو به انگريزي ۾ ڏيندا. مٿن جيڪڏهن پابندي وڌي وڃي ته پيار ۽ محبت جو اظهار انگريزي زبان بدران ٻي ڪنهن زبان ۾ ڪريو ته هو گونگا ثابت ٿيندا. هنن جي ڪائڻ پيئڻ جو طريقو انگريزن جهڙو. ڳالهه ڳالهه ۾ شيڪسپيئر، شيلي ۽ ورڊسورٿ جا حوالا ڏيندا. مٿيان به جوان ان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪئنٽگري جا هُئا. سندن هر بئي جملي ۾ يا تہ اها خبر سمايل هُئي تہ ’سندن پاسپورٽ عنقريب ٺهڻ تي آهي ۽ هو انگلنڊ وڃي رهندا‘ يا هتي سلون ۾ ڪجهہ ڪم جي شيءِ نٿي ملي. (انگريزي رڪارڊ بہ نہ ٿا ملن. هتي تہ پلي بواءِ رسالو ۽ هيرالڊ رابن جا ناول بہ نٿا ملن). ها ان ڪانسواءِ خاص ڪري مسٽر فرئنڪلن، جنهن کي آسماني پرت جي قميص ۽ ناسي رنگ جي پئنٽ تي ڇهچ سائي رنگ جي ٽائي هُئي ۽ ان تي اڇي رنگ جو قيمتي هيرو لڳل هو هالي وڊ جي ڪجهہ فلمي اداڪارن ۽ سندن اداڪاريءَ جي رکي رکي تعريف ڪري رهيو هو. (جن مان ڪيترن جا نالا منهنجا بہ اڻ ٻُڌل آهن)، يا جپان، انگلنڊ ۽ يورپ جي موٽر ڪارن تي بحث ڪري رهيو هو (جن جا هتي ولائتي رسالن ۽ اخبارن ۾ فوٽا ئي نظر اچن ٿا جو اهڙين شين جي درآمديءَ تي سلون ۾ ڪافي عرصي کان سخت بندش پيل آهي): تہ فلاڻي ڪار جي تازي ماڊل ۾ پوئين بتي ڪجهہ وڏي ناهي اٿن. فلاڻي ڪاري جي تازي ماڊل جا (*Wiper*) پُراڻي ماڊل کان ڪجهہ ڊگها آهن ۽ فلاڻي ڪار جي *Latest* ماڊل جون اڳيون سيٽون بہ انچ وڌيڪ پُٺتي تي سگهن ٿيون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هنن جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو ساهہُ گهُٽجي رهيو هو. پيرن تي جڻ ماڪوڙيون چڙهي رهيون هيون. ڏيان ڪڏهن هيڏانهن پئي پٽڪيو تہ ڪڏهن هوڏانهن.

سامهون بئرو ڪيترن ئي قسمن جون سئنڊوچون هڪ ٽري ۾ کڻيو بيٺو هو. ان وٽ وڃي پسند جون بہ ڪٽي مڙيس تہ هڪ قداور همراهہ هٿ ملائي تعارفُ ڪرايو:

”آئون ڪمانڊر چوڌري آهيان. هتي جو نيول اٽيچي. پاڪستان نيويءَ سان تعلق رکان ٿو.“

ڪن ڪن ماڻهن جي ڳالهائڻ ۾ قدرت عجيب ميناڄُ رکيو آهي. ڪمانڊر چوڌري انهن خوشنصيبن مان هڪ آهي. باوجود وڏي عمر جي هو ڪافي جوان پئي لڳو. اسان ڪيتري دير ڳالهيون ڪندا رهياسين. پاڻ علم ۽ يادگيري جي ڪاڻ ۽ ڳالهين جو ڳوٺُ ٿي لڳو. پاڻ ڪنهن زماني ۾ پاڪستان نيول اڪيڊميءَ ۾ پڙهُ هو.

”نجم انصاري بہ تہ توهان جي ڳوٺ جو آهي. هاڻ شايد ليفٽيننٽ يا ليفٽيننٽ ڪمانڊر هُجي. اڪيڊميءَ ۾ منهنجو شاگرد هو“ هن مون کي ٻُڌايو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ها ڳوٺ جي اسڪول ۽ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ هو.“ مون ٻڌايومانس.

ذهن تي زور ڏئي چوڻ لڳو: ”تہ پوءِ تنهنجي معنيٰ ليفٽيننٽ اشفاق بيگ، زيڊ اي شاهہ ۽ سڪندر بخت بہ تنهنجا ڪلاس ميٽ ٿيا.“

”هائو سائين.“ مون وراڻيومانس.

”زيڊ اي شاهہ تہ شايد سيوهڻ جي سيدن مان آهي. ڪٿي آهي اڄڪلهہ؟“

”پاڻ ويجهڙائيءَ ڪان انڊيا مان آيو هُجي. مون کي پاڪستان ڇڏي ڪجُھ عرصو ٿي ويو آهي. پاڻ (P.O.W) هو انڊيا ۾.“

پاڻ ۽ سندس زال ڪيترا دفعا مونکي ۽ جهاز جي ٻين آفيسرن کي سندن گهر اچڻ جي دعوت ڏني. پاڪستاني آفيسر سڀُ ڏاڍي سڪ ۽ قرب سان مليا. ڪين هڪ عجيب خوشي محسوس ٿي رهي هُئي تہ سندن ملڪ جو هڪ ماڊرن جهاز ڏارئين ملڪ ۾ ٺهيو آهي. ان خوشيءَ جي قيمت اُهي ئي ڪَٿي سگهندا. هو وڏي فخر سان سلوني مهمانن کي ٻُڌائي رهيا هئا تہ هي جهاز پاڪستان (ڪراچي شپ يارڊ) ۾ چار سال اڳ جو ٺهيل آهي. هيتري رفتار اٿس، هيترا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هزار ٽن سامان ڪٽي سگهي ٿو. هينئر جپان کان سڏو هتي آيو آهي ۽ هتان سڏو بنان ساهيءَ جي آمريڪا ويندو. سجو عملو پاڪستاني اٿس. وغيره وغيره.

ساڳي خوشي ۽ فخر جو اظهار هتي جي پاڪستاني سفير ۽ ٻين جي چهري تي هو. سلوني مهمان ڪافي مرعوب ٿي ڏٺا ـ نه فقط اسان جي جهازسازي ۽ جهازراني کان، پر سندن تازي شروع ڪيل ڇهن جهازن تي مشتمل 'سلون شپنگ ڪارپوريشن' جو ٻيڙو، جنهن ۾ گهٽي ياڳي پاڪستاني آفيسر آهن، انهن مان پڻ. اهڙي ڳالهه جو ذڪر هتي جو آيل شپنگ منسٽر پڻ ڪندو رهيو. ڊنر وقت آئون هتي جي وزير آبادگاري (*Plantation_Minster*) مسٽر ڪولون آر. ڊي سلوا جي پرسان وڃي ويٺس. پاڻ سلون جو وڏو ۽ مشهور سياستدان آهي ۽ سندس واسطو سلون جي ٽراٽسڪائيٽ (*Trotskyite*) پارٽيءَ سان آهي. پاڻ ڪنهن زماني ۾ لنڊن اسڪول آف اڪانامڪس ۾ هرالڊ لاسڪي پروفيسر وٽ پوليٽيڪل سائنس جو شاگرد رهي چڪو آهي. جنهن خاص ڪري آزاديءَ لاءِ غلام ملڪن جا ماڻهو تيار ڪيا هُئا. سندس ٻين شاگردن ۾ گهانا جو وزيراعليٰ ڪوامي نڪرما، ڪينيا جو جومو ڪينياٽا،


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عراق جو هاشم جواد ۽ محمد حديث، هندستان جو ڪرشنا مينن، اين ايم پريرا ۽ سلون جي مٿين پارٽيءَ جا پڻ ڪيترائي ميمبر هُئا.

تحريڪ آزاديءَ ۾ ڪم ڪندڙ شخصيتن ۾ سلون جي هن ڪولون ڊيسلوا جو نالو بہ ڪيترا دفعا پڙهيو هوم. اڄ هن سان گڏ ساڳي ٽيبل تي ماني ڪائيندي خوشي پئي ٿيم. ان کان سواءِ ڊپٽي منسٽر آف پلانٽيشن، ان جي زال ۽ هڪ آرميءَ جو ڪو آفيسر هو.

ڪانئس سندس پارٽيءَ بابت، ان بعد سلون ۾ 1958ع ۾ ٿيل سنهالي ۽ تامل ڳالهائيندڙن جي زبردست فساد، ايشيا جي ملڪن جي مستقبل ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ بابت ڳالهيون پُڇندو رهيس. ڳالهہ پيٽرول جي مهانگائي جي اچي نڪتي. اتان اچي سائيڪلن جي نڪتي تہ سلون لاءِ سڀ کان بهترين سواري آهي ۽ وزير اهو ٻُڌايو تہ سندس حڪومت ولائت مان سائيڪلون درآمد ڪرڻ چاهي ٿي. پاڻ ٻُڌايائين تہ انگلنڊ جي سائيڪل سڀ کان سٺي ۽ مضبوط آهي ۽ پاڻ جڏهن انگلنڊ ۾ تعليم دوران رهيل هو تہ هو اسڪول ڪڏهن ڪڏهن سائيڪل تي ويندو هو.

”توهان سڄي دنيا گهُمي آهي“، هن مون کان پُڇيو. ”توهان جو ڇا خيال آهي تہ ڪٿي جي سائيڪل سُٺي آهي.“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”مجنونءَ ڪان ڪنهن نادان پُڇيو“ مون ڪلي پهرين ڪيس هڪ لطيفو ٻُڌائڻ چاهيو ”تہ خلافت تي حق حضرت حُسين جو هو يا يزيد لعين جو؟ وراڻيائين: ’جي سچ پُڇو تہ ليليٰ جو.‘ سو مونکان پُڇنداءُ تہ آئون اهوئي چوندس تہ سائيڪلون پاڪستان جون.“

سڀُ کلڻ لڳا. وزير جي سيڪريٽريءَ پُڇيو: ”ڇا پاڪستان ۾ سائيڪلون نهن ٺهن ٿيون؟“

”بلڪل نهن ٿيون. هي هيڏو سارو جهاز ٺهيو وڃي، ڇا سائيڪلون نہ ٺهنديون هونديون. دراصل اسان جا ڪيترائي پاڙيسري ملڪ آهن جتي ڪيتريون شيون سُٺيون ٺهن ٿيون ۽ ويجهي هُئڻ ڪري گهُرائڻ جو ڀاڙو بہ گهٽ لڳي سگهي ٿو. پر گهٽ اشتهاربازيءَ ڪري ٻين کي ان بابت خبر ناهي. اسان سڀ ترقي پذير ملڪ آهيون ۽ اسان بہ هڪ ٻئي جي مدد نہ ڪنداسين تہ ٻيو ڪير ڪندو. پاڪستان ۾ مثال طور پيڪو ڪمپني آهي جنهن جون ليٿ ۽ ڊرل مشينون آمريڪا بہ خريد ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون ويٽ هارويسٽر ۽ ٽريشر ڪان وٺي ٽيوب ويل ۽ نٽ بولٽ سُٺي ساک جا ٺهن ٿا پر اسان جي ايشيا جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملڪن تي اهو اثر ويٺل آهي تہ دنيا ۾ بهتر شيءِ يورپ ۽ آمريڪا جي ئي آهي.“

مانيءَ کان پوءِ جهاز گهمائڻ دوران آيل مهمانن کي انجڻ روم ۾ ڪيتريون مشينون ۽ پمپ ڏيکاريم جي پاڪستان ۾ ٺهيا آهن.

هڪ ڳالهہ هتي جي وزيرن ۽ ٻين اعليٰ عملدارن ۾ نوٽ ڪيم تہ ٿر جي ماڻهن وانگر ڏاڍا سادگي پسند ۽ نهٺائيءَ وارا آهن. غُرور ۽ وڏائي مُور نہ اٿن. موڪلائڻ مهل مسٽر ڊيسلوا کي ٻُڌايم تہ مون کي لکڻ جو شوق آهي ۽ آئون ايشيا جي ڪجهہ نامور سياستدانن، اديبن ۽ فنڪارن جا انٽرويو گڏُ ڪري رهيو آهيان. ان سلسلي ۾ توهان جو نالو پڻ لسٽ تي اٿم. اميد تہ نراس نہ ڪندا.

ياڪُر پائي چيائين: ”موڪل وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڪنهن وقت بہ گهر يا آفيس ۾ اچي سگهين ٿو. آئون تہ ڪو وڏو ماڻهو آهيان ڪونہ ۽ نہ ڪي مون وڏا ڪم ڪيا آهن. ها البت اسان جي غلطين ۽ سياسي ناسمجهين مان، اڄُ جو نوجوان، جنهن جمندي ئي آزاد فضا ۾ ساهہ کنيو آهي، ڪجهہ سبق پرائي سگهي تہ اسان سمجهنداسين تہ اسان جي زندگي سڦل گُذري.....“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي ڪولمبو ۾ ڪافي ماڻهو اڳ جا ۽ ڪُجھ هن دفعي واقف ٿيا آهن. پر هيستائين هتي جو ڪوبہ سنهالي ڳالهائيندڙ ٻڌ واقف نہ هو. تازو هڪ اهڙي فئملي واقف ٿي آهي. ساڻن ملاقات اوچتو ٿي. سان هن ريت:

اسان جي جهاز پرسان هڪ مالديپ بيٽ جو جهاز (*Ocean Glory*) نالي بيٺو آهي. جنهن جو چيف آفيسر راشد پاڪستاني آهي. پاڻ ننڍي هوندي (*Lower_topa*) لورٽوپا ڪاليج ۾ هوندو هو ۽ هڪٻئي سان واقفيت تڏهن راند جي مئچن دوران ٿي هُئي. ان بعد اوچتو هتي ملاقات ٿي وئي. سندس جهاز جيئن تہ هتي تمام گهڻو ايندو رهي ٿو سو سندس هتي جاڻ سُڃاڻ بہ گهڻي آهي. هو ڪجھ سنهالي زبان پڻ ڄاڻي ٿو.

هڪ ڏينهن ساڻس سندس جهاز تي ملڻ ويس تہ مٿئين سنهالي ٻُڌ فئملي هن وٽ ويٺي هُئي. مون سان تعارفُ ڪرايائين. بہ عورتون: روهيني ۽ چاندراڪا هيون. ۽ سندن مڙس: راندينيا ۽ والٽر هُئا. هڪ ٽن چئن سالن جو ٻار روهيني ۽ راندينيا جو پُٽ هو. والٽر راندينيا جو پيٽيوبو ٿئي ۽ سڀُ ڪولمبو جي خوبصورت علائقي "بامبل پٽيا" ۾ هڪ ئي گهر ۾ رهن ٿا. والٽر ۽ سندس زال


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻئي چڱا ٿلها آهن پر روهيني ۽ سندس مُڙس سلوني ماڻهن جي حساب سان چڱا ڏگها آهن. خاص ڪري روهيني جو قد اٺهٺ انچ ٿيندو. پاڻ رنگ ۾ تمام صاف ۽ ڪچي بصر جهڙي خوبصورت لڳي رهي هُئي. باقي والٽر جي زال چاندرڪا جو منهن جيتوڻيڪ گهڙيل پر باقي بدن بي ڍولو. ڳالهائڻ سندن وچئين طبقي جي ماڻهن وانگر سنهالي لهجي ۾ انگريزي، رڪي رڪي ٻار سان بہ انگريزي ۾ ڳالهائي رهيا هُئا. منهنجي تعجب تي راندينيا ٻُڌايو تہ ”هو اجا اسڪول تہ نہ ويندو آهي پر گهر ۾ اسان هن سان هر وقت انگريزي ڳالهايون.“ پاڻ هڪ غير ملڪي ايمبيسيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ سندس زال هڪ آرڪيٽيڪ فرم ۾ آرٽسٽ آهي. والٽر ڪي اٺن مهينن جي ڪِڪِي پريتا آهي. پاڻ اتر سلون جي هڪ شهر جافنا جو آهي. واپار سانگي ڪولمبو ۾ ئي رهي. ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ عمارتي ڪاٺ موڪلي. سندس زال پڻ ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڪري ٿي. ٻارن جي سنڀال ۽ رڌُ پچاءُ گهر ۾ رکيل آيا ۽ ٻورچياڻي ڪري.

پاڻ سڀُ خوش اخلاق ۽ دلچسپ ٿي ڏٺا. پنهنجي جهاز تان صوف ۽ چاڪليٽ گهرائي ڪين ڏنم. جو هتي سلون ۾ ٻيو ميوو ٿئي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر صوف ڪونہ ٿين ۽ ٻاهرين هر شيءِ گهُرائڻ تي بندش آهي.

چندرڪا چيو: ”هتي سلون ۾ تہ اڄڪلهہ سينگار جو سامان: عطر، لوشن، پائوڊر ۽ سينٽ بہ ڪونہ ٿو ملي.“

”اهو تہ پاڻ ٻُڌو“ سندس مُڙس والٽر وراڻيو. ”اسان پاڻ خرچ ڪان بچيا پيا آهيون. ۽ هونءَ بہ اهڙين شين مان ڇا فائدو. وهنجڻ سان سڀُ غائب.“

۽ پوءِ ڪجهہ دير ٻئي زال مُڙس پاڻ ۾ وڙهندا رهيا.

ڪين فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. اسان ٻنهي کي ٻئي ڏينهن ملڻ ۽ فلم ڏسڻ جي دعوت ڏنائون جا راشد تہ اهو چئي ٽڏي ڇڏي تہ سندس ڪا ڪولمبو ۾ پراڻي گرل فرينڊ آهي. جنهن سان ملڻو اٿس. مون ان پروگرام ۾ ڪجهہ ترميم آڻي هن ريت منظور ڪرايو تہ فلم بدران پگوڊا وٺي هلو تہ بهتر. ٻُڌن جي عبادت گهر کي پگوڊا سڏجي ٿو. (هونءَ تہ ٻُڌن لاءِ پپر جو وڻ بہ عبادت جو مرڪزُ ۽ پاڪ شيءِ آهي جو پپر جي وڻ جي هيٺان گوتم ويهي ساڌنا ۽ سچ جي کوجنا ڪئي هُئي.)

ٻُڌ ڌرم عيسوي سن کان بہ ڇهہ سؤ سال پُراڻو آهي. جنهن جا پوئلڳ مشرق جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن. هن مذهب جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شروعات اتر هندستان کان ٿي ۽ سلون، نيپال، تبت، منگوليا، اندوچين، برما، ٿائلنڊ چين ۽ جپان تائين پکڙجي ويو. تبت ۾ ٻڌ ڌرم اڳتي هلي لامازم جو روپ اختيار ڪيو. سلون ۽ برما ۾ اجا تائين اصلي روپ ۾ هلندو اچي ۽ ”هنايانا“ سڏجي ٿو. چين ۽ جپان ۾ ڪجھ تبديلين بعد ”مهايانا“ ٿي ويو. ان کان سواءِ ڪجھ ٻيا فرقا ٿيا. سڀ کان مشهور چين ۾ ”چان ٻُڌزم“ ۽ جپان ۾ ”زين ٻُڌزم“ آهن.

هن ڌرم جو رهنما هندو شهزادو سڌارٿا گوتم هو جو ٻُڌ (جيڪو روشن هجي) جي نالي سان مشهور ٿيو. ٻُڌ ڌرم جا اَٺ خاص مَتا آهن: سچ ۽ حق جا رايا، صحيح خواهشون، صحيح ڳالهه ڪرڻ، صحيح هلت چلت، صحيح ڪوشش، حق حلال جي ڪمائي، حال، مستقبل ۽ ماضيءَ جي صحيح ڄاڻ رکڻ ۽ صحيح سوچ ويچار. هن ڌرم موجب انسان مري مري مختلف روپن ۾ وري جمي ٿو ۽ نرواڻ تڏهن مليس ٿو جڏهن مٿين اصولن تي سچو ثابت ٿئي ٿو. ٻڌزم ڪرما جو اصول سيکاري ٿو يعني ماڻهوءَ جا اعمال هن جو مقدر سنوارين يا بگاڙين ٿا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گوتم ٻڌ جون ڪيتريون ئي نشانيون تبرڪ طور ڪيترن ملڪن جي پگوڊائن ۾ رکيل آهن جي پوڄيون وڃن ٿيون. سندس لڪٽيون ٽن حصن ۾ ورهايل آهن: عام ماڻهوءَ لاءِ، ڀائن لاءِ ۽ فيلسوفن لاءِ. گوتم ٻڌ جا متا سندس مرڻ بعد سندس پوئلڳن (ويندي راجا اشوڪ عيسوي سن کان 244 سال اڳ تائين) ڪيترن ملڪن ۾ پٿرن تي لڪائي هٽي ڇڏيا. خاص ڪري ٿائلنڊ، جپان ۽ سلون ۾ ته ڪيترن ئي هنڌن تي اهي اجا تائين نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ پڻ جهرڪن ۾ هڪڙي ٽڪريءَ تي قتل ڪوٽ آهي، جنهن کي ڪافر ڪوٽ يا راجا ماجي راءِ جو ڪوٽ سڏين، ان جي پير ۾ ٻڌ ڌرم جو هڪڙو قديمي ٺلهه آهي.

سلون ۾ نوي سيڪڙو ماڻهو ٻڌ آهن. دنيا جا ڪيترائي وڏي ۾ وڏا پگوڊا سلون ۾ پڻ آهن ۽ ٻڌ ڌرم سلون جو هڪ قسم جو سرڪاري مذهب آهي، ان مذهب جي پاڪ ڏينهن تي موڪلون ٿين. هر مهيني جي چوڏهين تاريخ (سڄي چنڊ جي رات) ٻڌ گُل کٽي پگوڊائن ۾ عبادت لاءِ ويندا آهن ۽ گوتم جي مورتي اڳيان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پيينٽ رکن. هر مهيني جي چوڏهين تاريخ سڄي سلون ۾ موڪل ٿئي. ان ڏينهن کي پويا ڏي (*Poya Day*) سڏين. ان ڪري سلون موڪلن جي معاملن ۾ سخي آهي. ڪي ته پري پويا (*Pre_Poya*) ۽ آفٽر پويا (*After_Poya*) (پونم جي رات کان هڪ ڏينهن اڳ ۽ هڪ ڏينهن پوءِ وارو) به موڪل ڪن. دڪان، آفيسون، هوٽلون ـ سڀ بند. ٿالهه ۾ گل ڪٽبا ۽ پگوڊا ڏي رُخ ڪبو. حالت اها هوندي آهي جو چوڏهين تاريخ پگوڊائن ۾ تر ڇٽڻ جي جاءِ نه هوندي آهي. زالون، مرد، ٻار ٻچا سڀ اتي، زالون گهڻو ڪري ان رات اڇي ساڙهي اوڍين. هڪ چنڊ جي سُهائي، ٻيو گُلن جي خوشبوءِ ۽ اڇي پوشاڪ هڪ خوبصورت نظارو هوندو آهي. ننڍڙا ڏيئا سوين پيا ٻرندا، نغارن ۽ گهنڊن جي آواز ۾ جادوئي ڪيفيت هوندي آهي.

هڪ لطيفو مشهور آهي ته چنڊ تي جڏهن مختلف قومن جا ماڻهو پهچي ويا ته معلوم ٿيو ته سڀ ڪم ڪار ۾ لڳا پيا آهن. سواءِ سلونين جي. ڪنهن پڇيو:

”خير ته آهي؟ توهان ڪو ڪم ڪار ڪونه پيا ڪريو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڪم ڪار ......؟“ هڪ سلونيءَ ڪلنديءَ چنڊ جي افق ڏي هٿُ گھمائي چيو: ”ڏسين نٿو تہ (*Full Moon*) لڳو پيو آهي ۽ سڄو چنڊُ معنيٰ موڪل - پويا!“

بئي ڏينهن، مٿي ذڪر ڪيل سنهالي فئملين مون کي هتي جا بہ پگوڊا ڏيکاريا. هڪ تہ سندن گھر جي بلڪل ويجھو هو. پنجاهہ سٺ سال کن پُراڻو ٿيندو ۽ ٻيو ستٽ اٺ ميل پري ڪاليا جو پگوڊا سڏجي ٿو ۽ ڪولمبو جو سڀ کان وڏو پگوڊا آهي. ٻنهي ۾ ماڻهوءَ جي قد کان ٻيڻا ٽيڻا وڏا گوتم جا بُت رکيل آهن. ڪٿي سُتو پيو آهي. ڪٿي گيان وينو ڪري. ڪٿي پوڄاري (ڀڪشو) چوڏاري ويٺا اٿس. ٻنهي پگوڊائن جي وڏي ڀائي سان ملرايائون. هڪ وڏي هال ۾ ڀتين تي تصويرون (*Paintings*) ٺهيل هيون. جن بابت هڪ نوجوان ڀڪشو سنهالي زبان ۾ سمجھائڻ لڳو. جيڪو اتي جو اتي (ٿوري گھڻي ڦيرڦار سان) والتر ۽ سندس زال انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائيندا رهيا: ”هيءَ تصوير گوتم جي جمڻ وقت جي آهي. هن پينٽنگ ۾ جوتشي گوتم جي والدين کي جنم پُتري ٻڌائي رهيو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي تہ هي ٻار غير معمولي شخصيت جو ٿيندو. هن کي محل ۾ ئي رکجو ڪنهن بہ ٻاهر جي ڏک جي ڪيس خبر نہ ڏجو. گوتم کي فقط هڪ طرف جي خبر پوي ٿي. هن کي اها خبر ناهي تہ ٻاهر جي دنيا ۾ انيڪ انسان ڏکن ۽ غمن جي زندگي گُذاري رهيا آهن. هن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي تہ هڪ ڏينهن گوتم گهر کان ٻاهر لڪي نڪتو آهي ۽ هن کي دنيا جا ڏک نظر اچن ٿا. پهرين ڪيس هڪ پوڙهو فقير نظر اچي ٿو ۽ پوءِ سندس نظر هڪ مريض تي پوي ٿي......"



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پهرين فقير تي نه ......“ چاندرڪا جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي سندس مُڙس درستي ڪئي، ”پهرين مريض تي نظر ٿي پوي ۽ پوءِ فقير تي.“

چاندريڪا جي سمجهائڻ جو سڄو جوش ڪرڪرو ٿي ويو. پٽ ڏي نگاهه ڪيم. ويهن ڪان به مٿي مُورتيون هيون. بڪشوءَ اجان تي چار مس سمجهايون هيون. سندس نظرون تصويرن ۾ گهٽ روهيني ۽ چاندريڪا ۾ وڌيڪ کُتل هيون. شايد انهن نظرن جي تڪاڻ محسوس ڪري روهيني ته ٿري ويئي. ٻائو پنهنجو ليڪچر ڏکو ڪرڻ لڳو جنهن ۾ مقصد جي ڳالهه ٿوري ۽ لانڍ گهڻي هُئي. والٽر ڪي چيم ته مونکي سڄي ڪٿا جي خبر آهي ته گوتم هڪ شهزادو هو ۽ ڪيئن هڪ رات پنهنجي خوبصورت زال ۽ ٻار کي محل ۾ اڪيلو ڇڏي پيپر جي وڻ هيٺان ويهي سچ جي ڳولا ۾ ڏيان ڏريو هُئائين. آئون ڪسڪي ويس. ٻائو لڳاتار ڳالهائيندو رهيو.

پگوڊا جي مين هال جي ڏاڪڻ تي به چار آيل زالون ٻارن سان گڏ ويٺيون هيون. روهيني پڻ انهن سان گڏ وڃي ويٺي ۽ پيرن جي آڱوٺن سان پٽ تي پيل ريتيءَ ۾ هر ڪاهيندي رهي. چاندرڪا ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آئون بہ اچي ان جي پرسان ويناسين. چاندرڪا کي چيم تہ، ”دراصل گوتم کي هن دنيا ۾ ٿيندڙ پاپن ۽ ظلم کان نفرت هُئي.“

”جي ها،“ هوءَ وري هڪ دفعو ساڳي جوش ۾ اچي هڪ سنجيده عالم ۽ مذهبي رهنما وانگر سمجهائڻ لڳي،......

*“Actually Goutam could not tolerate the sufferings of this world of human beings.”*

”هو سوچڻ لڳو تہ هي ڇا آهي تہ هن دنيا ۾ غريب بہ آهن تہ امير بہ! آخر ڇو؟ هي جهڳڙا، هي مارڪُٽ، هي پاپ ڇو۔؟“

”مون ٻُڌو آهي تہ توهان جي مذهب مطابق ڪنهن بہ شيءَ کي مارڻ پاپ آهي، چاهي وڇون يا نانگ بلا هُجي!“ مون پُڇيومانس.

”اهو تہ آهي،“ چاندرڪا ڪُجھ دير سوچي وراڻيو ”پر اڄُڪلھ ڪيترين ئي ڳالهين آهن جن تي ڪير ٿو عمل ڪري؟ توهان جي مذهب مطابق شراب ۽ سوئر جو گوشت وغيره حرام آهي. ان هوندي بہ ڪيترا آهن جي شراب تہ کُلي عام پيئن ٿا. معاف ڪجو اهو حال سيني مذهبن سان وڃي ٿيو آهي. هڻ هٽان،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حوس، هرس ۽ اڄڪلهه جي لالچي ۽ ماديت سان ڀرپور زندگيءَ انسانن کي روحانيت کان پري گمراهه ڪري ڇڏيو آهي.“

”اڄُڪلهه جو نوجوان سخت منجهيل آهي ته پاپ ڇا آهي پُڃ ڇا آهي؟ روشني ڇا آهي، اوندهه ڇا آهي؟، سٺائي ڇا آهي، بُرائي ڇا آهي؟ ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اهڙي ته سنهي تندُ آهي جو خبر نٿي پوي ته ڪٿي نيڪي ختم ٿي ۽ ڪٿان بدي شروع ٿي. هر ڳالهه جو طريقو (*Trend*) بدلجي چُڪو آهي.“

”زمانو هو جڏهن دروپديءَ جي عزت تي حملو ٿيو ته مهاڀاري لڙائي لڳي هُئي. سيتا کي ڀڄايو ويو ته ڪيس واپس آڻڻ لاءِ سڄي لنڪا کي ساڙي ڀسم ڪيو ويو هو. عربن جي جهاز تي چڙهيل مسافرن ۽ مال سان سنڌين هٿ چُراند ڪئي ته عربن چار صديون ويهي حڪومت ڪئي. پر اڄ رام ۽ ارجن جو اولاد راوڻ ۽ دريوڌن بڻجي ويو آهي. هو ڪلندي ڪلندي سيتا ڀڄائي ٿو ۽ ٺهڪ ڏيندي دروپديءَ جي ساڙهي لاهي ٿو. ڪيترا عرب، اسلام جا پوئلڳ ۽ پڪا مسلمان سڏائڻ وارن جو اولاد، ڪئسوناوا بڻجي ڪلبن ۾


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوٽلن مان ڇوڪريون پڇائيندا وتن. شرافت، شانتي، مريادا ۽ سپيتا اڄ ڳوليندي بہ نٿيون ملن. هونءَ ٻڌ ڌرم، ڌرم نہ آهي! ٻڌزم هڪ قسم جو فلسفو آهي. اٿ از اي فلاسافي......“ ۽ سندس مڙس والٽر بہ ان وقت اتي اچي پهتو، تنهن چاندرڪا جو فقط آخري جُملو ٻڌي ترديد ڪئي:

”ڪير ٿو چوي تہ اهو فلسفو آهي. اهو هڪ مذهب آهي.“

چاندرڪا کي والٽر جو ائين وچ ۾ ٽپي اچڻ نہ وڻيو. آئون زال مڙس جي جهيڙي مان نڪري ڪار مان بوٽ ۽ جوراب ڪڍي پائڻ لڳس. پنيان سنهالي زبان ۾ چاندرڪا کيس چئي رهي هُئي:

”توکي ڪهڙن خبر دنيا جي مذهبن ۽ تاريخ جاگرافي جي. توکي رڳو اها ڄاڻ آهي تہ ڪاٺ ڪهڙو اگهُ، ڪهڙو ڪم ٿو اچي ۽ ڪٿان چيريو وڃي ......“

ڪار ۾ چڙهندي راندينيا مون کي بوٽ پائڻ کان جهليو تہ اجان هڪ ٻئي پگوڊا ۾ بہ هلڻو آهي.

”ان بعد توکي ريڊيو سلون جي اسٽيشن تي وٺي هلنداسين.“

والٽر ۽ چاندرڪا بہ وڙهندي اچي ڪار ۾ چڙهيا. والٽر مُنهن سُڄائي ڪار جي اسٽرينگ کي زور سان جهلي، ڦوڪجي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سوڪجي، پُنيءَ جو ڪندو ايو ڪري ائين ڊرائيونگ ڪرڻ لڳو جڻ ڪا ڪار نہ هُجي پر روسي ٽريئڪٽر اڻ ريجائتي ڌرتيءَ ۾ مُڏي هر سان ڪاهي رهيو هُجي.

ٻيو پگوڊا ڪجهہ پري هو. رستي تي ريڊيو اسٽِشن سلون آئي تہ والٽر بريڪ هڻي ڪٽي ڪار بيهاري. سجُ لهي چُڪو هو ۽ شام جي چُنجهين ٻتين ۾ مون سمجهيو پگوڊا اچي ويو. ويتر جو عمارت اڳيان گوتم جو وڏو بُت ڏٺم تہ پيرن اگهاڙو هيٺ لٿس. روهينيءَ پنهنجي مُڙس کي آهستي منهنجي پيرن ڏي اشارو ڪيو ۽ مون شڪي ٿي پُڇيو "چا بوٽ لاهڻ جي هتي ضرورت ناهي؟" سڀ اچي کل ۾ پيا ۽ والٽر جي چهري تي بہ هاڻ مُرڪ وري آئي. مون اڇي رنگ جي بلڊنگ جي چوٽيءَ ڏي نهاريو جنهن تي انگريزيءَ ۾ (*Radio Ceylon Broadcasting House*) لکيل ڏسڻ ۾ آيو هو.

ريڊيو سريلنڪا جيڏي طاقتور ۽ مشهور اسٽيشن آهي ان جي مقابلي ۾ عمارت ننڍي اٿس. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد يا ڪراچي جي عمارت بہ ان اڳيان وڏي ـ جنهن جي ٻاهر ٻيڙ تي ڪيترائي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آرٽسٽ، فنڪار، ڪلارڪ،  آيل ماڻهو ۽ نوڪر پيا هلندا. پر هتي ڪڪڙون تو لڳي پئي هُئي!

سلون ريڊيو اسٽيشن جي ٻاهرين خاموشي ۾ سفيد عمارت ڏسي لڳي ٿو تہ عبادتگاهہ هُجي. هيترا دفعا سلون ۾ اچڻ بعد هي پهريون دفعو ان مرڪز اڳيان بيٺو هوس، جتان براڊڪاسٽ ٿيل گانا، فلمي ڪهاڻيون، لطيفا ۽ اشتهار گذريل ويهن سالن کان شوق سان ٻُڌندو اچان ۽ هيءَ اسٽيشن مون جهڙن لکين ماڻهن لاءِ باعث وندر ۽ *Inspiration* رهي آهي. دروازي وٽ ٽي سپاهي بلو (شايد سليٽي ـ ياد نہ اٿم) ورديءَ ۾ بيٺا هُئا. راندينيا چيو تہ شايد اندر اچڻ نہ ڏين. بندرانائڪي جي قتل بعد ههڙن هنڌن تي اچڻ تي سختي آهي، خاص ڪري شام جو چئين وڳي کان پوءِ. سپاهي پاڻ ۾ ڳالهائيندا رهيا. اسان گهڙياسين پر هنن ڪُڇيو ڪونہ. عمارت جي لونج ۾ ڪائونٽر پنيان بہ سلوني سنهالي ڇوڪريون ويٺيون هيون. شام جا سوا ڇهہ ٿيا هُئا (پاڪستان جا پوڻا ست) فلمي گانا هلي رهيا هُئا. والتر ۽ راندينيا مون کي اندر وٺي هلڻ جي ڪوشش ۾ هئا. سندس ڪو واقف همراهہ جوزف نالي هو جو گهر ويجي ڇُڪو هو ۽ هي ڪنهن ٻئي واقفڪار جي ڳولا ۾هُئا. آئون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪائونٽر وٽ ويٺي ٻنهي سلوني ڇوڪرين ۾ هرويرو دلچسپي (*Interest*) ورتڻ لڳس. هڪ پاسيري ويٺي براڊڪاسٽ ٽيل پروگرام چيڪ ڪري رهي هُئي. ٻي (*Receptionist*) ڇوڪري قد ۾ عمر جي تمام ننڍڙي پر ايتري ٻه ننڍي نه جو 'روٽي' کي 'روتي' چوي! سورهن سترهن سالن جي ٿيندي. رنگ جي ڇهڇ ڪاري (ٿوري معمولي ڪاري هُجي ها ته ڪٽي ٿورو گهٽ و وڌاءُ ڪري مشڪي چوانس ها). پاڪستان ۾ اهڙي جي توهان کي اوچتو نظر اچي وڃي ته جيڪر ٻي نظر وجهڻ جي ضرورت محسوس نه ڪريو.

اسان جو پيٽارو جو ڪلاس ميٽ خالد مخدوم ته جيڪر سلون جي سونهن جو هڙو ڪريل اسٽئنڊرڊ ڏسي ته يڪدم نرڙ تي ڏڪ هڻي سلون بابت چوي:

’سرتيون سڄي سُڄ، متان ڪا مونسين هلي،
متان مري اُڄَ، ڏئي پاراتو پنهل کي.‘

پر هفتو کن هتي سلون ۾ ان ڪان ٻه وڏيڪ ڪاريون، ميريون، سنهيون، ڪانگن جي ٽنگن جهڙيون ڇوڪريون ڏسي ڏسي اسانجو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻہ هاڻ بقول هادي بخش ميمڻ جي ٽيسٽ *Develop* ٿيو آهي ۽ ڪي ڪي سلوني ڇوڪريون وٽڻ لڳيون آهن ۽ هن جي منهن ۾ تہ پوءِ ٻہ چڱي ڇهراڻ هُئي، جنهن جي پويان لائوڊ اسپيڪر تي ’ائسپرو لي لو ائسپرو لي لو‘ وڄي رهيو هو ۽ پاڻ بال پين سان ڏند وڄائي رهي هُئي. ۽ هونءَ ٻہ ـ سپريان جي سونهن جو نڪو قد نہ مڌُ!

هڪ همراهہ آيو تنهن کي ڦُڙتيءَ سان ڊيسڪ جي خاني مان فارم ڪڍي ڏنائين. هو اهو وٺي پر ۾ ئي ٽيبل تي رکي ڀرڻ لڳو. ايتري ۾ هڪ ٻيو همراهہ داخل ٿيو جنهن ڪنهن سان ملڻ ٿي چاهيو. ڇوڪريءَ ڊيسڪ تان هڪ ڪٽ لڳل مائيڪروفون ڪڍي ان تي اعلان ڪري ان جي دوست کي گهُرايو. آئون ٻهرين تہ ڪائونٽر جي ڪنڊ وٽان کيس ڏسندو رهيس پوءِ بلڪل سامهون ٻيهي عجيب بيوقوفن وانگر کيس غور سان ڏسڻ لڳس. سندس اکيون ڪجل سان ڀريل هيون جنهنجا ڪارا لينگها اکين مان ٻاهر نڪري آيا هُئا پر پري کان نظر ڪونہ پئي آيا. چپن تي هڪ ردي قسم جي کهنيي رنگ جي لپ اسٽڪ لڳل هُئي. هوءَ هاڻ بال پين بدران مائيڪ سان ڏند وڄائڻ لڳي. آئون لڳاتار سندس منهن ۽ ڪائونٽر مٿان نڪتل جسم جي حصي کي گهوري ڏسندو رهيس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون سمجهيو منهنجي ان بيهودي حرڪت تي هن ڪي ڪاوڙ لڳندي ته آئون هن جي نبل جسم کي گهوري چو پيو ڏسان. پر ڪلي مائيڪ مون ڏي وڏائيندي چيائين:

”توهان شايد هن پُراڻي زماني جي مائيڪ بابت سوچي رهيا آهيو؟“ ”ڏاڍي ٻُڏائي“ مون دل ۾ چيو. ـــ ”من درجه خيالم وفلڪ درجه خيال (آئون ڪهڙي خيال ۾ آهيان ۽ آسمان ڪهڙي خيال منجهه!)“

والٽر قلهڙو منهن کڻي منهنجي پرسان آيو. آئون سمجهي ويس. چوڻ لڳو. ”هن وقت ڪو سُجاڻو ته نظر ڪونه ٿو اچي جو اندر وٺي هلي. انين بجي هڪ ٻئي منهنجي دوست جي ڊيوٽي آهي ان تائين انتظار ڪريون؟“

”نه ـ نه اهڙي ڪا ضرورت ناهي. بس ريڊيو سلون جي عمارت تائين پهتاسين، اهو ئي ڪافي آهي. باقي ٽرانسميٽر ۽ مشينري ڏسڻ جو شوق ناهي“ ٻاهر نڪتاسين ته رستي تي مون کي اوچتو خيال آيو. ڪانئن اجازت وٺي وري ڪائونٽر وٽ ان ڇوڪريءَ وٽ آيس جا ساڳئي حال ۾ ويٺي هُئي ـ يعني بال پين سان پنهنجا ڏند ڪڙڪائي رهي هُئي. ڪانئس پڇيم ته، ”اڄ جو مکيه انائونسر ڪير آهي؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”منوهر مهاجن“

”ڳالهه ٻُڌ. آئون ٻاهران ڏورانهين ڏيهه کان آيو آهيان ۽ سگهوئي واپس وڃڻ وارو آهيان. مسٽر مهاجن سان جيڪر ملندو وجان. هو هينئر بزي هوندو پر منٽ ٻن لاءِ واندو ٿي سگهندو؟“

هن پيٽن ڊيسڪ تي رکي مائيڪروفون هٿ ۾ کنيو ۽ ان سان پنهنجا ڏند وجائيندي ٻڌايو.

”هوندو ته بزي پر آئون اناؤنسمينٽ تي ڪريان ته هو ملي سگهي ته ٻاهر اچي.“

پوءِ ٿوري دير لاءِ ڏند وجائڻ بند ڪري مائيڪ جو سئچ آن ڪري مهاجن لاءِ اعلان ڪيائين. پنج ڏهه منٽ گُذري ويا ۽ جڏهن هو نه آيو ته ڪيس (محترمه کي) پاڻ بابت ٻڌايم ته. ”منهنجو لکڻ سان واسطو آهي ۽ منهنجا ڪيترا پڙهندڙ سلون ريڊيو جا پرستار آهن مون کان هر وقت هن اسٽيشن, منوهر مهاجن, امين سياني ۽ ٻين اناؤنسرن جو پُڇندا آهن. خوش قسمتيءَ سان اڄُ مهاجن جي ڊيوٽي آهي. ٻاهر نڪري ته کيس پاڪستان ۾ رهندڙ سندس اڻ ڳڻيا پرستارن جا سلام چئجانءِ.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن پني جي پور تي منهنجو نالو (غلط سلط اسپيلنگ سان) لکيو ۽ آئون لونج مان ٻاهر نڪري، چيڙ لتاڙي، مين گيٽ کان نڪري ڪار ۾ اچي ويٺس. اجان دروازو مس بند ڪيم ته ريڊيو اسٽيشن مان هڪ هلڪي ڦلڪي بدن جو نوجوان ’الطاف الطاف‘ چوندو ڊوڙندو آيو. ڪار مان نڪتس ته هٿ ڏئي پڇيائين:

”سنڌ کان توهان آيا آهيو؟“

”جي ها.“ مون وراڻيو مانس.

”آئون منوهر مُهاجن آهيان.“

مون ساڻس ملڻ تي سڪ ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو. هو ڪي اڌ ڪلاڪ جو پروگرام - ٽيپ چاڙهي ٻاهر نڪري آيو هو. ساڻس سيني تعارف ڪرايو. پاڻ اندر وڃي هلڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳو پر مون کيس ٻڌايو ته توهان سان ملاقات ٽي ۽ عمارت ڏٺيسين ايترو في الحال ڪافي آهي. پاڻ جلد جلد ٻاهران ڪولڊ ڊرنڪ اسان لاءِ گهُرائي، پُڇيائين ته، ”پاڪستان ۾ سلون چتو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي يا نه؟“

”منهنجي خيال ۾ سلون سڀ کان چتو پاڪستان ۽ هندستان ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ان بعد ايران، اتر آفريڪا ۽ اجا به مٿي لبنان،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ترڪي، بلغاريه، رومانيه تائين سلون پُڄو اٿم. باقي سلون جي ساڄي پاسي اوڀر توڙي اتر طرف، سنگاپور، هانگ ڪانگ توڙي جپان ڪوريا ۾ سلون چٽو نٿو ٻُڌڻ ۾ اچي. ڪڏهن ته صفا جهيڄي نه سگهندو آهي.“

ريڊيو سلون جي ڪهاڻي به عجيب آهي. هڪ سلوني صحافي وٺاچي تارازي جي لکيل ڪتاب (*The Brown Sahib*) ۾ پڙهي هيم:

”ٻي جنگ عظيم کان اڳ ريڊيو سلون تمام ننڍي ريڊيو اسٽيشن هُئي جا سلون ۾ به مس ٻُڌڻ ۾ ايندي هُئي، پوءِ لارڊ مائونٽ بيٽن ڏکڻ اوڀر جي ملڪن سان ريڊيو ذريعي بين الاقوامي رابطو قائم رکڻ لاءِ هڪ طاقتور ريڊيو اسٽيشن تيار ڪرائي ۽ 1947ع ۾ ننڍو کنڊ ڇڏڻ وقت انگريزن سلونين کي سستي اگهه تي وڪڻڻ چاهي ٿي. تن ڏينهن ۾ سلون جي گورنر جنرل سر اوليور کي خبر پئجي وئي ته انگريزن کي اها اٽي ئي ڇڏڻي پوندي جو ان کي پٽرائي واپس انگلنڊ کڻي وڃڻ تي کين ان جي قيمت کان ٻيڻو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خرچ ڪرڻو پوندو. سو انگريزن جي اها سستي آڇ به قبول نه ڪيائين.“

”نه سائين، اسان کي سستي به نه کپي. اسان کي ضرورت ناهي. اسان غيرملڪي ناڻو پهرين پهرين ضروري شين تي خرچڻ چاهيون ٿا.“

انگريزن هن کي ٺٺوليءَ ڪري چيو ”ميان ڪاوڙج نه. مفت ۾ ئي پلا پُراڻن ڏينهن جي صدقي رکُ.“

سلوني حڪومت ان طاقتور ٽرانسميٽر کي واپاري لائين تي هلائڻ شروع ڪيو ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي.

ريڊيو اسٽيشن بعد ڪولمبو جي سڀ کان وڏي پگوڊا ۾ وياسين. جتان موٽندي رات جا نَوَ ٿي ويا. هاڻ آئون ان ڪوشش ۾ هئس ته شهر ۾ ڪنهن هنڌ پهچون ته هن سنهالي فئمليءَ کان اجازت ونجي نه ته اجايو ڪٽي هنن تي مانيءَ جو بار به نه پَوي. ڪار گال روڊ (*Galle Road*) تي ويلوتا مارڪيٽ وٽ پهتي ته مون ڪانئن اجازت گهرڻ چاهي پر هو مون کي مانيءَ لاءِ گهر وٺي آيا.

گهر پهتاسين ته سندن پوڙهي بورچياڻيءَ ۽ نوڪرياڻي درُ جهليو بيٺيون هيون ۽ ڪا خبر رليز ڪرڻ جي موڊ ۾ هيون. جهڙو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪار مان لٿاسين تہ ٻنهين پوڙهين گهر جي مالڪن کي سنهالي زبان ۾ هٿ جي اشارن سان زبردست ائڪٽنگ سان ڪا سنسني خيز خبر ٻڌائڻ شروع ڪئي. آئون ڪڏهن هڪ پوڙهيءَ اڳيان بيهي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، ڪڏهن ٻي پوڙهيءَ جي ـ پر زبان يار من ترڪي، و من ترڪي نمي دانمـ هڪ اکر بہ سمجهہ ۾ نہ آيو پر سندس ڳالهائڻ جي انداز مان سمجهيم تہ ڪا پراسرار ڳالهہ هجي ڪٿي چوري تہ نہ ٿي آهي. هي ويچارا مون ڪارڻ گهر پوڙهين جي حوالي ڪري ويا، پنيان ڪجهہ ٿيو اٿن. پوڙهين جي ڳالهہ ختم ئي نہ پئي ٿي ۽ منهنجي حالت خراب ٿي رهي هُئي. پر ۾ چاندرڪا بيٺي هُئي تنهن کي اشارو ڪيم تہ ڇا ڳالهہ آهي. والٽر کي اشارو ڪيم پر ٻئي پوڙهين جي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ مشغول هُئا. هر هڪ پوڙهي ٻن ڇٽن کي جهلي رام ڪهاڻي ٻڌائي رهي هُئي ۽ آئون جهار هڪليندڙ مالهيءَ وانگر ڪڏهن هيڏانهن تہ ڪڏهن هوڏانهن. آخر ڳالهہ ختم ٿي تہ مون پُڇيومان:

”ڇو خير تہ آهي؟ ڪا چوري چڪاري تہ نہ ٿي آهي؟“

”نہ نہ. هي پيون چون تہ ڪجهہ دير اڳ بہ ٽي دفعا فون آيو. ڪو انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪين چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ تہ نہ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آيو آهي سواءِ ان جي تہ جهاز تي ڪجهہ ٿي چڪو آهي. شايد توسان ڳالهائڻ ٿي چاهيو. پر هنن بيوقوف پوڙهين جي ڳالهين تي ڪو اعتبار ڪونهي. سڀ خير هوندو. تون ماني ڪائي پوءِ وڃُ.“ هنن ڪين ٽيبل تي ماني لڳائڻ لاءِ چيو. مون کي ياد آيو تہ دستور موجب ڊيوٽي انجنيئر کي جهاز ڇڏڻ وقت پنهنجو اتو پتو ٻُڌائي آيو هوس ۽ والٽر وارن جو فون نمبر پڻ ڏئي آيو هوس جيئن ايمرجنسي جي صورت ۾ اطلاع ڪري سگهي.

روهيني ۽ چاندريڪا پوڙهين کان ماني وٺي جلدي جلدي ٽيبل تي رکي. ڳانگٽن جو ٻوڙ هو. گوشت جون پڪل ٻوٽيون. ڪڙهي جهڙي ڪا شيءِ پٽاٽا ۽ ٻاجي اوٻاريل ۽ *Staple Food* ۾ چانور يا ڊبل روٽيءَ بدران هاٿ اسٽيمر هُئا. جي سٽرڀينيءَ جهڙي شڪل ۾ اوٻاريل سيويون ٿين. سلون ۾ اٽي ۽ چانورن جي اڄڪلهہ ايتري ڪوٺ آهي جو هفتي ۾ ٻہ ٻہ ڏينهن گوشت سان گڏ چانور ۽ اٽو پڻ بند ٿئي ٿو. اٽو جيڪو ملي ٿو سو بہ اهڙو ميرو ۽ مٽيءَ هاڻو جو اسان جي جهاز تي بہ سيني ڪائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ جهاز جي راشن لاءِ هاڻ ڪجهہ وقت لاءِ رستي تي ايندڙ بندرگاهہ ڪيپ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٿائون ۾ جهاز ترساٽڪو پوندو، تيسين جپان وارو بچيل اٽو کائي رهيا آهيون.

مون سيوبين جا به ٽڪرا ڪنيا. ان مٿان والٽر گانگٽن جو ٻوڙ پٽاٽا وغيره سڀ ڪجهه وڌو. هتي سلون جي ماڻهن جو کاڌو کائڻ جو طريقو به ڏکڻ هندستان جي تامل ماڻهن ۽ بنگالين جهڙو آهي. مڇي، گانگٽ گهٽو کائين ۽ ٻوڙ ۾ رسُ تمام گهٽو ڪندا پوءِ کائڻ مهل رسُ (شوروو) هٿن جي آڱرين ۽ ڪراين وٽان پيو وهندو. ڪين ٻُڌايم ته اسان جي ملڪ ۾ ڪٽڪ ۽ چانور *Staple Food* آهي. هي سيوبون ڪنڊ ۾ پچائي کائبيون آهن ۽ سيوبون معنيٰ عيد جو ڏينهن ۽ عيد جو ڏينهن معنيٰ سيوبون. ڪين هڪ چرچو ٻُڌايم ته جپان ۾ نئين آيل اسان جي ملڪ جي هڪ ڳوٺاڻي روز جپانين کي صبح شام سيوبون کائيندو ڏسي ٻي کان پڇيو ته هتي روز عيد آهي ڇا؟ پوءِ لوڻ مرچ ۾ اوٻاريل اٽي جون سيوبون چکي چيائين: ”غلط اهڙي روز جي عيد کان اسان جي ملڪ ۾ سال ۾ هڪ عيد بهتر آهي. منجهس ميناجُ ته آهي.“

ڏکڻ هندستانين وانگر هن سلوني فئمليءَ جو کاڌو به مرچن ۽ مسالن سان ٽپيل هو. هر گراهه کائڻ بعد پاڻيءَ جو ڍُڪ پيٽو ٿي پيو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ سيوين سان ٻوڙ ڪائڻ يا پٽاٽا، مٿئين ڳوناٽي وانگر اسان لاءِ به غلط بلڪل غلط چڪر هو. مٿان انناس جا به چار ٽڪر ڪائي ڪائڻ موڪلايم.

رستي تي ٽئڪسيءَ واري کي چيم ته اڏام جوان اڏام! گيٽ نمبر ٻيو. بندرانائڪي گيٽ. سڄي واٽ سوچيندو آيس ته چا ايمرجنسي تي سگهي ٿي، جنهن لاءِ مونکي به ٽي دفعا ٽيليفون ڪيو ويو آهي. ڪٿي جنريٽر ته نه ويهي رهيو آهي. پر ان صورت ۾ ٻيو هلائين ها. ٽيون هلائين ها. رات جو ٻارهين تائين نه ته صبح جو ته اچي نڪران ها. اهڙي به چا ڳالهه! جهاز کي شفٽ ڪرڻ جو ته پروگرام ئي نه هو پر جي اوچتو ٿيو به آهي ته چيف انجنيئر ته جهاز تي موجود آهي. ڪٿي باهه ...... نه نه نه! الله خير ڪندو. اليڪٽرڪ باهه لڳي آهي يا تيل جي باهه. وسائڻ جا *Extinguishers*، ڊراءِ ڪيميڪل، سوڊا ائسڊ، فوم وارا سڀ صحيح صورت ۾ آهن. استعمال ڪن ها. ڊوميسٽڪ فرج ڪمپريسر جو گهپلو ٿيو هوندو. يا ونچز جو مسئلو ٿيو هوندو يا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بنڪر آيو هوندو. ۽ جي ڪا به اهڙي خاص ايمرجنسي نه نڪتي ۽ معمولي ڳالهه ثابت ٿي ته پوءِ ڊيوٽي انجنيئر ۽ سيڪيورٽي انجنيئر جو ڪمال آهي جو ڪنهن معمولي ڳالهه کي به هو اڪيلي سر منهن نه ڏيئي سگهيا آهن. هيترا سارا سال سمنڊ تي رهڻ بعد هنن کي پاڻ ۾ ايترو اعتماد ضرور آهي جو خود مشڪلات جو مقابلو ڪري سگهن. ٽئڪسي مان لهي سڌو جهاز جي ڏاڪڻ وٽ آيس ۽ تکو تکو هڪ ڏاڪو ڇڏي ٻيو چڙهڻ لڳس. هر ڳالهه معمول مطابق نظر اچي رهي هُئي. ڏاڪڻ جي مٿئين حد وٽ سڪاني چيلهه چبي ڪري (يعني *Bull work* کي ٽيڪ ڏئي) آرام سان هڪ ٻئي سلوني مزدور ڪان سنهالي سکي رهيو هو. تيل وارو گئلريءَ مان گرم گرم چانهه ڻاهي انجڻ روم ۾ وڃي رهيو هو. اليڪٽريڪل انجنيئر سموڪ روم ۾ گانا ٽيپ ڪري رهيو هو. سڌو سيڪيورٽي انجنيئر جي ڪئبن ۾ اچي هن کان پُڇيو. هن *Oui* (اوئي) رسالو وهاڻي هيٺ رکندي چيو:

”مون ته ٽيليفون نه ڪيو هو باقي گهڙي دير اڳ چيف آفيسر فون نمبر وٺي ويو هو.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪئبن ڪان ٻاهر نڪتس تہ چيف آفيسر مظهر ۽ پرواري مالديوين جهاز (*Ocean Glory*) جو چيف آفيسر راشد ۽ سيڪنڊ انجنيئر طيب سوٽ ڪوٽ ٺاءِ ۾ تيار بيٺا هُئا. مون کي ڏسي مظهر چيو:

”مُبارڪ. مبارڪ. اچي تہ ويا. اسان انتظار ڪري اڏُ مُئا ٿي ويا آهيون. فرئنڪلن جي برٿ ڊي پارٽيءَ لاءِ ڪونہ هلندين؟ هن هر هر اچڻ لاءِ پئي چيو.“

اسان وري پويان پير ڪٽي بندرگاهہ جي دروازي ڪان نڪري ٽئڪسي جي ڳولا لاءِ مين روڊ تي اچي بيناسين. رستي تي راشد پنهنجي اَن تي چڏيل مُچن کي آڱرين سان استري ڪندي چيو:

”فرئنڪلن ڪرسچن ۽ هتي جي هاءِ سوسائٽيءَ جو آهي هلو تہ نمونو ڏسي اچون. ڪيتريون ئي ڇوڪريون بہ آيون هونديون. ڊانس جو بہ پروگرام هوندو.“

مظهر خار ڪائيندي منهنجي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو:

”هڪ فرئنڪلن ڪارو انگريز هڪ هي پنهنجو ڪرنٽو راشد. اچي ٿيا تہ خوار آهيون، پر هاڻ هل. پاڻ ٻئي جلدي موٽي ايندا سين.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اوشئن گلوري جهاز جي سيڪنڊ انجنيئر طيب وات ۾ آڱوٺو ۽ آڱر گهيڙي هڪ زور سان سيٽي وڄائي ۽ جنازو ڪٽنڊڙ بس جهڙي هڪ ٽئڪسي چرڙاٽ ڪندي اچي ينگ وومين ٻڌ ائسوسيئيشن ( $Y.W.B.A$ ) بلڊنگ وٽ وچي بيٺي.

ٽئڪسيءَ واري چيو ته، ”ميٽر تي ڪونه هلندس. عربن تيل بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ بندرانائڪي جي حُڪومت ڪاڏي تي مهانگائي ڪئي آهي.“

”اڙي دارون پي ٽئڪسي ٿو هلائين،“ سيڪنڊ انجنيئر طيب سنهاليءَ ۾ چيس. ”هل ’ڪال - پٽيا‘ جي ٽاٽي تي ته نيڪ ڪرائين.“

”ڪال پٽيا جي ٽاٽي تي هلندس. پر،“ ڊرائيور جهومندي چيو ”رات جو وقت آهي ميٽر تي ڪونه هلندس. پنڌرهن روپيا ٽاٽي تائين جا وٺندُس چاڪاڻ ته عربن تيل بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ بندرانائڪي جي حُڪومت.......“

”سخت گڏهه ٿو ڪو ڏسجي.“ طيب پٽڪندي چيو ”هر ڳالهه ۾ عربن تيل بند ڪيو آهي ۽ بندرانائڪي جو ڏوهه!“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر ٻه اچي بيٺل هڪ ٻي ٽئڪسي جي ڊرائيور اسان کي پاڻ ڏي سڏيو. پهرين ٽئڪسيءَ واري ڪيس پاڙو ڪٽڻ کان منع ڪئي، پر هن ميٽر هيٺ ڪري در کولي اسان کي اندر ويهاريو. منهنجي پاسي وارو درُ ٻه ٽي دفعا بند ڪرڻ جي ڪوشش سان به بند نه ٿيو. ڊرائيور لهي سوٽليءَ جي ڏاڍي سان چڱيءَ طرح ٻڌو.

”اڙي ذليل،“ پهرين ٽئڪسيءَ واري ٻي کي چيو. ”منهنجو پاڙو ٿو ڪٽيو وڃين. حرامي، سوئر، دروازو ته پهرين درست ڪراءِ پوءِ ٻين جي روزي تي لَتَ هڻُ.“

اسان جو ڊرائيور چُپ چاپ ٻڌندو گاڏي اسٽارٽ ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. چوٿون دفعو چابي گهُمائڻ سان گاڏيءَ جي انجڻ اسٽارٽ ٿي. هن گاڏي گيئر ۾ وڌي ۽ پوءِ ڪلچ تان پير ڪڍڻ کان اڳ پهرين ٽئڪسي واري کي ڪچي گار ڏيندي چيو.

”ميٽر پنهنجو نيڪ ڪراءِ ڪُتا! نه ته ٻُڪ مري ويندي.“ ۽ پهريون ان کان اڳ ڪا ورندي ڏئيس يا عربن ۽ بندرانائڪي کي ڏوهاري ٺهرائي تنهن کان اڳُ اسان جي ٽئڪسي زوڪاٽ ڪندي، ڪولمبو جي رات جي ماٺ کي چيريندي اڳتي هلي وئي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فرئنڪلن جي گهر پهتاسين. مين گيٽ اڪري اندر آياسين. فرئنڪلن در تي ئي اسان کي وٺڻ آيو. اندر ڪمري ۾ سگريٽن جي دونهين پُنيان ڪوچن تي سندس ست اٺ دوست ويٺا هُئا. جن مان هڪ آرميءَ جو ڪئپٽن هو، هڪ پوليس جو ڊي ايس پي، هڪ سندس پيٽويو جيڪو تازو انگلنڊ مان گهمي موٽيو هو (جنهن جي خواهش ڪولمبو کي هڪ ننڍڙو انگلنڊ بڻائڻ هُئي) هڪ اک سڄيل، سلون شپنگ ڪارپوريشن جي ڪنهن جهاز جو ٿرڊ آفيسر هو. جو نيويگيٽر گهٽ ۽ بقول مظهر جي بحري قزاق (*Pirate*) وڌيڪ ٿي لڳو. ۽ هڪ همراهه ڪنهن بئنڪ جو بقول فرئنڪلن جي، ايماندار مئنيجر هو. (ڇا بي ايمان مئنيجر به ٿيندا آهن ڇا؟) ۽ ڪجهه پيا هُئا.

پول (*Pool*) وارو اڪائيءَ جو وڊو ٽيپ رڪارڊر سڄي آواز تي واڄٽ ڪري رهيو هو ۽ ساڳيا ساڳيا انگريزي گانا (جنهن جي به پسند جا هُئا ان تي رحم ٿو اچي) پُڏندا رهياسين. ٻن ٽن قسمن جي شراب جون بوتلون، وچ تي پيل هڪ ننڍڙي ٽيبل تي رکيون هيون. سوڊا ختم ٿي چُڪي هُئي، جنهن جون ٽي چار خالي بوتلون ٽيبل


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هيٺان پيرن سان ٽڪرائي رهيون هيون. سوڍا بدران جگ مان پاڻي اوتي همراهه گلاس پري رهيا هُئا. ڳالهيون لنڊن، پئرس ۽ هالي ووڊ جون هلنديون رهيون. اهي ئي ته سلون ۾ ڪئڊبري چاڪليٽ به نه ٿا ملن. لنڊن ۾ هر دڪان تي ملن ٿا. آڊري هيپبرن روز لڪس صابڻ سان وهجندي آهي. پر پئرس جي لڪس ۽ ڪولمبو جي لڪس ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. رچرڊ برٽن جڏهن اسپتال ۾ ايلزبيٿ ٽيلر سان ملي ٻاهر نڪتو هو ته ڏاڪڻ وٽ سندس ڪاٻو پير ترڪڻ ڪري چيچ مُڙي پئي هُئي. ڊائريڪٽر جارج هل جي فلم ’سلاٽر هائوس فائول‘ آمريڪا ۾ رليز ٿي چُڪي آهي پر ڪولمبو ۾ ايندي سال ته لڳندُس. ٻاءِ جو (*By Jove!*) هي به ڪو ملڪ آهي رهڻ لاءِ!

“(*It is very backward country*)” ۽ پوءِ اسان کان اسان جي ملڪ جو حال پُڇڻ لڳا. اسانجي نمائندگي راشد ڪري رهيو هو. تنهن الله جي ڏني مان جيڪي پُڇيس ٿي سي ڪوڙ ۽ گشا سٽي ڪين وڌيڪ زخمي ۽ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪيو ٿي: ’او مئن! اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ ته هر اها فلم جيڪا انگلنڊ ۾ رليز ٿي ٿئي سا ان ئي ڏينهن ڪراچي ۽ لاهور ۾ ٿئي. آف ڪورس ڪجھ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪلاڪن جو فرق نہ ٿئي.. ڪراچيءَ ۾ ڪلر ٽي وي آهي......‘ (جيتوڻيڪ تن ڏينهن ۾ اجان نہ هُئي) وغيره.

ٽيبل تي رکيل سئنڊوچ ۽ مڇيءَ جي ڪوفتن جي پاروٽي شڪل مان لڳو پئي تہ اسان واقعي دعوت ۾ دير سان آيا آهيون ۽ پارٽي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽن ڪلاڪن کان شروع ٿيل آهي.

فرئنڪلن انهن پاروٽن ڪوفتن ۽ سئنڊوچن جون پليٽون کڻي اسان کي ڪارائڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳو ۽ ذري ذري چوندو رهيو: ”توهان تہ اڄُ جي پارٽيءَ جا مهمان خُصوصي آهيو. سيس (*Sister*) چوڻ لڳي: دي وونٽ ڪم (*They wont come*) پر آئون چوندو رهيوسانس: امپاسيبل (ناممڪن) تون سئنڊوچ ٺاهہ هو ضرور ايندا.“

ڪوچ ۽ ڪُرسيون گهٽ هيون ۽ مهمان گهڻا. مظهر ۽ آئون (نام نهاد مهمان خُصوصي) هڪ ئي ڪوچ تي ويٺا هُئاسين. ٻنهي هڪ هڪ سئنڊوچ ڪنئي. بک صفا نہ هُئي. مظهر کي اڙدوءِ ۾ چيم تہ پاروٽي سئنڊوچ کي نہ ڏس، خلوص کي ڏس.

”اسڪاچ وسڪي، جن، براندي ۔ چا پيئندائو. پنهنجو گهر ڪري سمجهو.“ فرئنڪلن چوڻ لڳو. پر پيئڻ جي معاملي ۾ اسان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جي نمائندگي طيب ڪري رهيو هو. ۽ جنهن رفتارسان سئنڊوچون ۽ ڪوفتا ختم ڪري رهيو هو، ماڳهين ميزبانن ۽ باقي مهمانن کي اچي ڏپُ لڳو ته ٻيا نه نهرائٽا پون. اسان ٽن لاءِ فرئنڪلن خبر ناهي ڪهڙي پاڙي وارن کي اٺاري هڪ ڪتو شربت وٺي آيو جو اسان ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئڻ لڳاسين. طيب کي اسان جي صوفين واري ڳالهه نه وڻي پر شايد اهو سوچي خوش ٿي ٿيو ته چڱو جو اسان شراب نٿا پيئون ۽ هاڻ اهو اسان جو حصو به ڪيس ڦٻجي رهيو آهي.

ٿوري دير کان پوءِ مظهر مونکي آهستي چيو ته يار طيب ڏاڍو بور ڪيو آهي، اٿڻ جو نالو ئي ڪونه ٿو وٺي. وجي پيئندو. ڪجهه ته چوينس ته هلي.

”نه بابا، آئون ته ساڍس فري آهيان ڪونه راشد کي ٿو چوان“.

وجهه وٺي آهستي راشد کي چيم ته طيب اجان بس نه ڪندو ڇا؟

”طيب، “ راشد وراڻيو. ”اهو گڏهه آهي جو هڪٻئي پُٺيان ڏهه گلاس پي ويندو پر ڳٽيندو هڪ به نه!“

مون کي ۽ مظهر کي اوٻاسيون ڏيندو ۽ بور ٿيندو ڏسي فرئنڪلن پيت تي ٽنگيل سندس فئمليءَ جون تصويرون لاهي اسان کي ڏيکارڻ لڳو. سندس ماءُ اندرين ڪمري مان پيون به تصويرون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لاهي در وٽ سندس ننڍي پُٽ کي ڏنيون ته هي به مهمانن کي ڏيکار. ان بعد سندس پيئرن جي پرت ۾ مشين جو ڪمرو فرئنڪلن ڏيکارڻ لڳو ۽ پيٽن کي سڏي کين بيو پرت آٽن لاءِ چيو. جن اهو پرت پيرن تي هلندڙ مشين جي خاني مان ڪڍي ڏيکاريو. مشين پڪ سلون کي آزادي ملڻ کان اڳ جي تي ڏني. جنهن جي مٿان چنل ميرو پوش، تنهن مٿان ڪنهن بستري جي پُراڻي، پر ڌوتل ريشمي چادر ۾ ائين ڍڪيل هُئي جڻُ مشين نه پر ڪنهن اولياءَ جي تربت مٿان پڙُ چڙهيل هُجي.

چوڪرين جي آرٽ جي تعريف راشد ۽ چوڪرين جي ماءُ واري وٽيءَ تي ڪئي ۽ ڪندا رهيا. جڻُ ڪنهن ميمبر جي اليڪشن ۾ ڪنواسنگ هلي رهي هُجي. مظهر ته نموني سان راشد کي اڙدوءَ ۾ ٽوڪي ورتو: ”تعريف ٿو ڪرين يا بي پي جا ڪتمنڙا ٿو وڪڻين؟“

طيب جي پرسان بيهي چيم: ”ڪامريڊ! هاڻ چپيل پروگرام مطابق گهر - يعني جهاز تي واپس هلجي يا خميسي خان کان الغوزي تي لوڪ ڌنون ٻڌجن؟“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سندن جواب ڏيڻ کان اڳ مظهر چيو: ”واپس، ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.“

”ڪا پوڙهي جهاز تي انتظار پئي ڪرئي چا جو ايڏي تڪڙ اٿئي“ طيب ڪيس پنجابيءَ ۾ چيو ”مون کي ته اجا سُرور به نه آيو آهي.“

”اوڪي نائو گُڊ باءِ.“ راشد زور سان اسان سيني پاران موڪلايو. فرئنڪلن جو ننڍيو پاءُ اسان کي ڪار ۾ جهاز تائين وٺي آيو. رستي تي راشد اڙدوءَ ۾ اعلان ڪيو ته آئنده طيب کي پاڻ سان هرگز نه وٺي هلبو.

طيب قسطن ۾ ڪلندي چيو. ”اڙي نادانو! آءٌ پاڻ اهو سوچي رهيو هوس ته توهان سان اڳتي ڪهڙو ڪافر هلندو. اجان ته مونکي سُرور ئي نه آيو آهي.“

”ايڏو شراب انسان لاءِ سُٺو ناهي.“ راشد پوڙهن وانگر نصيحت ڪيس.

”غلط بلڪل غلط“ طيب پنهنجي شاهد آڱر اڀي ڪري سندس خيال مطابق حق جي صدا بلند ڪئي، ”اهو انسان نه پر گڏه


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي جنهن کي هن دنيا ۾ غم نہ هُجن، ۽ اهو انسان گڏهن کان بہ بدتر آهي جيڪو پنهنجا غم شراب جي پيالي ۾ نٿو ٻوڙي!“

راشد آهستي مون کي ڪن ۾ چيو تہ. ”هي اهو ڪُتي جو پُچ اٿئي جو يارهن مهينا نڙ ۾ وجهڻ بعد بہ سڌو نہ ٿئي، ويتر نڙ کي ڇٻو ڪري وجهي.“

جهاز تي پُهچڻ وقت، ڪار مان ٽپ ڏئي ٻاهر نڪري طيب اسان کي چيو: ويندي وقت ٽئڪسيءَ کي مون پئسا ڏنا هُئا. ايندي وقت هاڻ توهان مان ڪو ڏئي.

راشد ٺونٺ هڻي چيس: ”انڌو آهين؟ توکي هيءَ ٽئڪسي ٽي نظر اچي. ميٽر ڪٿي اٿس.“

”ميٽر تي اڄ ڏينهن کان پوءِ ڪير نہ هلندو“ ڪار ۾ ٿڌي هوا لڳڻ ڪري طيب جي حالت سُرور واري ڊگريءَ مان ٽپي نشي واريءَ ۾ پهچي چُڪي هُئي ۽ ٿڙندي چيائين، ”چاڪاڻ تہ عربن تيل بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ بندرانائڪيءَ جي حڪومت شراب تي بندش وجهي ڇڏي آهي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

راشد ڪيس سهارو ڏئي سندس جهاز جي ڏاڪڻ طرف وٺي لڳو ۽ اسان پنهنجي جهاز جي ڏاڪڻ چڙهي دير تائين کين ڏسندا رهياسين، تان جو هو ڪئبن اندر هليا ويا.

دنيا جي نقشي ۾ سلون ڏسبو ته محسوس ٿيندو ته *Pearl* 'مٽئي' جي شڪل جهڙو هي ٻيٽُ اسان جي ويجهو هئڻ جي باوجود به هو اسان وانگر ٻين ملڪن جي ويجهو ناهي. مثال طور اسان جو ملڪ ته ساڳي وقت ڪيترن ئي ملڪن سان ڳنڍيو پيو آهي. هڪ پاسي ايران افغانستان ته ٻئي پاسي چين ۽ روس جي سرحد به سڌ پنڌ تي. ان ڪان سواءِ دبئي، دوحا (قطر)، ڪويت، عمان، سعودي عرب پڻ سڌ پنڌ تي. ڪيترن ئي ملڪن سان ريل ۽ روڊ ۽ ٽيليفون سان ڳنڍيل. اوسي پاسي جي ملڪن جون ڪمزور ريڊيو اسٽيشنون به ٻُڌڻ ۾ اچن. پر نقشي ۾ سلون کي ڏسبو ته سلون جو ٻيٽ فقط اتر ۾ هندستان سان ٿورو لاڳو آهي (يعني هڪ سنهو 'پلڪ' نالي ڳچي سمنڊ اٿس) ۽ هندستان جو ڪورو منڊل ساموندي ڪنارو اتر سلون کان پنجويهه ميل کن پري ٿيندو. باقي سلون جي ڏکڻ پاسي پري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پري تائين ڪنارو ناهي. ويندي ائنٽارڪٽڪ سمنڊ جي برفائين ڪناري تائين. جتي ڪا آبادي ناهي فقط سي گل ۽ پينگُئن جهڙا پکي رهن ٿا.

ڪولمبو جي اولهه ۾ ٻه هزار ٽي سؤ پنجاهه ميل پري مگديشو (سومالي لئنڊ) آهي. وچ ۾ ننڍن مالديو ٻيٽن کان سواءِ سمنڊ ئي سمنڊ آهي. ۽ اوڀر ۾ هڪ هزار اٺ سؤ پنجويهه ميلن کان پوءِ سنگاپور ٿو اچي.دنيا کان ايترو ڇڇيل هجڻ جي باوجود سلون ٻن هزار سالن کان دنيا ۾ مسالي، قيمتي پٿرن، هيرن جواهرن، لعلن ياقوتن کان مشهور آهي. ۽ جهازن لاءِ سٽائو وٽندڙ ۽ دلچسپ ٽڙ (*Port*) پئي رهيو آهي. هينئر ته سيڪُجهه: نديون، نارا، ڍنڍون ڍورا، سمنڊ جبل، هر شيءِ نقشن تي ماپيل ۽ ميل آهي ۽ ٻين ڳالهين سان گڏُ جهازراني ٻه ڪافي ترقي ڪئي آهي ۽ ڪاٻه جڳهه پري يا ڏکي ناهي. پر تعجب آهي ته پراڻي زماني ۾ جڏهن سج، چنڊ تارن ۽ هوائن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ *Navigational Aid* يا جهازرانيءَ ۾ مدد ڪندڙ اوزار نہ هو تڏهن ٻه يوناني، رومن، عرب، چيني، پورچوگيز ڊچ وغيره سڀُ سلون کان پلي پت واقف هُئا. سنڌباد جا


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سفر تہ سنڌ ۾ بہ مشهور آهن. هو پنهنجي روايتي سفرن دوران سلون ۾ پڻ بہ دفعا آيو.

پليني (جو رومن هو) تنهن سلون جو پهريون نقشو پهرين صديءَ ۾ تيار ڪيو. ان ۾ سلون جي ماپ بابت گهڻو وڌاءُ ڪيل آهي. تيرهينءَ صديءَ ۾ مارڪوپولو دنيا (يورپ آفريڪا ۽ ايشيا) جو چڪُو سفر ڪيو. هن يار پنهنجي ڪتاب ۾ سلون جو گهيرو بہ هزار چار سؤ ميل لکيو آهي. انگريزيءَ جي مشهور شاعر ملٽن پڻ جنهن جو (*Paradise lost*) نالي ڪتاب تمام گهڻو مشهور آهي، ان ئي ڪتاب ۾ سلون جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سلون جو يوناني نالو تئپروبين (*Taparobane*) استعمال ڪيو آهي. سندس جاگرافي بابت معلومات ايتري سني نٿي ڏسجي يا شايد فقط رديف قافيہ يا وزن بحر جي چڪر ۾ شاعريءَ جي خيال کان ڪنهن 'ڏورانهين ملڪ' لاءِ سلون جو نالو استعمال ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي جاگرافيڪل چاڙ: مندن، هوائن، سمنڊن، جبلن، ماترين، ڪاٺين، معدنيات، مختلف جڳهين مان درآمد ۽ برآمد ٿيندڙ شيون، فصل پوکون وغيره بابت سندس شاعري مان تمام گهڻي لڳي ٿي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پهرين به لکي آيو آهيان ته سلون کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويو ٿو. سلون جو سڀ کان پراڻو نالو يورپي ڪتابن ۾ ٽئپروبين ڏنل آهي جو يوناني آهي ۽ سڪندراعظم ۽ ان جا سپاهي جيتوڻيڪ سنڌ مان ملتان کان اڳتي نه وڌيا پر هنن هن مسالي جي ٻيٽ بابت گهڻو ٻڌو. (جي سنڌ جي گرمي سڪندر جي سپاهين جا لاهه نه ڪڍي ها ته سلون جي گهٽي ساوڪ پيلجي وڃي ها.)

هڪ برٽش عالم ايمرسن ٽينٽ سڀ کان بهترين سلون بابت ٻن جلدن تي مشتمل ڪتاب لکيو آهي جو 1859ع ۾ ڇپيو. ان ۾ هن لکيو آهي ته ٽئپروبين سنسڪرت جو بگڙيل لفظ آهي جنهن جي معنيٰ 'وڏو حوض' يا 'ڳاڙهن ڪنول جي گلن سان ڍڪيل تلاءُ' آهي.

سلون بابت ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. هڪ ٻيو ڪتاب (*Ceylon_ Pearl of the East*) نالي هئري وليمس جو لکيل آهي. ان ۾ صاحب موصوف اهو لکيو آهي ته اهو ٽپروبين نالي 'پالي' زبان (جيڪا آرين ويدن جي ٻولي هُئي ۽ اڳتي هلي ٻڌُ ڌرم جي پوتر زبان ٿي) مطابق تامباوانا (معنيٰ تامي جي رنگ جهڙو) آهي. اهو نالو شايد سلون جي ڳاڙهسري ڌرتيءَ ڏي اشارو آهي، جتي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

راجا وجيہ سان گڏ پيا بہ آريا عيسوي سن کان پنج سؤ سال اڳ پهتا هُئا. سندن پهريون گاديءَ جو هنڌُ ’تمبا پاني‘ نالي شهر هو۔ جنهن پُنيان پيٽ جو نالو مشهور ٿيو.

پٽولمي ٻي صديءَ جو مشهور جاگرافر ٿي گُذريو آهي. تنهن سلون کي ’سموندو‘ (پاڪ قانون جو مک) سڏيو آهي. ان کان علاوه سلون لاءِ ٻيو نالو ’سلائيق‘ سڏيو آهي. جو ”سنهالا“ لفظ جي بگڙيل صورت ٿو ڏسجي، هونءَ سنهالا لفظ کي (جنهن جي معنيٰ ’شينهن جي رهڻ جي جڳهہ‘ آهي) اتر هندستان کان لڏي آيل باشندن وڏيڪ ترجيح ڏني آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ سلون بابت هڪ ڪتاب *Ceylon_ the Resplendent Land* پڙهيو اٿم. ان جو ليکڪ آرگس نالي هڪ آمريڪن آهي (سندس پيا بہ ڪيترائي مشهور ڪتاب آهن. مثلاً *Reading to others* ۽ *Myths of Turkey* وغيره). ان ۾ آهي تہ سنهالا جو شينهن وجيہ گهراڻي (سلون جو پهريون حاڪم) جو نشان آهي ۽ اها ڪٿا مشهور آهي تہ وجيہ جي ڏاڏيءَ بنگال جي هڪ شينهن سان شادي ڪئي جنهن مان وجيہ جو پيءُ ڄائو. اڄ بہ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سلون جي جهنڊي تي سلون جو شينهن اسٽائيل ۾ بيٺل نظر اچي ٿو. سندس مٿي ڪيل اڳئين پير ۾ خنجر جهليل آهي.

رچرڊ برٽن جنهن سنڌ بابت پڻ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن (جن مان ڪُجهه سنڌي ادبي بورڊ ترجما پڻ ڪرايا آهن) ڪي ڪيترين ئي زبانون آيون ٿي. تنهن جي خيال موجب سلون جو لفظ ”سيهالا“ سنسڪرت مان نہ پر پالي زبان مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ ’جواهرن جي جڳهہ‘ آهي.

بهرحال ’سنهالا‘ يا ’سيهالا‘ اڳتي هلي ’سينديوا‘ ۽ ’سلانديوا‘ ٿيندو عربن جي زبان مطابق ’سرنديپ‘ سڏجڻ لڳو ۽ ان کي ڪرونيڊڙو ڪري پورچوگيزن ’سيلائو‘ سڏيو. زيئلان (*Zeilan*) يا (*Ceilan*) ڊچن سڏيو ۽ ان بعد انگريزن سيلان (*Ceylon*) نالو رکيو جيڪو اجا تائين هلندو اچي ۽ اسان وٽ سنڌ هند ۾ سلون ٿو سڏجي. سندس پراڻو سنسڪرتي نالو ’لنڪا‘ (معنيٰ چمڪندڙ) وري ويجهڙائيءَ ۾ رکيو ويو آهي. ڇو تہ سيلان انگريزن جو نالو رکيل آهي. ان مان شايد غلاميءَ جي بوءِ اچي ٿي، ان ڪري ان جو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جهونو نالو سريلنڪا رکيو ويو آهي، جنهن نالي سان هندن جي ڌرمي ڪتاب رامائڻ ۾ ذڪر ٿيل آهي.

پاڻ وٽ سنڌ ۾ هن ٻيٽ لاءِ سلون، لنڪا ۽ سرنديپ نالا مشهور آهن. جهڙي طرح ڪيترائي عربي لفظ انگريزي زبان ۾ اچي ويا آهن جيئن آلجبرا، ڪيمسٽري وغيره. تهڙي طرح سرنديپ (جيڪو عربن نالو مشهور ڪيو) مان مشهور انگريزي لفظ (*Serendipidity*) ٺهيو آهي. جيڪو پهرين ارڙهين صديءَ جي انگريز ليکڪ هورئس والپو پرين جي آکاڻي "ٽي سرنديپ جا شهزادا" ـ (*Three Princes of Serendeb*) ۾ استعمال ڪيو آهي. ان ۾ سيني هيرن (شهزادن) ۾ اها لياقت آهي ته هر اتفاق ۽ حادثي ۾ اچانڪ هنن کي ڪانه ڪا سُني ايجاد يا خوشي حاصل ٿيو وڃي. ان تان ئي انگريزي لفظ جُڙيو *Serendipidity*، جنهن جي معنيٰ آهي:

*Pleasant ability to come upon good things by chance.*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پُراڻي زماني کان سلون سونهن، ساوڪ ۽ پيار جي علامت پئي رهيو آهي. نہ فقط ننڍي کنڊ جي شاعرن ۽ اديبن ان جو ذڪر ڪيو آهي پر يورپي شاعرن ملٽن کان اووڊ تائين پنهنجي شاعريءَ ۾ سلون هڪ ڏورانهين سحر انگيز ۽ موهيندڙ ملڪ جي حيثيت ۾ لکيو آهي. انجيل (عيسائين جي ڌرمي ڪتاب) ۾ طارشش نالي هڪ شهر جو ذڪر ٿيل آهي جتان حضرت سُليمان جا جهاز ٽن سالن ۾ هڪ دفعو ”چاندي عاج، پولڙا ۽ مور ڪٺي ايندا هُئا“ ـ (1)

سلون جي ڏکڻ اولهہ ڪناري تي هڪ شهر گال (*Galle*) آهي (جنهن تان ڪولمبو جي مکيہ رستي جو نالو گال روڊ پيو آهي).

ٽيننٽ جو تہ اهو يقين آهي تہ بائيبل ۾ ذڪر ڪيل مٿيون شهر طارشش اهو سلون جو شهر گال آهي. (جتيوٽيڪ اڄڪلهہ جا ماڊرن جاگرافر اهو ٿا چون تہ اهو بائيبل ۾ ذڪر ڪيل طارشش جو شهر اسپين ۾ آهي). پر ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ سلون ۾ چاندي، پولڙا، مور ۽ هاٿين ڪري عاج تمام گهڻو آهي ۽ نہ اسپين ۾.

ڪيترن ئي بائيبل جي عالمن ۽ عيسائين جو اهو عقيدو آهي تہ حضرت نوح جي ٻيڙي طوفان کان پوءِ سرنديپ وٽ اچي بيٺي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(Bible -I kings-10,32) (1)

هُئي ۽ ڪيترن مسلمانن جو اهو عقيدو آهي ته حضرت آدم ۽ بيبي هوا جنت مان نڪرڻ بعد پنهنجي زندگي ڏرتيءَ تي سلون جي عدن باغ جي پير ۾ گُذاري جيڪا بيشڪ هڪ خوبصورت جڳهه آهي.

سلون بابت ڪيتريون ئي آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون لکيون ويون آهن ڪي ته ڪهاڻيون پڙهڻ سان لڳي ٿو ته اهڙي نموني سان لکيون ويون آهن جيئن اڄڪلهه اسان جي ملڪ ۾ اڙدو ۽ سنڌي رسالن ۾ شڪاريات جون ڪيتريون من گهڙت ڪهاڻيون لکيون وڃن ٿيون. يعني جوان ڪڏهن ڪڪڙُ به حلال نه ڪئي هوندي باقي بند ڪمري ۾ ويهي زور چيتي ۽ شينهن جي شڪار جي احوال لکڻ تي. مثال طور سلون بابت ڪيترين ڪهاڻين ۾ پڙهيو اٿم ته هن مسالي جي ملڪ ۾ دال چيني ايتري ٿئي ٿي جو ان جي خوشبوءِ سوين ميل پري تائين اچي ٿي ۽ اڳئين زماني جا جهازي ان خوشبوءِ جي آڌار تي سلون پهچندا هُئا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان ۾ ته ڪو شڪ ناهي ته سلون ۾ گرم مسالو ڏاڍو ٿئي ٿو ۽ دال چينيءَ جي خوشبوءِ سُني ٿئي ٿي پر ايتري تکي به خوشبوءِ ناهي جو سوين ميلن تائين سونگهي سگهجي. ان کان سواءِ جن اهو مسالو ڏٺو آهي ۽ واقف آهن تن کي خبر آهي ته اهي وڻن جا چوڏا آهن ۽ انهن مان تيسين خوشبوءِ هرگز نه ٿي اچي جيسين کين چڱيءَ طرح سُڪايو نه وڃي. آءُ پهريان به ٿي دفعا سلون ويجهو اچڻ تي، ڊيڪ تي بيهي ڊگها ساهه کڻندو هوس ته من ڪا ڪنهن طرف کان دال چيني جي خوشبوءِ اچي، پر ڪا به اهڙي رومانٽڪ خوشبوءِ يا ان سان ملندڙ جُلندڙ منهنجو نڪُ سونگهي نه سگهيو. ها البت بندرگاهه جي ويجهو هاربل ڪني ڊيزل آئل، ڪچي تيل، ڏامر ۽ سڙيل ڳريل مڇين جي گندي ۽ ککي ڌپ ضرور آهي.

سلون تي پورچوگيزن 1505ع ڌاري قبضو ڪيو هو. ان وقت تائين سلون بابت ڪيترائي عرب، ايراني، چيني، اتر آفريڪن ۽ يورپي سياح لکي چُڪا هئا. انهن ۾ ڪيترن ئي من گهڙت ۽ خيالي ڳالهيون لکيون آهن ۽ ڪيترن ته بين جهازين (*Sailors*) کان ڳالهيون ٻُڌي لکيون آهن. پر حقيقت اها مڃي وڃي ٿي ته اوائلي دؤر جي ليکڪن ۾ عربن (يونانين يا رومين کان وڌيڪ) صحيح



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حقيقتون ڄاڻايون آهن. مثال طور الف ليليٰ، سندباد جهازيءَ جي داستان ۾ بہ سلون بابت (گهڻ ۾ گهڻ ڪناري ۽ ماڻهن بابت) صحيح خبرون آهن. باقي اندروني حالت بابت عجيب خيالي ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن.

❧

اوائلي سياحن مان (جيڪي سلون ۾ آيا) هڪ تمام مشهور سياح ابن بطوطہ آهي. هي ٽئنجير جو مُور (مسلمان حبشي) هو ۽ سلون ۾ 1347ع ۾ آيو هو. انهيءَ زماني ۾ عربن دال چينيءَ کان دنيا کي واقف ڪرائي ڇڏيو هو. تن ڏينهن ۾ دال چينيءَ جو قدر سون وانگر ڪيو ويندو هو ۽ هڪ قسم جي عياشي سمجهي ويندي هُئي. ابن بطوطہ کان اڳ ڪنهن بہ دال چينيءَ جو ذڪر نہ ڪيو آهي ۽ نہ تيسين دال چيني مشهور ٿي هُئي.

ابن بطوطہ هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ ”آدم جي چوٽِيءَ“ (*Adam's Peak*) تي پڻ زيارت لاءِ ويو جيڪا سنهالي زبان ۾ سري پادا سڏجي ٿي (يعني پاڪ پير جو نشان) جتي چيو وڃي ٿو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تہ حضرت آدم عليہ السلام جي پير جو نشان آهي. هي جبل صدين کان ٻڌن، هندن، مسلمانن ۽ عيسائين لاءِ زيارت گاهہ رهندو اچي. هن جبل جي چوٽيءَ تي هڪ وڏو پٿر آهي جنهن تي پير جو نشان آهي جيڪو ٻُڌ ڌرم جي اٺين سال (ٽيو دفعو) جڏهن گوتم سلون ۾ آيو هو تہ اتي اچي بيٺو هو يعني شهزادي وجيہ جي سلون اچڻ کان ڪجهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي.

ڪ

هندو چون ٿا تہ اهو سيوا جو نشان آهي ۽ مسلمان ۽ عيسائين جي عقيدي مطابق اهو حضرت آدم جي پير جو نشان آهي ۽ زمين تي لهڻ وقت ان جڳهہ تي حضرت آدم عليہ السلام هڪ پير تي هڪ هزار سال بيٺو هو. ڪجهہ عيسائين جو اهو بہ چوڻ آهي تہ اهو پير سينٽ ٿامس جو آهي. جبل جي چوٽيءَ تي هر سال سلون جا ۽ ٻاهران آيل ٻُڌ تيرٿي (زيارتي) هزارين اچن ٿا ۽ ٻُڌن لاءِ 'پاڪ ڏند' کان پوءِ سلون ۾ ٻيو نمبر عزت ۽ احترام جي جڳهہ سري پادا (پاڪ پير) آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان پير جي نشان جي زيارت لاءِ اڄڪلهه جي موسم بهترين آهي. (يعني جنوري، فيبروري، مارچ ۽ اپريل) هنن ڏينهن ۾ اجان ايتري بارش شروع نه ٿي آهي. باقي اپريل کان پوءِ سانوڻي شروع ٿيو وڃي ۽ هتي جي سانوڻيءَ جو مطلب لڳاتار وسڪارو.

ڪولمبو يا سلون جي ڪنهن به وڏي شهر کان 'هٽنن' شهر تائين ريل گاڏي ۾ وڃي سگهجي ٿو. اتان پوءِ زيارتين کي بسون ۽ ٽئڪسيون 'لڪساپانا' تائين ڪٽيو وڃن جيڪا جڳهه جبلن جي قدمن ۾ آهي. پوءِ جبل جي چوٽيءَ تائين  پيرين پنڌ ڪُل اٺَ ميل آهي. لاهوت لامڪان تي پهچڻ وانگر هي به ڪافي ڏکيو رستو آهي. جبل جي چوٽيءَ تائين اٺَ ميل ڏينهن جي تکي اُس ۾ پنڌ ڪرڻ بدران رات جي ٿڌڪار ۾ وڌيڪ سولا آهن.

جن ڏينهن ۾ ابن بطوطه ۽ مارڪوپولو هتي آيا هُئا تن ڏينهن ۾ ته سڄي واٽ جبل جي چوٽيءَ تائين اونداهه ڪانيار هوندي هُئي (ويندي 1950ع تائين) ۽ مسافر پاڻ سان ٽارچون ۽ ڏيئا کڻي هلندا هُئا. پر هاڻ جبل جي قدمن کان چوٽيءَ تي ٿهيل مندر تائين اليڪٽرڪ جا بلب ٻرن ٿا. مزي جي ڳالهه ته اهي بلب تن ڏينهن جي وزير مواصلات ۽ محنت، سرجان ڪوٽيلا والا هڪ سُڪا پوري


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٺيڙ تي لڳايا هُئا. جا سُڪا اها هُئي تہ سلون ۾ *Hydro Electric* پهرين اسڪيم ڪامياب وڃي.

ٽيننٽ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ هن آدم جبل جي چوٽيءَ ڪان اوائلي چيني مسافر ۽ جهازي پڻ متاثر هُئا ۽ سلون ۾ ايندي وقت سمنڊ تي رستو ڳولهڻ لاءِ ان جبل جي چوٽيءَ جي *Bearing* وٺندا هُئا. تڏهن جا چيني پڻ ان چوٽيءَ تي زيارت لاءِ ويندا هُئا. هنن جو عقيدو اهو هو تہ اها دنيا جي پهرين پيدا ٿيندڙ ماڻهوءَ (جنهن کي هو 'پان ـ ڪو' سڏين) ٿاهي هُئي ۽ سلون جا هيرا جواهر ان پهرين پيدا ٿيل انسان پان ڪو جي اکين جا ڳوڙها آهن جيڪي سُڪي ٺوٺ ٿي هيرا ٿي پيا آهن.

چين ۾ ٻُڌ ڌرم پکڙڻ سان سلون کي وڏيڪ اهميت ملي ۽ گوتم ٻُڌ جي مورتين جي ضرورت وڌڻ لڳي جيڪي سلون جا سنهالي آرٽسٽ ٺاهيندا هُئا. ان ڪري چينين جي سلون ۾ اچ وڃُ شروع ٿي وئي ۽ سلون وڻج واپار، خوبصورتي، وڻڪار ۽ ڪلچر ڪان تڏهن ڪان مشهور ٿي ويو هو.

مارڪوپولو چين ڪان جڏهن واپس وري رهيو هو تہ رستي تي سلون ۾ 1291ع ۾ ترسيو هو. هن انهن ڏينهن ۾ سلون ۾ آفريڪي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مسلمان حبشين کي واپار ڪندي ڏٺو. همراهه سلون جي هيرن جواهرن کان ڏاڍو متاثر ٿيو. خاص ڪري هڪ رُبي (لعل) کان. ”ماڻهن جي ٻانهن جيڏو ياقوت“. پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو اٿس، ”جنهن تي ڪوبه داغ ناهي ۽ جنهن کي خريد ڪرڻ لاءِ قبلائي خان سڄو شهر تي ڏنو پر بادشاهه ڏيڻ کان انڪار ڪيو.“

بهرحال پراڻن سياحن ۽ ليکڪن جون ڳالهيون اهو ظاهر ڪن ٿيون ته سلون جو ٻيٽ ماضيءَ ۾ به خوبصورت ۽ مشهور رهي چُڪو آهي. وڻج واپار کان. گهمڻ ڦرڻ کان. قصن ڪهاڻين کان. مذهبن ۽ ماڻهن کان.

سلون اڄ به ڪيترن ملڪن کان وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ هي ٻيٽ اڃا به اهڙو ئي سهڻو وڻندڙ ۽ ساوڪ سان جهنجهيل رومانوي دنيا آهي جهڙي اڄ کان سوين سال اڳ ابن بطوطه، مارڪو پولو ۽ سوپاتر جي ڏينهن ۾ هُئي. جيتوڻيڪ وقت ۽ زمانو بدلجي ويو آهي. ان سان گڏُ انساني قدرن ۽ فئشن پڻ. سلون جي دال چيني جيڪا ڪنهن زماني ۾ بادشاهن کي تحفي طور ڏني ويندي هُئي سا هينئر سنڌ اسلاميه هوٽل يا گهرن ۾ پلاءَ ۽ ٻوڙ ۾ مس وڌي وڃي ٿي ۽ خوشبوءِ لاءِ شئنل فائو ايرامس ۽ ٻيا سينٽ، عطر، ڪولون ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڊيڊٻورنٽ نڪري پيا آهن. سلوني هاٿي جن کي وڏي ملٽري حيثيت حاصل هُئي تن ويچارن کي هن ميزائلن ۽ ائنٽي ميزائلن جي دؤر ۾ ڪو پُڇي ڪونہ ٿو ۽ چڙيا گهرن جي پڃرن ۾ بيهي فقط ٻار ئي ريجهائين ٿا يا مٿن ٻئي درجي جا ٻار مضمون لکن ٿا. بهرحال اڄڪلهہ جا هاٿي بہ چا پُراڻا ڏينهن ياد ڪري سوچيندا هوندا تہ ڪنهن زماني ۾ تہ هو راجائن ۽ شهنشاهن جي عزت ۽ دٻدٻي جي نشاني هئا ۽ هاڻ اها حالت آهي جو:

اڳي ائين هُياس، جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻ ائين ٿياس، جو ڏير نہ نينم ساڻ.

❧

اڄڪلهہ سلون جي هيرن جواهرن جو دنيا جي مارڪيٽ ۾ ايترو ڪاپو نہ رهيو اهي جيترو چانهہ ۽ رٻڙ جو آهي (جنهن جي ڄاڻ اوڻويهين صديءَ ۾ پئي). اوائلي سنهالين جا اڏيل وڏا شهر ۽ عمارتون ٿٽي ۽ سيوهڻ وانگر کنڊر ٿيندا وڃن.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ان هوندي بہ سلون جو موهہ قدرتي سونهن، ساوڪ، گُلڪاري، رومانيت اجان تائين ٻاهرين لاءِ باعث ڪشش آهي ۽ هتي جي سلوني (جي ـ وجاياتنگا) جي مشهور شعر مطابق سندس سلون سڀ کان سهڻو ٻيٽ آهي. پاڻ اهو شعر سلون جي آزادي جي پهرين ڏينهن، چوٿين فيبروري 1948ع تي لکيو هئائين:

*There is a land I know where the wind so softly blow*
*And skies are kind and the fields are green;*
*There is a land I know where the rivers softly flow.*
*And the heat is ravished by what is seen,*
*That land is Lanka, fairest into of all,*
*Whose hills the clouds do hug and kiss:*
*That land is Lanka, at whose sacred call,*
*Our hearts do stir with pride and bliss*
*There is a land I know..........*


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڏرتي،
سا ڏرتي مان ڇاڏان ٿو،
جنهن تي گهُلن ٿيون
ٿڌڙيون ٿڌڙيون هيرون.
آڪاش جنهن تي –
هر دم آ ڀاڄهارو،
ساوا جنهن جا ٻنيون ٻارا
جنهن تي تيزيءَ ساڻ وهن ٿا
نديون نارا
جنهن کي ڏسڻ سان دل کي –
راحت جو احساس ٿئي ٿو.
جيڪا سڀ جي من کي موهي –
سا ڏرتي لنڪا جي ڌرتي،
جنهن جي ٽڪرين کي هردم
ڪاريون ڪڪريون سيني لائي
چميون ڏين ٿيون.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تنهن لنڪا.
ڌرتي ماتا جي پوتر سڏَ تي
دليون اسان جون
فخر وچان
جهومي جهومي چير وجهن ٿيون
مست ٿين ٿيون
سا ڌرتي، سا ڌرتي،
مان جاڻان ٿو.........“
(ترجمو تاج بلوچ)

مون پنهنجي مضمونن ۾ خط استوا واري پٽي جي ملڪن جي ساوڪ، پکين ۽ جانورن جي گهڻائيءَ جو ذڪر هر هر ڪيو آهي. تعليم دوران بنگال ۾ منهنجي غير بنگالي دوستن کي بنگال جي مڇرن، ماڪڙن، مينهن ۽ گاهه جي گهڻائيءَ تي ڏاڍو تعجب لڳندو هو. بنگال ته وري به خط استوا کان پري آهي پر سلون خط استوا جي اتر ۾ پنج ۽ ڏهه ڊگري ويڪرائي ڦاڪ جي وچ ۾ اچي ٿو. هتي جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موسم ۾ حالتون بين خط استوا وارن ملڪن وانگر اهڙيون آهن جو هر شيءِ جو نسل تکو تکو وڌي ٿو. پکين، جيت بلائن، گاهن، وڻن ٽڻن ۾ ولين کان وٺي جانورن تائين ـ تمام گهڻو جمُ آهي. اجان بہ جانورن مان هاٿي (جيڪو تمام سگهارو ۽ سياڻو جانور آهي ۽ انسان سان جلد هريو وجي) ختم ٿي رهيو آهي. چو جو جهنگلن ۾ تمام ٿورا هاٿي وڃي بچيا آهن ۽ هاٿي لڱ (*Sex*) جي معاملي ۾ ڪافي شرميلو جانور آهي ۽ پالتو حالت ۾، پڃرن ۾، آباد علائقن يا جتي ماڻهن جي اچ وڃ جو شڪ آهي، اتي هاٿيءَ جي نسل وڌڻ جي ڪا اميد نٿي رکي سگهجي.

جيتوڻيڪ اڄڪلهہ هاٿيءَ جو اهو پراڻو قدر نہ رهيو آهي تہ بہ هن مشينري جي دور ۾ بہ هتي سلون ۾ ڪٿي ڪٿي ڪيترا ڳرا ڪم هاٿيءَ کان ورتا وڃن ٿا. توهان ڪولمبو ۾ جيڪڏهن هوائي جهاز رستي ايندا تہ هوائي جهاز جي دريءَ مان پهرين ڪولمبو جو مشهور سامونڊي بندرگاهہ ڏسڻ ۾ ايندو. تنهن کان پوءِ سرڪاري جڳهيون ۽ آفيسون، ريس ڪورس جو ميدان، ڳاڙهي رنگ جي سرن وارين ڪنڊائتين ڇتين وارا گهر. بارش ڪري هتي سلون ۾ يا بين اهڙن ملڪن ۾ سنڌ وانگر سڌين ڇتين بدران گهرن جون



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنڊائتيون چٽيون آهن. جيئن لڳاتار ۾ گهٽي مينهن جو پاڻي جلدي هيٺ وهي وڃي، ناريلن جا ڍگها ۾ سهڻا وڻ، سارين جا فصل، لئوينا (*Lavina*) جو تانگهو ساموندي ڪنارو ۾ نيٺ ڪولمبو جو رتمالانا هوائي اڏو ـ جنهن جي پرسان ڪيترا هاٿي ڪم ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا.

هاٿين جي وڏنڊڙ ڪوٺ ڪي مدنظر رکي هاٿين جي شڪار تي يا پالڻ تي 1951ع کان هتي سخت بندش وڌي وئي آهي، (ان قاعدي تي ڪيتري ڪڙي نظر رکي پئي وڃي يا عمل ٿي رهيو آهي، ان بابت ڪجهه چئي نہ ٿو سگهان، چو تہ اسان جي ايشيائي ذهنيت مطابق جنهن شيءِ لاءِ منع ڪئي ويندي آهي، اهائي ڪري ڏيکاري ويندي آهي. جيئن پاڻ وٽ رستي تي جتي جتي ”هتي تترن جي شڪار جي منع آهي“ جا بورڊ لڳل هوندا آهن اتي ئي شڪاري بندوقن سان نظر ايندا آهن.)

وڏيرن ۾ زميندارن کان وڌيڪ سرڪاري عملدار ان قاعدي جي پيچڪڙي ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا. سئنيمائن ۾ هوٽلن اڳيان جتي لکيل هوندو آهي پيشاب ڪرڻ جي منع آهي، اتي ئي توهان کي ڏسڻا وائسڻا مُتندي يا وٺُ سارينديِ ملندا.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بهرحال، هتي جي هاٿين کي ٻاهرين ملڪن (خاص ڪري يورپ، آمريڪا، جپان) کان آيل سياح وڏي شوق سان ۽ تعجب مان ڏسن ٿا. جن جا (يعني هاٿين جا ۽ نه سياحن جا) پير ٿلهن زنجيرن ۾ ٻڌل هوندا ۽ ڳرا ٻُنڊ ۽ وڻ ڇڪيندا رهندا آهن. هاٿي هر پڻ ڪاهين. (هاٿيءَ کان علاوه هتي هرُ ڪاهڻ جو ڪم ’سانَ‘ کان پڻ ورتو وڃي ٿو. نه فقط هتي پر ٿائلنڊ ۽ ملائشيا ۾ پڻُ سانُ هر ڪاهڻ ۽ سواريءَ جي ڪم ۾ استعمال ٿئي ٿو.)

ڪمبوڊيا ۽ برما ۾ پڻ سانُ هرَ ۾ جوٽيو وڃي ٿو. پاڻ وٽ سنڌ ۾ شايد سانَ کان اهڙو ڪم ان ڪري نٿو ورتو وڃي جو سانُ يا مينهن اوسي وارا جانور آهن ۽ کين اڃَ ڏاڍي لڳي ٿي. سلون، ملايا يا برما ۾ ته پاڻيءَ جي کوٽ ناهي. پاڻ وٽ جتي ماڻهن جي پيئڻ لاءِ پورو ۽ صحيح پاڻي ناهي اتي جانورن کي ڪٿي ٿو پاڻي ڏيئي سگهجي! يا ٿي سگهي ٿو ان جو ڪو ٻيو سبب هجي جو سانُ سنڌُ ۾ هرُ ڪاهڻ يا سواريءَ لاءِ ڪم نٿو اچي.

هونءَ مون هڪ سنڌي جنتريءَ ۾ پڙهيو آهي. (جنهن کي ٿلهو ڪرڻ لاءِ ليکڪ صاحب ان ۾ وضوءَ ۽ نماز جا صحيح طريقا، ڪجهه رڌ پچاءَ جا نمونا، ورزش جا اصول: پيار ۾ ڪاميابي، امتحان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ بنا ڪاپيءَ جي نمبر ڪٽڻ. اگهائيءَ کان شفا حاصل ڪرڻ جا يڪ تڪ تعويذ. طاقت شباب ۽ جوانيءَ جا اول درجي جا نسخا ۽ خوابن جا تعبير پڻ ڏنا هئا). ان سنڌي جنتريءَ مطابق خواب ۾ سانَ جي ’سواري‘ معنيٰ موت! ۽ هڪ امريڪن ليکڪ جو تعبير نامون پڙهيم. ان مطابق خواب ۾ سانُ ڏسڻ يا سانَ تي سواري ڪرڻ معنيٰ نئين آٽوميٽڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ملڻ واري آهي.

هتي جي هاٿين جا ڪن ننڍا ٽين ۽ گهٽو ڪري نيش (*Tusk*) نہ ٿين. ڪين اڳين ٻن پيرن ۾ پنج ۽ پوين ۾ چار آڱريون ٿين. ماضيءَ ۾ وڏن نيشن واري هاٿي (جن ۾ پوين پيرن ۾ بہ پنج آڱريون هونديون هيون) تن کي رڳو ماڻهپي جي نشاني سمجهي ويندي هئي ۽ گهٽو ڪري اهي راجائن ۽ حاڪمن وٽ هوندا هئا. (جيئن سلون جي راجا ڏٽا گامنيءَ جو مشهور ڪانڊولا هاٿي). پر اهڙا هاٿي اڄڪلهه تمام ٿورا وڃي بچيا آهن. جن مان ڪُجهہ تہ ڪئنڊي شهر جي ’ڏند مندر‘ ۾ آهن جن کي ڏند واري جلوس ۾ ’پاڪ ڏن‘ ڪٽي هلڻ جي عزت حاصل آهي.

هاٿين کان علاوه هتي جا ٻيا بہ ڪجهہ جانور آهستي آهستي ختم ٿي رهيا آهن. جيئن تہ وڏن سڱن وارو ڦاڙهو (جنن کي پاڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سنڌيءَ ۾ ’سامبر‘ چئون ٿا ۽ هي سلوني ’سئميور‘ سڏين) جهنگلي سانُ، جهنگلي سوئر، رڇُ، چيتو، واڳون، پولڙا ۽ هرڻ جا ڪيترائي قسم، خاص ڪري چٽن وارو هرڻُ.

سلون جي ماڻهن (سنهالين) جو شينهن سان وڏو تعلق آهي (جيئن شروع ۾ ڄاڻائي آيو آهيان) پر مزي جي ڳالهه ته سلون ۾ هڪ به شينهن نه آهي سواءِ سلون جي جهنڊي تي چيپيل شينهن جي يا ڪولمبو جي چڙيا گهر ۾. ۽ (*Tiger*) واڳهه ته چڙيا گهر ۾ به نه آهي. جيتوڻيڪ اهي سڀُ جانور سلون کان فقط ڪجهه ميل پري ڏکڻ هندستان ۾ جام آهن. ڪار يا بس ۾ ويندي، اسان جي ملڪ وانگر هتي به رستي تي رکي رکي نور نظر اچي ٿو ان کان علاوه هڪ ساندي جهڙي ڊگهي چڇي (ڪرڙي) ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کي هتي جا ماڻهو ڪابرا گويا سڏين ٿا ۽ قد ۾ ڇهه فوٽ ڊگهي ٿئي ٿي.

پولڙا هتي آباد جاين يا شهرن ۾ گهٽ نظر اچن ٿا. باقي جهنگلن، ويران عمارتن ۽ ڀُونن ۾ ۽ رستن تي هڪ وڻ تان ٻئي تي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽپندا ڏسڻ ۾ ايندا. پولڙا ويرانيءَ جو احساس ڏيارين ٿا ۽ ٻئل پڳل شهرن ۽ جاين جي علامت سمجهيا وڃن ٿا.

سلون ۾ واسينگ نانگ (*Cobra*) جتي ڪٿي ملندا. ويندي ڪيترن بنگلن جي ڇپرن تي پڻ. واسينگ نانگ جي هندو توڙي ٻڌ عزت، ادب ۽ مجتا ڪن ٿا. ڪيترن مندرن ۾ (سلون توڙي هندستان، سنگاپور، ملائيشيا ۾) پڻ هي نانگ نظر ايندا. ننيڙو ٻيٽ ٿي ڪري سلون ۾ ايترا تہ مختلف قسمن جا پکي، گُل، ٻوٽا آهن جو دنيا ۾ شايد ڪنهن ٻئي هنڌ هُجن.

ڪولمبو جي هڪ چيني هوٽل ۾ هڪ علم نباتات (*Botany*) جي پوڙهي ماهر سان مُلاقات ٿي. هو آمريڪا کان هتي ريسرچ ورڪ لاءِ ٽن سالن کان آيل آهي. هن ٻڌايو تہ سلون ۾ فقط اهي ٻوٽا جيڪي گُل ڏين ٿا تن جا ٽن هزارن کان مٿي قسم آهن. (سينور *Mosses* ۽ ڪنيين جا قسم ان کان سواءِ هن ٻيٽ تي ڦُٽن ٿا). انهن ٻوٽن ۾ نَوَ سؤ ڪن اهڙا آهن جيڪي سلون کان سواءِ دنيا جي ٻي ڪنهن ملڪ ۾ نہ آهن. باقي مئڊاگاسڪر (ملاگاسي) سماترا، جاوا ۽ موريشش ۾ پڻ ٿين. جيڪي ٻيٽ ڪنهن زماني ۾ ڌرتيءَ جو هڪ ئي حصو هوندا هئا. ڇو تہ اهو ئي سمجهو وڃي ٿو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تہ هي دنيا جو گولو جڏهن ٻرندڙ سج کان ڌار ٿيو ۽ ٿڌو ٿيندو هن صورت ۾ آيو تہ اوائلي ڏينهن ۾ مٿيان ٻيٽ يعني سلون، ملاگاسي، سماترا، جاوا ۽ موريشش هڪ ئي زمين جا ٽُڪرا هئا. جيڪي هندستان جي ڏاکڻي پُڇ (ڪيرالہ رياست ۽ مدراس) سان ڳنڍيل هئا. ۽ پوءِ ڇڳي (يا ڇجي) ڌار ڌار ٿي ويا.

سلون ۾ پاڻي گهڻو هجڻ ڪري چؤڌاري ساوڪ نظر اچي ٿي. هتي تمام گهڻو مينهن پوي ٿو ۽ هٿ جي ليڪن وانگر سلون ۾ ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون نديون، هن ٻيٽ جي زمين کي سيراب ڪن ٿيون. خاص ندي بہ سؤ ميل ڊگهي مهاويلي گنگا نالي آهي. جنهن جي ڇوڙ وٽ سلون جو ٻيو مشهور بندرگاهہ ترڪومالي آهي. اوري آرو، ڪالا اويا، يان اويا ۽ ڪيلاڻي گنگا بہ هتي جون مشهور ۽ وڏيون نديون آهن.

گهڻي پاڻي هئڻ ڪري هتي سال ۾ ٽي ٽي فصل بہ لهن. سلون جي چپي چپي تي ساوڪ، وڏا وڻ، گُلن سان جهنجهيل، چٻر ۽ ٻيلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي اهو ٻُڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ هتي جا ٻيلا برازيل جي گندن، گهاٽن، خوفناڪ ۽ ڪنن وٽڙ ۽ ڏنگيندڙ جيتن


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سان پريل ٻيلن جهڙا نہ آهن ۽ نہ برما ۽ ٿائلنڊ جي جهنگلن جهڙا، جيڪي *Bridge On the River Kawai* ۾ فلم ۾ ڏسون ٿا.

هتي جا ٻيلا سٺي عمارتي ڪاٺ وارن خوبصورت وڻن جا آهن. جن ۾ جتي ڪٿي کليل چراگاهہ، ڍنڍون ۽ حوض نظر اچن ٿا. انگلنڊ ۽ ڪيليفورنيا (آمريڪا) جي سهڻن باغن جهڙا هتي باغ پڻ جام آهن. جن ۾ پاڇيون، ٻيٺ، ٻيڙ متر ۽ ٻيون اهڙيون ڀاڄيون ٿين جن کي ساڳئي وقت اس جي ضرورت ٿئي ۽ ٿڌڪار جي پڻ، تنهن کان سواءِ هتي جي باغن ۽ ٻيلن ۾ ڀانت ڀانت جي رنگن، نمونن ۽ خوشبوئن وارا گُل پڻ ٿين.

سلون ۾ ٿوري عرصي لاءِ آيل مسافرن کي جيڪڏهن هن ٻيٽ جا گُل ڦُل، ٻوٽا، وڻ وليون ۽ ٻي نباتات ڏسڻي آهي تہ هتي جا جڳ مشهور چڙيا گهر، ڪئنڊي شهر لڳ پيراڊينيا باغ ۽ 'نوارا' وٽ 'هاڪ گُل' ضرور ڏسي. هڪ ٽيون باغ ڪولمبو جي پرسان 'گام پاها' پڻ ضرور ڏسي سگهجي ٿو جتي سلون جا ڦهريان ربڙ جا وڻ پوکيل نظر اچن ٿا.

وڻن ۽ جانورن کان علاوه سلون ۾ چار سؤ کان مٿي پکين جا قسم آهن. جن ۾ چاليهہ تہ اهڙا آهن جيڪي دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سلون بابت هڪ مزيدار ڳالهه اها آهي تہ دنيا جي ڪنهن بہ بندرگاهہ ڏي ايندڙيا ويندر جهاز جو آڏرياءُ ڪبوتر جهڙا اڇي رنگ جا سي ـ گُل (Sea_Gul) پکي ڪن ٿا. پر ڪولمبو دنيا جو اهڙو بندرگاهہ آهي جتي خوبصورت سي گُل پکين بدران ڪاري رنگ جا ڪانگ (اسان جي سنڌي ڪانگن کان وڏا، ڪوئٽہ جي ڪانگن جهڙا سچا ڪارا) نظر اچن ٿا. سندن نهارڻ چال پنهنجي ملڪ جي ڪانگن کان بہ وڌيڪ چالاڪ ۽ ڏاڙيلن جهڙي آهي. شهر ۾ بہ اهي پکي ايترا نظر ايندا جو هڪ ٻاهر جو نئون آيل مسافر شايد اهو سمجهي تہ ڪولمبو ۾ فقط ڪانگ آهن يا جهرڪيون ۽ ڪٻرون. پکي ڏسڻ لاءِ شهر کان ٻاهر نڪرڻ ضروري آهي يا هتي جو "روحونا نئشنل پارڪ"، يا "واياتو نئشنل پارڪ" ڏسڻ ضروري آهي. جن ۾ انيڪ قسمن جا پکي نظر ايندا. ڪيترا تہ اهڙا رنگين ۽ خوبصورت جو تصويرن ۾ بہ ڪيترن نہ ڏٺا هوندا.

هتي دريائن ۽ سمنڊن ۾ پڻ ڪيترن ئي قسمن جون مڇيون آهن. سڀُ عام مڇيءَ کي هتي جي زبان ۾ 'سير' سڏين. اها ساموندي مڇي سواد ۾ (رانوس مڇيءَ) جهڙي ٿئي ۽ سلون جي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوٽلن، ريسٽ هائوس ۽ دعوتن وقت گهرن ۾ ايتري تي تيار ٿئي جو هتي نئون آيل اها مڇي کايو ورچيو پوي. مڇين کان وڏيڪ هتي جا ننڍا گانگٽ (*Prawns*) ۽ وڏا گانگٽ (*Lobsters*) ۽ ڪيڪڙا (*Crabs*) وڌيڪ مشهور آهن ۽ سلون جي سامونڊي ڪنارن تي تمام سستا ملن ٿا. سلون جي اوپر پاسي بنگالي اپسمنڊ مان وڏي قد جون سامونڊي ڪُميون (*Turtles*) ڦاسن، جي هتي جا تامل ماڻهو شوق سان کائين. ڪناري وٽ هڪ ٻئي قسم جا ڪچون ڦاسن جن جي مٿئين ڏڪ مان ڦٽيون ۽ پيتيون ٺهن. هتي جي اونهي سامونڊي زندگي (*Deep Sea Life*) بابت ڪجهه پڪ سان چئي نه ٿو سگهان جو ان بابت تمام گهٽ معلومات حاصل ڪري سگهيو آهيان. ائين ٿو لڳي ته اها ايتري پرڪشش ناهي. ڪناري کان پري ڪڏهن ڪڏهن شارڪ مڇي نظر اچي ٿي جنهن بابت هتي جي ماڻهن ۽ شڪارين جا مختلف رايا آهن. هتي جي ڪن گهاتن ٻڌايو ته اهي آدمخور شارڪ مڇيون آهن. ڪي چون ٿا ته اهي ماڻهوءَ جو نالو نٿيون وٺن ۽ شڪاري اڪثر خير سان واپس موٽي اچن ٿا. پر پوءِ ڪڏهن ڪڏهن بقول شيخ اياز جي:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انگ اگهاڙا ٻارڙا، ڪنڌيءَ تي ڪُنبن،
گهاتو گهر نہ آئيا، وهون وايون ڪن،
ڏيل پيا ڏهڪن، مُڙس پيا ڪنن ماري.

پاڻ وٽ هي چرچو مشهور آهي تہ ٽي موالي نشي جي حالت ۾ وڃي رهيا هئا. هڪ ٻئي کان پُڇيو:

”ادا! سمنڊ کي باھ لڳي تہ مڇيون ڪاڏي وينديون؟“

ٻئي ٿوري دير غور ۾ سوچ ڪان پوءِ وراڻيس. تنهن تي ٽئي ڪلي چيو:

”مڇيون ڪي مينهيون آهن، جو وڻن تي چڙهي وينديون.“

سو اهو ٿيو تہ موالين جو چرچو. مڇين لاءِ اڏامڻ يا وڻن تي چڙهي وڃڻ، پاڻ وٽ ناممڪن ڳالھ آهي پر اها حقيقت آهي تہ مڇيون اڏامي بہ سگهن ٿيون ۽ وڻن تي بہ چڙهي سگهن ٿيون. اڏامندڙ مڇين جا تہ ولر جا ولر، سَوَن جي تعداد ۾ ڪولمبو کان سنگاپور تائين ملائيشيا جي ڳچي سمنڊ (*Strait*) ۾ ۽ ڪيوبا کان آمريڪا تائين ميڪسيڪو اپسمنڊ (*Bay of Mexico*) ۾ پاڻيءَ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مٿان اڏامنديون نظر اچن ٿيون. جهاز لنگهڻ وقت جهاز جي آواز تي يڪو مڇين جو ڌڻ سمنڊ مان نڪرندو آهي ۽ فرلانگ ٻه اڏامي وري سمنڊ ۾ ٽُٻي هڻندو آهي. ماهي بي آب جو شاعرانه اصطلاح ۽ تخيل به سلون ۾ بي معنيٰ آهي.

وڻن تي چڙهندڙ مڇيون سلون جي خاص تعجب خيز شين مان آهن. اهي خشڪي پار ڪري سگهن ۽ وڻن تي به چڙهيو وڃن ۽ هڪ ٻيو مڇين جو قسم هتي ٿئي، جي ڳائيندڙ مڇيون سڏجن. اهي چانڊوڪي رات ۾ ڪناري وٽ اچي جهونگاريندڙيون آهن.

سلون آدمشماريءَ جي حساب کان هندستان کان به وڌيڪ ڳُتيل آهي. سلون ۾ ستر سيڪڙو ماڻهو سنهالي آهن، جيڪي قديم زماني مان اتر هندستان کان آيا هُئا. انهن جي سنهالي زبان سنسڪرت مان نڪتل آهي. تامل زبان ڳالهائيندڙ دير سان هندستان کان لڏي هتي آيا. سنهالين مان ڪي تامل ڳالهائيندڙن سان سڱا بندي ڪري ملي ويا آهن. پر ڪئنڊين (*Kandyen*) سنهالي پنهنجي انفراديت قائم رکندا اچن ۽ تامل ۽ يورپين جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن پيٽ تي اچڻ وقت مقابلو هو. سنهالي گهٽو ڪري سڀُ ٻُڌ (هنيانا ٻُڌ) آهن ۽ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪرسچن پڻ آهن.

ڏکڻ هندستان جا تامل ماڻهو انگريزن مزدوريءَ لاءِ سلون، ملايا، سنگاپور ۾ آندا هُئا ۽ اڄڪلهه سلون جي سڄي آدمشُماري ۾ پنجويهه سيڪڙو ڪن ٿيندا. اهي گهٽو ڪري مزدوريءَ وارا ڪم ڪن. ڪنهن زماني سلون ۾ سنهالي ۽ تامل پاڻ ۾ پيار محبت سان رهندا هئا پر پوءِ آهستي آهستي ٻنهي ڌرين ۾ نفرت ۽ ڌڪار وڌڻ لڳي، جنهن جو نتيجو 1958ع واري ايمرجنسي آهي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ خون خرابو ٿيو. ڪيترا اهڙا به تامل آهن جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ ڏکڻ هندستان کان لڏي هتي سلون ۾ آيا. هتي اڳيئي آدمشُماري، ڏُڪار ۽ بيروزگاري وڌيل آهي. نتيجي طور سلون جي حڪومت انهن کي رکڻ لاءِ تيار نہ آهي نہ انهن جي اولاد کي هتي جي (*Citizenship*) ملي ٿي ۽ ساڳئي وقت هاڻ هندستان بہ انهن کي پاڻ وٽ موٽائي نٿو رکڻ چاهي.

تامل درويدن جي زبان آهي ۽ سنهالي زبان کان بلڪل نرالي آهي. ٻئي مختلف زبانون (جن جي لکٽي بہ مختلف آهي) آزاديءَ تائين بنا ڪنهن چيڙچاڙ جي هلنديون رهيون ۽ قومي زبان


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انگريزي هُئي. پر انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ قومي جذبي هيٺ ڪن سياستدانن 1956ع ۾ سنهالي کي سرڪاري زبان جو درجو ڪٽي ڏنو ۽ ان ڳالهه تان ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ خونريزيءَ جي حد تائين جهڳڙا ٿيا.

❧

تامل ڳالهائيندڙ گهڻو ڪري هندو مذهب جا آهن. ڪي عيسائي ۽ مسلمان پڻ آهن. تامل جن کي هتي رهي جيتوڻيڪ سؤ کان به مٿي سال ٿي ويا آهن پر اصلي باشندن (سنهالين) سان نٿا ٺهن. هونءَ تامل پورهئي ۽ ڪم ۾ سنهالين کان مُڙس ماڻهو آهن ۽ تعليم ۾ پڻ.

سنهالين ۽ تاملن کان علاوه ٻيون به ڪجه قومون، ذاتيون ۽ فرقا سريلنڪا ۾ مشهور آهن. مثال طور مور، برگر، ويدا، بورا، ڪوجا وغيره. مور عرب واپارين ۽ آفريقا جي حبشي مسلمانن جو اولاد آهن. جن جا وڏا واپار سانگي سلون ۾ آيا ۽ ڪن پاڻ سان زالون آنديون، ڪن هتي اچي شادي ڪئي. اهي سڀُ مسلمان آهن ۽ سلون جي اوير واري ڪناري ۽ ڪولمبو شهر ۾ گهڻا رهن ٿا. زبان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهڻو ڪري تامل ڳالهائين. انهن مان ڪيترن جون زالون پڙدو نہ ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ هتي جي گهٽي آدمشماري (جا ٻُڌن ۾ هندن تي مشتمل آهي) پڙدو ڪانہ ڪري.

مدراس ۽ بمبئي کان علاوه پاڪستان کان آيل بلوچ، پٺاڻ ۽ پنجابي پڻ ڪولمبو ۾ آهن. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جا آيل سنڌي هندو واپاري سنڌي سڏجن ۽ ڪولمبو ۽ ڪئنڊي شهرن ۾ گهڻا آهن. ڊچن ۽ ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندڙ يورپين جو اولاد برگر سڏجي ٿو. انهن جي اولاد مان گهڻن سنهالين سان شادي ڪري، ملي جُلي ويا آهن پر ڪيترن پنهنجو پاڻ کي الڳ رکيو آهي. هنن جي ڪنهن زماني تائين، خاص ڪري غلاميءَ وارن ڏينهن ۾ وڏي لئہ هُئي ۽ پاڻ کي ٻين کان وڌيڪ برتر ۽ اتاهون سمجهندا هُئا پر آزاديءَ کان پوءِ قومي جذبي جاڳڻ تي سندن اها عزت ڪانہ رهي آهي. نتيجي طور ڪيترا تہ نيوزيلينڊ ۽ آسٽريليا لڏي ويا آهن ٻيا وچڙ جي تيارين ۾ آهن ۽ ڪُجھ هتي جي لوڪل ماڻهن سان رلي ملي ويا آهن. برگر گهڻو ڪري پروٽيسٽنٽ (ڪرسچن) آهن ۽ ڪُجھ ڪئٿولڪ پڻُ.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سلون ۾ ڪُجھ بمبئيءَ جا واپاري، گواني، چيني ۽ آفريقا کان گھرايل مزدور شيدي جيڪي ’ڪافر‘ سڏائين ۽ ڏکڻ هندستان جا ڪجھ تيلگو ۽ مليالم زبان ڳالهائيندڙ پڻ آهن.

سنهالي ماڻهن جو مٿو وڏو ۽ ويڪرو چپ مڙيئي ٿلها ٿين، طبيعت جا سادا، سٻاجها، دوست مزاج، مانيٽا ۽ صلح پسند آهن. جيتوڻيڪ ڪاوڙجا بہ تکا آهن. سندن وار ڪارا ۽ ٿورا گهنڊيدار، اکيون ڪاريون ۽ نڪ سوڙهو ۽ ڊگهو آهي. سندن رنگ مشڪي آهي. ڪي ڪٽڪ رنگا بہ آهن. سندن نالن جي آخر ۾ ’اي‘ ۽ ’آ‘ جا اُچار اچن. جيئن تہ بندرانائڪي، سينانائڪي، هولو گالي، جاياماني، واراڏانا وغيره. ڪن ڪن سنهالين جا پورچوگالي ذاتين وارا نالا پاڻ آهن. مثلاً ڊي سلوا، پريرا ۽ فرنانڊو.

تامل ماڻهو سنهالين کان وڌيڪ ڪارا آهن ۽ ٻنهي جي وچ ۾ جهٽ پٽ سڃاڻپ ڪرڻ ايترو ئي ڏکيو آهي جيترو چينين ۽ تائيوان جي ماڻهن جي وچ ۾ يا ڪورين ۽ جپانين جي وچ ۾. سندن نالن جي آخر ۾ گهڻو ڪري ’م‘ ’مي‘ ’نون‘ يا ’راجا‘ جهڙا اُچار اچن. مثال طور: پارا راجا، سنگهام، ڪومارا سوامي، وائٿياناٿن، وگني


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

راجا وغيره. ڪن پنهنجا نالا آمريڪا کان آيل عيسائي پادرين جي نالن کان ورتا جيئن تہ: بارنيس، گربن، نائيلس، ولسن وغيره.

ڪي ڪي تہ تامل نالا اهڙا ڏکيا آهن جو سڄو ڏينهن اُچارڻ سان بہ ياد نٿا بيهن ۽ پني تان ڏسي سڏڻو پوي ٿو. ڪي وري اهڙا آهن جو اچاريندي ائين لڳندو آهي تہ جڻ تہ ڄاڙي پڳي. جيئن اسان جي هتي جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ اسسٽنٽ جو نالو آهي: "تيرو گاناسام پانڊاموٿيونائينار- پلالي."

*Thirugansam Panda _ Muthiunainar – Pillali*

پلالي سندس ذات آهي، باقي نالو آهي ريپلي وارن ڪي پنهنجي ڪتاب *Believe in or not* لاءِ نوٽ ڪرڻ ڪپي. آئون ڪيس ڪڏهن 'ساري گاما پاڌا ني سا' سڏيندو آهيان. ڪن جا نالا هندستاني فلم اسٽار: رتي اگني هوتري، شتروگهن سنها، قلبوشن کربندا، امول پاليڪر ۽ اتپل دت سان ڪافي ملن ٿا. مورس جا نالا مسلمانن وارا آهن. جيتوٽيڪ چوڪرين جا نالا، هندو ڪلچر جي گهٽي اثر هيٺ ڪري، نرگس، پاونا، سيتا، مينا، بينا، راڪي، ڪجن، ريتا وغيره پڻ عام آهن. برگرن جا نالا: وان لئگنبرگ، واندر سمگت، جانسز سانسوني، ڪوليٽ، گارون وغيره آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ذات پات جو چڪر سنهالين ۾ آهي ته تامل (ڏکڻ هندستانين) ۾ پڻ. ننڍ وڏائيءَ جي حساب سان هندن جا چار مُکيه درجا آهن: برهمڻ، وئش، کتري ۽ شودر (اڇوت). اهڙي نموني سان سنهالين ۾ ذاتين جي حساب سان درجا آهن پر ايڏا سخت نه. ۽ اڄُ ڪلهه جي نوجوانن ۾ جيڪي گڏُ پڙهن ٿا، کيڏن ٿا، گهمن ڦرن ٿا، ننڍ وڏائيءَ جو چڪر گهٽبو وڃي. سنهالين مطابق چار مٿاهيون ذاتيون آهن:

گوييگاما (زميندار)، ڪاراوا (مهاڻا، ساتِي)، سالا گاما (دال چينيءَ جا چوڏا چليندڙ) ۽ دراوا (تاڙي، کجيءَ جو عرق ڪيڊندڙ). انهن کان پوءِ هيٺاهيون ذاتيون واڍن، رازن، ڪاشيگرن، ڪنڀرن، حجامن ۽ مڱڻهارن جون آهن. ويندي آخري هيٺاهين ذات، ’رودي‘ آهي.

رودي ذات جا ماڻهو هندن جي شودرن وانگر اڇوت ۽ گهٽ ذات وارا سمجهيا وڃن ٿا. هي تمام هيسيل ۽ دٻپ ۾ رهن ٿا. پنهنجي روزي گهٽ ۽ نيچ ڪمن ذريعي حاصل ڪن. فقير، بازيگر، پينگي، رنڊيون وغيره هن گروپ ۾ اچن.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيو وڃي ٿو ته ان ذات (رودي) جا ماڻهو وڏي مرتبي وارا هُئا ۽ بادشاهن سان گڏ شڪار تي هلندا هئا يا انهن لاءِ شڪار ڪري ايندا هُئا. پوءِ هڪ دفعي هڪ سست رودي (شڪاريءَ) بادشاهه ڪي هرڻ جي گوشت بدران مئل ماڻهوءَ جو گوشت کارايو. ان ڪي سزا ڏيڻ خاطر سيني رودين کي بادشاهه گهٽ ذات ۽ ڪمينو قرار ڏنو. انهن کان سڀُ سهوليتون پڻ کسيون ويون. ان کان پوءِ وقت جو حاڪم جڏهن به ڪنهن نواب وزير يا اعليٰ عهدي واري کي سزا ڏيندو هو ته ان جي زال ۽ ڌيئرون رودي ماڻهن سان پرڻائيندو هو. (يعني ڏنو وڃي ته اڄ جا رودي اعليٰ ماڻهن ۽ حاڪمن جو اولاد آهن ۽ اها ڳالهه اڄ جا رودي به محسوس ڪري فخر ڪن ٿا.) هنن رودين لاءِ اهو به شرط وڌو ويو ته رودي مرد توڙي عورتون چيلهه کان مٿي بدن جو حصو اگهاڙو ڪري هلندا. اڄُ به ڪولمبو جي ڪيترن دڪانن تي خوبصورت رودي ڇوڪرين جا اگهاڙين ڇاتين سان فوٽو ڪارڊ (*View Cards*) وڪامن ٿا.

پر اهي سلوني ڇاليون هاڻ ڪنهن به سياح کي اڌُ اگهاڙي ڊريس ۾ نظر نه اينديون. جو ويجهڙائيءَ ۾ سلون حڪومت ڇاتيون اگهاڙيون ڪري هلڻ تي بندش وجهي ڇڏي آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مختلف قسمن جون هيٺ مٿاهيون، ذاتيون، مذهب ۽ زبانون سياستدانن لاءِ ئي فائديمند رهن ٿيون. جڏهن هنن کي وٽي ته پنهنجي غرض لاءِ ٻن ذاتين، ٻن مذهبن ۽ زبانن جي ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي پنهنجو ڪم ڪڍي وٺن ـ خاص ڪري هن ننڍي کنڊ جا جذباتي، حساس ۽ سياسي شعور کان عاري ماڻهو دنيا ۾ ڪٿي ملندا...؟

هن دفعي اسان کي ڪولمبو ۾ آئي، هفتي کان ٻه مٿي ٿي ويو آهي. اسان جي جهاز تي ڪم ڪندڙ عملي ۾ خلاصين مان ڪي ته پهريون ڀيرو آيا آهن ۽ ڪي ته ڪيترائي ڀيرا اچي چُڪا آهن ـ خاص ڪري اهي جيڪي هن کان اڳ ننڍن جهازن تي رهيا آهن. يا اهي جهاز جيڪي ويجهن ملڪن ۾ وڃن ٿا ۽ ڏورانهن ملڪن ۾ يڪ ساهيءَ وڃڻ بدران هڪ هڪ ملڪ مان ٿيندا وڃن ٿا. انهن جهازن ۾ تيل ۽ پاڻي کڻڻ لاءِ ايتريون ٽانڪيون نه آهن جو يڪساهي وڏو سفر ڪري سگهن. اسان جي جهاز لاءِ هتي اچڻ اتفاقي آهي. هاڻ هتان کان سڌو نيويارڪ (آمريڪا) ويندا سين جو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مفاصلو هتان کان ٻارهن هزار ميل آهي. اسان جي جهاز جي رفتار مطابق ٽيهه ڏينهن ۽ ڪُجهه ڪلاڪ لڳڻ کپن. يعني پورو مهينو کن. ڪالهه ڪنهن جونيئر آفيسر چيو:

”مار هاڻ يڪا ٽيهه ڏينهن سمنڊ تي! خبر ناهي ڪيئن گُذرندا.“

”ٽيهه ڏينهن ته ڪُجهه به نه ٿيا“ چيف آفيسر مظهر وراڻيو ”يعني فقط چار آچر.“

پوءِ جڏهن جهاز سمنڊ تي هوندو آهي ته واقعي اسان جو يار مظهر ڏينهن نه ڳڻيندو آهي. هينئر جپان کان سلون ايندي به هڪ ڏينهن لنچ تي پڇيومانس ته ڪهڙو ڏينهن آهي؟

”سمنڊ تي ڏينهن جا نالا پُڇي چا ڪبا؟ سڀُ ڏينهن هڪجهڙا ته ٿين ٿا. مان ته رُڳو چڪن برياني ڏسي سمجهندو آهيان ته اڄُ خميس يا آچر هوندو!“

واقعي سمنڊ تي چاهي آچر هُجي يا سومر، عيد جو ڏينهن هُجي يا عاشوري جو موڪل ته ٿيڻي ڪانهي. ڏينهن رات مقرر ڊيوٽيون ڪرڻيون پون ٿيون. هڪ ڏينهن ٻئي کان مختلف نه ٿئي. فقط آچر ۽ خميس جو ڏينهن ٻين کان ٿورو مختلف ٿئي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاڪستاني ڪمپنين جو سيني جهازن تي سالن کان اهو دستور هلندو اچي ته ٻين ڏينهن جو (Menu) کاڌو بدلبو رهندو پر خميس ۽ آچر تي ساڳيو هوندو. صبح نيرن تي ڊبل روٽيءَ بدران اڦراٽو يا پوري ٿئي ۽ ڀي ڀاڄي. منجهند جو چڪن برياني، پاپڙ، ٻوڙ آچار ۽ پنير وغيره ٿئي. رات جي ماني: چڪن سوپ، ۽ عام مانيءَ بدران ٿلها مکڻ لڳل اڦراٽا ۽ قيمون. اهو کاڌو مٿين ٻن ڏينهن تي ساڳي ساڳي سواد ۽ نموني جو هر جهاز تي نظر ايندو. پلي جهاز سمنڊ تي هجي يا بندرگاهه ۾، ڏکي سفر تي هجي يا ننڍي تي، روس يا ڪئناڊا جي سرديءَ ۾ هُجي يا پورٽ سوڊان ۽ بحر احمر جي گرميءَ منجهه، بارش هُجي يا طوفان منجهه، مجال آهي جو ڪو ڦير ڦار ٿئي.

نه فقط پاڪستاني جهازن تي پر هندستاني ۽ هاڻ بنگلاديش جي جهاز جو به خميس ۽ آچر وارو مينو ساڳيو ٿئي. لڳي ٿو ته اهو رواج آزادِيءَ کان به اڳ کان هلندو اچي. ايتريقدر جو چرچو مشهور آهي ته موڪل تي هڪ جهازي ٻئي جي گهر ويو. منجهند جي مانيءَ تي چڪن برياني ڏسي پڇڻ لڳو: ”اڄُ آچر آهي ڇا؟“

سلون ۾ گرم مسالو ڇڱو سستو آهي. ڪجهه سال اڳ ته ان کان به گهڻو سستو هو پر هينئر به (1970ع ۾) دنيا ۾ سڀ کان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سستو هتي آهي. مثال طور ڦوٽا اسي روپيا سير، ڪارا مرچ يارهين روپئي سير، چانهه چار روپيا پائونڊ، گدامڙي تي روپيا سير، لونگ چاليهه روپيا سير، جاوتري ٽيهه روپيا سير، ڪمال پٽ ڇهه روپيا سير، ۽ ناريل جو تيل، ڏونگهيون، اناناس ۽ پپيا پڻ هتي تمام سستا آهن. انهن مان ڪن شين تي بندرگاهه وٽ ڪسٽم آفيسرن کي ٽئڪس ڏيڻو پوي ٿو. هتي جي ڪسٽم آفيسرن کي ڏسي ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ ايندي آهي ته ڪڏهن افسوس ٿيندو آهي. آئون سمجهان ٿو ته ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ سلون جهڙو ڪٿي به اهڙو (Corrupt) بدنام ۽ غريب ڪسٽم جو عملو نه هوندو.

بندرگاهه جي هر در وٽ ست اٺ ڇڙا (ڪسٽم آفيسر) خاڪي، ميرن ۽ اڻ استري ٿيل ڪپڙن ۾ بيٺا هوندا يا ڪني ڏٻ واري تماڪ جي سگريٽن ۽ پُراڻي فئشن جي سبيل قميص ۽ ڪاري ڪپڙي جي نوڙيءَ جهڙي ٽاءِ ۾ ٽيبل پنيان انگريزن جي زماني جي ڇنل واڻ جي مڙ لڳل ڪرسين تي ويٺا هوندا. اهڙي ادا ۽ نموني جون ڪرسيون ڳوٺن ۾ حجامن جي دڪانن تي گهٽو ڪري نظر ايندون آهن. ڪيترن جي ڏاڙهي وڌيل، ڏند پيلا (بقول چيف


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انجنيئر مهتاب جي، سندن ستن پيڙهين ڏند صاف ڪرڻ جهڙي فئشن تان هٿ ڪٽي ڇڏيو آهي) ڳجهن وانگر جهُڳتو ٺاهي ويٺا هوندا. ڪو جهازي بندرگاهه ڪان ايندو يا ويندو ڏسندا ته ائين خوش ٿيندا ڄڻ مٿئين پکيءَ ڪي اُٺ مئل نظر آيو. پهرين ته پُڇندا ڪهڙي جهاز جا آهيو ۽ ڇا (*Rank*) اٿانوَ؟ پوءِ ابتي ڪل لاهڻ جي ڪوشش ڪندا ـ پر گهڻو ڪري ڪامياب نه ٿيندا آهن. ويهه پنجوين روپين کان وٺي شُروع ٿيندا آهن ۽ قصو اڪثر ٽرپل فائيو (555) جي فقط هڪ سگريٽ تي اچي بيهندو آهي.

هن کان اڳ دفعي جڏهن سلون آيا هئاسين ته دروازي وٽان پُڇي ويو هوس ته گرم مسالو وٺي ٿو اچان. ڇا ڊيوٽي ٽئڪس لڳندي. سيني چيو ته ڪو خاص نه هڻنداسين ۽ تنهنجي مدد ڪنداسين. (دل ۾ سوچيم ته هڪ چور جي چوڪيدار مدد ڪندا اهو به خوب.) وٺي آيس. ٻه اڍائي سؤ روپين ڪن جو ٿيندو. حساب لڳائي چيائون ته ان جا پنجويهه روپيا ٽئڪس ڏي. پئسا ڏئي رسيد گهُري مان ته ڏهن جي ڪيڏي ڏنائون. منهنجي ضد تي سمجهائڻ لڳا (۽ ٺورو پڻ ڪرڻ لڳا) ته ائين ڪرڻ سان پنجويهه روپيا نه ته رسيد وٺڻ سان پنجاهه روپين کان به مٿي سرڪاري ڪسٽم لڳندو.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر جيئن تہ مون سان مدد جو وعدو ڪيو هئائون (ٻين لفظن ۾ پنهنجي ملڪ جي معيشت جا ترا ڪيڙڻ جو فيصلو ڪيو هئائون) سو مونکان اڌ ٽئڪس پنجويهہ روپيا وٺي رسيد ڏهن جي ٿا ڏين.

”جيئن اسان جو بہ ڀلو ٿئي ـ“ هڪ ڪسٽم آفيسر ڪلي چيو هو. پوءِ خبر پئي تہ اهو مدد جو وعدو فقط مون تائين محدود نہ هو پر اها سندن هٿ ٺوڪي مدد سلون جي ڪناري وانگر وسيع آهي.

بئي ڏينهن پوئين فلم شو تان موٽندي رستي تان اناناس، پپيا ۽ ڪيڪ وٺي جهاز تي پئي آياسين تہ گيٽ کان چار پنج قدم پهرين ئي ڪسٽم آفيسر آڏرياءُ ڪيو. لفافن ۾ سامان ڏسي چيائين:

”اندر ڪسٽم جو وڏو آفيسر ويٺو آهي، تمام گهڻو ٽئڪس لڳندو. توهان مون کي پنج روپيا ڏيو آئون توهان جي مدد ڪندس، هن کي چوندس تہ هنن وٽ ڪاڌي پيتي جون شيون آهن.“

اسان کان ڪل نڪري وئي تہ ’سچا هليا آهن پينگن وٽ تہ عيد ڪڏهن ٿيندي‘ صاف صاف ڪيس چيوسين تہ پنهنجي وڏي آفيسر کي چوندي چا. ’آهي ئي ڪاڌي جو سامان‘ ۽ اسان پنج روپيا ڏيڻ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪان پڙُ ڪڍي ٻيهي رهياسين. دل ۾ فيصلو ڪيوسين ته جيڪڏهن ڪسٽم واري جهاز تي سامان ڪٽي وجهڻ نه ڏنو ته بندرگاهه جي ٻاهران ئي ڪائي هٽين خالي هلنداسين. باقي *Tax* نه ڏينداسين. اڄُ رات پنج روپيا ونڻ لاءِ هن ڪسٽم واري ڪي اجايو ڏاند ڏهٽا پوندا. اسان جو پارو چڙهيل ڏسي سپ چُپ ٿي ويا. اسان کي اندر وجهڻ جي اجازت ڏنائون. اسان مان ڪنهن چيو ته اهڙو ڪمال ٿيو آهي جڻ سُئيءَ جي پاڪي مان اُٺُ لنگهي ويا. پنيان فورٿ انجنيئر (جنهن جو سئنيما ۾ اونداهه ۾ ڏاڪڻ تان پير ترڪڻ ڪري مُڙي ويو هو) منڊڪائيندو آيو 'ڏوڙ آ پئي' فورٿ انجئينر اسان تائين پهچي چيو "مون ڪان سريلنڪا - پاڪستان دوستيءَ جي نالي ۾ ٻه سگريٽ وني ئي ڇڏيائون."

هن دفعي پهرين ڏينهن اسان جهاز جا چار پنج آفيسر جنهن وقت وجي رهياهئاسين ان وقت شام جا پنج ٿيا هئا. سيني وٽ غير ملڪي ناڻو هو. سيني خفي ڪان بچڻ لاءِ پئسا لڪائي ڇڏيا هئا. مون چيومان ته گيٽ تي آئون هي ڪليا ٻه ڊالر ڏيڪاريندس. متان هنن کي شڪُ پوي ته بنا پئسن جي ٻاهر پيا وڃن ۽ پوءِ تلاشي وٺي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لڪيل پئسا ضبط ڪن. در وٽ پهچي ڪسٽم وارن کي ٻُڌايم ته ٻه ڊالر اٿم.

”هن گيٽ تي فارم ته ڪونه آهن. هتان نمبر ون گيٽ تي وڃو (جو ميل ڪن پنڌ تي آهي) ۽ فارم پري پوءِ بئنڪ تي متائڻ لاءِ وڃو. پر بئنڪون هينئر بند ٿي چُڪيون آهن. صبح جو بئنڪ تي وڃي اتي به فارم پرجو ۽ پوءِ پئسا سرڪاري اگهه تي متائجو.“ ڪسٽم آفيسر ڊگهو ليڪچر ڏئي سمجهايو. مطلب ته مون غريب جو سرُ ويو. مون چيومانس ته نيڪ آهي اسان چانهه پيئڻ ٿي وياسين. سو هينئر بنا پيئڻ جي فقط واڪ ڪري موٽي ٿا اچون. هي پئسا ڪٽي ايندا سين.

هن انڊپين جو نيُ ٽيبل جي ڪنڊ تي سڏو ڪري، پسرندڙ پني تي منهنجو نالو لکيو ۽ پوءِ در کان نڪرڻ وقت آهستي ڪن ۾ چيو ته در وٽ رابرٽ جو دڪان آهي، ان کان متائجو (جو شايد هن جو ڪو مائٽ يا دوست ٿي لڳو جنهن سان هن جي ڪميشن پڪ ٻڌل هوندي) ڊالر جا هن اٺ روپيا ٿي ڏنا. ڪيترا ته نوان آيل جهازي ان کان متائيندا هوندا پر اسان نه متايس. اڳتي هڪ گهٽيءَ ۾ هر دڪاندار يارهين روپئي ڊالر وٺي رهيو هو. انهن ٻن ڊالرن کان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سواءِ بيا سڀ پيسا متاياسين. فلمون ڏسي واپس دير سان آياسين. در تي ساڳي ڪسٽم آفيسر کي ٻه ڊالر ڏيڪارياسين جنهن ڏسڻ به نه ٿي چاهيا پر اسان به پنهنجي نالي ماتر شرافت جو نيو هن جي نالي ماتر ايماندار روح تي هڻڻ چاهيو ٿي. يا ٻين لفظن ۾ اڳتي لاءِ پڪو ٿي ڪيوسينس. چوڻ لڳو:

”سياڻي آءٌ توهان جي جهاز تي ايندس. مون توهان جي جهاز جي چيف آفيسر مظهر جي مدد ڪئي آهي. هن وٽ ڏيڍ سؤ ڊالر هئا.“

جهاز تي سڏو مظهر وٽ آيس. ڪئبن ۾ گهڙڻ سان مون کان اڳُ هو چوڻ لڳو: ”ٻه ڊالر ڪٽي سڄي پلٽن کي وٺي ڪيڏانهن ويو هُئين. مون لاءِ به ڪونه ترسين.“

”ٻه ڊالر! توکي ڪسٽم آفيسر ته ڪونه ٻڌايو؟“ مون وائڙو ٿي چيومانس. ڪلي چيائين ته ڪولمبو جا ڪسٽم وارا به مڱٽھار آهن.

”آئون به سڏو تو وٽ ان لاءِ آيس ته يار هي ڪسٽم آفيسر ته صفا ڪو دهل آهي. تو لاءِ سيني کي ٻڌائيندو وتي ته ڏيڍ سؤ ڊالر ڪٽي نڪتو هُئين.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڪسٽم آفيسر نہ ٿيو ڇڱي خاصي خبر رسان ايجنسي ٿي.“

مظهر مٿو ڪنندي چيو: ”ڏيرياٽيءَ ڪان لڪائڻ ۾ ڏيهہ ڪي ڏسڻ ان ڪي ڇئبو آهي.“

”پيو نہ تہ وري - مون کي تہ اهو فڪر ڪائي ويو آهي تہ ريڊيو آفيسر ڇا سوچيندو تہ هن پاڻ ڪان اڏار گهُري تہ پاڻ ٻنهي چيس تہ تمام ٿورا پئسا آهن ۾ ڏيئي نہ ٿا سگهون. پر اهو تہ ڇڏ مون کي پاڻ تعجب آهي تہ ڏيڍ سؤ ڊالر (ڏيڍ هزار روپيا) ڪٽي ڪهڙي مومل جي ڪاڪ تي ڪاهہ ڪرڻ ويو هُئين؟“

”اڙي بابا نہ. نہ. توهان غلط فهميءَ ۾ آهيو. آمريڪن ڊالر ٿورائي هُئا. ڏيڍ سؤ هانگ ڊالر يعني ٽي سؤ روپيا ڪن هُئا ۽ تن جا بہ ان ڪسٽم آفيسر جي دوست رابرٽ گهٽ پيسا حساب ۾ ڏنا. راشد سان گڏُ فلم تي ويس. ڪجهہ ڪاڇا ورتم، هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل ۾ ماني ڪاڌيسين ۽ واپس آيا آهيون. پنجاهہ سٺ روپيا تہ ٽئڪسيءَ جي ڀاڙن پُنيان خرچ اچي ويو آهي. ڳالهہ ختم.“

”بهرحال نمبر ون اها ڳالهہ تہ هو سيني کي تولاءِ پيو چوي تہ ڏيڍ سؤ ڊالر ڪٽي ويو هُئين ۽ موٽيو هٿين خالي آهين يعني ٻين لفظن ۾ خريداريءَ بدران رنڊيءَ وٽ ويو. نمبر ٽو اها ڳالهہ تہ سياٽي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تنهنجو اهو دادلو ڪستم آفيسر تو وٽ اچي پيو يعني مون وٽ پڙ.
ڏاڍي محبت پئي ڏيکاريائين . اچي چو پيو؟ اها ڪيس خبر. مون ڪان
نہ پُڇجانءِ“

بئي ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي ڏاري انجن جو ٽيون نمبر
پسٽن ڪيرائي ٻاهر جهاز جي ڏاڪڻ وٽ هوا کائي رهيو هوس.
بئالر سوٽ ۾ هوس ۽هٿ منهن تيل ۽ ڪارٺ ۾ ڪارا هُئا. پگهر
ڳچيءَ کان پيرن تائين پئي ٽميو. اتي هن رات واري ڪستم آفيسر
کي جهاز جي ڏاڪڻ تي چڙهندي ڏٺم. هن مون کي انهن افعالن ۾
ڪونہ سُڃاتو ۽ مون کان ئي منهنجو ۽ چيف آفيسر جو پُڇڻ لڳو:

”سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف آفيسر ڪٿي آهن؟“

چيومانس تہ سيڪنڊ انجنيئر جو ايڪسيڊنٽ ٿيو آهي ۽
پاڻ ڪٺائي اسپتال ويو آهي. باقي چيف آفيسر مٿي ڪئبن ۾.

۽ پوءِ ڪيس ٿوري دير بعد واپس بہ ويندي ڏٺم. چيف آفيسر
جي تعريف ڪندو ويو. پڇيومانس تہ ”تنهنجو ڪهڙو ڪم هيو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چيف آفيسر ۾؟“ چوڻ لڳو تہ ”هن جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف آفيسر منهنجا دوست آهن. هڪ پرائيويٽ ڪم هو.“

پنهنجي ڪئبن ۾ پهچي مظهر کي فون ڪيم.

”ڪر خبر؟“ مون پُڇيومانس.

”يار ڪٿي آهين؟ رات وارو ڪسٽم آفيسر آيو هو.“

”تنهنجي تعريف ڪندو پيو وڃي ـ ڪهڙا هن جا ڏڪا واپس ڪرايا اٿئي؟“ مون تعجب مان پڇيومانس.

”يار سگريٽ وٺڻ لاءِ گهران آيو هو ـ مون وڏي دل ڪري ٻہ پاڪيٽ ڪڍي ڏنامانس.“

”حاتم جي قبر تي وڏي لت هنئي.“ مون وراڻيومانس.

سواهي حال آهن هتي جي ڪسٽم آفيسرن جا.

هتي ڪولمبو ۾ هڪ تہ اسان جا جهازي همراهہ گرم مسالو وٺڻ ۾ پورا آهن ۽ ٻيو هندي فلمن تي مارو اٿن. اڄ ڪلهہ تہ جيڪي چار پنج فلمون هلن پيون سي سڀُ گانن ۽ ڪهاڻين جي خيال کان سٺيون چيون وڃن ٿيون. ’تلاش‘ فلم جي هيرو راجڪُمار جو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

دوست سنڌي ڏيڪاريو اٿن. جو اصل زندگيءَ ۾ بہ سنڌي آهي. فلم ۾ هو سائيڊ هيرو ۽ ڪاميڊين پڻ آهي. هتي جي رهاڪو سنڌين ٻڌايو تہ هو دادو پاسي جو آهي. ان جو فلمي پيءُ بہ سنڌي (ساڌنا جو چاچو) ڏيڪاريو اٿن. فلم جا ڪي ڪي پهلو سنڌين لاءِ اڻ سهائيندڙ ڏکوئيندڙ ۽ اعتراض جوڳا لڳا. خبر ناهي ڪيئن اها فلم هندستان ۾ رهندڙ سنڌين (جن اها ڏٺي هوندي) برداشت ڪئي آهي. جڏهن تہ ڪيترائي اداڪار ميوزيشن، ڊائريڪٽر ۽ پروڊيوسر هندستاني فلم انڊسٽريءَ ۾ سنڌي آهن.

’اپنا ديش‘ فلم جي ٿيم مون کي ڏاڍي وڻي. هن ۾ سماج جي خرابين کي ڏيکاريل آهي، جي نہ فقط هندستان ۾ عام آهن پر ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جهڙوڪ پاڪستان، سلون، برما، ٿائلنڊ، انڊونيشيا، ملائيشيا، ۽ ٻين پنتي پيل ملڪن ۾ موجود آهن. بلڪ پنتي ئي اهي ملڪ انهن بُراين ڪري ٿيا آهن.

اوم پرڪاش ائڪٽر کي هڪ اهڙو سماج دشمن ماڻهو ڏيکاريو ويو آهي جو اندر ۾ هڪ آهي تہ ٻاهر ۾ ٻيو. ٻاهران تہ ڏيکاءَ لاءِ وڏا خير خيرات ڪندو وتي، اسڪول ۽ اسپتالن جا سنگ بنياد رکرائيندو وتي، ڳوٺ ۽ شهر جو نمائندو ۽ چيئرمين بنيو ويٺو آهي.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر اندر ئي اندر شهر جي لوفرن سان ملي شريف ماڻهن (جيڪي سندس ڪُڌن ڪمن ۾ رُڪاوٽ آهن) جا خون ڪرائيندو وتي، سمگلنگ ۽ چوريون پيو ڪرائي. سرڪاري آفيسرن کي رشوتون ۽ ڏيو ناجائز ڪم پيو ڪرائي. غريبن سان ظلم ڪندو وتي. پوءِ ڪهاڻي موڙ کائي ٿي تہ اڄ جي زماني ۾ هن گندي سماج ۾ ضرورت آهي هڪ اهڙي نوجوان جي، جو ان مڪار عمارت جي پيڙهن کي ڏوڏي ڇڏي.

راجيش کنا هڪ اهڙو غريب نوجوان آهي، پر همت، سچائيءَ ۽ محنت جي جذبن سان ٽمٽار هو برائيءَ سان مقابلو ڪري ٿو ۽ ملڪ جي غدارن جي چهري تان ڪوڙو پوش لاهي عوام جون اکيون کولي ٿو ۽ پنهنجي شهر جي ماڻهن کي خوش آئندو ڏئي رهنمائي ڪري ٿو.

ڪاش اهڙي نموني جي فلم پاڻ وٽ تيار ٿئي. يا ٿي سگهي ٿو تہ تيار ٿي چُڪي هُجي.

فلم ’شرميلي‘، ’راجا راني‘ ۽ ’رامپور ڪا لڪشمن‘ هڪ قسم جون رومانوي فلمون آهن، جنهن جهڙيون فارمولا ٽائيپ ڪهاڻيون (جي حقيقت ۾ اڻلڀ ۽ ناممڪن) پر فلمي پڙدي تي پاڻ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وٺ جام ڏيکاريون وڃن ٿيون. هيرو هيروئن جو ڪنهن بهاني ملڻ: بس اسٽاپ تي، پڪنڪ تي، سائيڪل ٽڪرائڻ تي، يا وري هيروئن کي ڪنهن غنڊي کان بچائيندي ـ هڪ عام جملو: ”او توکي شرم نہ ٿو اچي ڪمينا، بي غيرت، ڪنهن جي ماءُ ڀيڻ تي اکيون کڻندي (پوءِ غريب هيروئين سڄي فلم ۾ هيرو صاحب مان ڦاٿي)، يا خريداري ڪندي، ڪوهہ تان پاٽي پريندي، پوءِ وري ڪجھ دير لاءِ وڇڙڻ ۽ پوءِ آخر ۾ فلم جو انت خوش ڏيکارڻ لاءِ هيروئن ۽ هيرو جي شادي ٿيندي. جڻُ تہ شادي هر خوشي حاصل ڪرڻ جو ڪئپسول آهي. ان بعد ڏک، ڪا بيماري، ڪو غم ڪو فڪر، در ٽپي نٿو سگهي ۽ شاديءَ بعد هيرو کي نہ نوڪري ڪرڻي آهي نہ پورهيو. هيروئن کي نہ ٻهاري ڏيڻي آهي ۽ نہ گهر جا ٿانوَ ملڻا آهن. بس ٻنهي کي گڏجي ’دوگانا‘ ڳائڻا آهن.“

فلم ۾ ان کان علاوه ڇهہ ست ڏک ۽ خوشيءَ جا گانا زبردستي ٺوڪيل، ٻہ چار ٺونشي بازي ۽ ’مار ڌاڙ‘ جا سين ۽ هڪ ٻہ اگهاڙا سين، جن جي ضرورت هُجي يا نہ، پر اَهاني بهاني ڏيکاريل. مثال طور هيروئن صاحبا کي سڄي فلم ۾ هڪ ٻہ دفعا ترڻ جو شوق ضرور ٿيندو (۽ نصير واهہ، بگهياڙ پونڦاڙ يا ڦليليءَ جهڙي ميري



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پاڻيءَ ۾ ترڻ بدران ڪنهن سئمنگ پول جي صاف پاڻيءَ ۾ ترندي جيئن پاڻ حيرت انگيز ۽ سوڙهي انگيءَ ۾ ڪڇي ۾ پاڻيءَ ۾ پسڻ سان اشتعال انگيز لڳي سگهي.) يا ٽيليفون جي گهنٽي ان وقت وڄندي جڏهن هيروئن (خاص ڪري شرميلا ٽئگور جي Case ۾، وهنجي رهي هوندي ۽ ڪيس نديو ٽوال ٻڌي ٽب مان نڪري هڪ هٿ سان فون جهلي ڳالهائڻو پوندو ۽ ٻئي سان هر هر ڇُڙندڙ ٽُوال کي جهلڻو پوندو.) يا هيرو ۽ هيروئن ڪنهن اهڙي هوٽل ۾ اچي ويندا جتي ڪئبري ڊانس ضرور هوندي. نہ صرف هوندي پر ان جو ولولہ انگيز آخري سين هلي رهيو هوندو باربرا ڪارٽلنڊ جي ناولن وانگر سيني فلمن جي ڪهاڻي ذري گهٽ ملندڙ جُلندڙ.

مٿي لکي آيو آهيان تہ سلون ۾ غير ملڪي ناڻي جي سرڪاري قيمت هڪڙي آهي ۽ عام مارڪيٽ جي ريٽ ٻي آهي. جيئن اڳ ۾ اسان وٽ هوندو هو. پر هاڻ اسان وٽ ڊالر يا ٻئي غير ملڪي ناڻي جي قيمت ساڳي وڃي ٿي آهي. هتي سلون ۾ ٻيون ٻاهر جون شيون تہ ڪونہ ملن، پر جيڪي ملن سي سرڪاري اگهہ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تي. مثال طور ڪتاب، دوائون وغيره. ڪنهن ڪتاب جي قيمت هڪ ڊالر آهي تہ ڇهين روپئي ملي. جيتوڻيڪ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت تہ ٻارهن روپيا تي. پاڻ وٽ بہ ٻاهرن ملڪن جا ڪتاب پهرين سستا تي مليا. ويندي ٽائيم، نيوز ويڪ، ريڊر ڊائجسٽ تائين. پر هاڻي اصل اگهہ تي ملن ٿا.

چيف آفيسر مظهر کي ٻُڌايم تہ پڙهڻ لاءِ ڪتاب وٺڻا هُجئي تہ هتان وٺُ. آمريڪا ۾ هلي جيڪي ڊالر جو ڪتاب وٺندين سو هتي ڇهين روپئي (اڌ ڊالر) ۾ پوندءِ. اهوسوچي اسان سڀ ٻي شاپنگ (مسالو ڪوپري جو تيل ۽ چانهہ وغيره) وساري ڪتابن جي خريداري ڪئي اٿئون. دڪانن ۽ جهاز وارن اهو ئي سمجهيو تہ يا تہ چريا ٿيا آهيون يا تہ ڪا لئبريري ٺندي باڳي يا ٽاٽي بولا خان ۾ کولڻي اٿئون. خاص ڪري جپان کان هتي پيا اچون ۽ جپان ۾ تہ انگريزي ڪتاب اهڙا مهانگا هُئا جو دنيا ۾ ڪٿي بہ نہ هُجن. ٻاهر جا تہ ڇا پر جپان ۾ ڇپيل جپاني ليکڪن جا ڪتاب بہ مهانگا. ساڳيا ڪتاب هتي سريلنڪا ۾ تمام سستا پيا ملن.

سو ڪولمبو ڪتابن جي خريدارن لاءِ جنت آهي. ڪيترا آمريڪن ڪتاب جيڪي جپان ۾ بہ ڪونہ ٿي مليا پر هتان سيٽن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جا سيٽ مليا ويا آهن. پنهنجي دلپسند ليکڪن، هيمنگوي، سمرسيٽ ماهم، جين پال سارتر، مشيما يوڪيو هال ڪين، ڊاڪٽر گورڊن، جان ماسٽرس، ولاديمير نابوڪوو، اليگزينڊر سولزنتسن، فالسٽر ۽ گرهام گريني کان علاوه به ڪيترن سلوني، ملئي ۽ آفريڪن ليکڪن جا انگريزي ترجما ملي ويا آهن. ساڳي طرح مظهر جي پسنديده ليکڪن اگاٿا ڪرسٽي، بابرا ڪارٽلنڊ کان وٺي ڪاميو ۽ اسٽائن بيڪ تائين جا ڪتاب هتي ملي ويس. هاڻ پئي ڇٽا خريد ڪيل ڪتاب ڏسي پيا ٺرون. هاڻ آمريڪا تائين ڊگهي سفر جو ته فڪر نه اٿئون پر جي ڇهه مهينا ڪن وچ سمنڊ تي جهاز بيهاريو وجي ته به اسان طرفان اجازت. پڙهڻ جي اهڙي عادت ٿئي ٿي (ڪني يا سُني) جو ننڊ به تيسين نه ٿي اچي جيسين ڪلاڪ به ڪو ڪتاب نه پڙهجي. ڪيترا مون ڏٺا آهن، خاص ڪري جهازن تي، جن کي پڙهڻ لاءِ جيڪو به رسالو يا ڪتاب مليو ته پڙهندا رهندا. نه مليو ته ڪوبه فرق نه پوندو. پر منهنجي پسند ڏاڍي چُونڊ واري (*Selective*) ۽ محدود آهي. ڪاڏو صحيح ملي يا نه ملي پر ڪتاب ملڻ کپي نه ته بدهضمي ٿيندي ۽ جيڪو ڪتاب پڙهڻ جو مزو سمنڊ تي اچي ٿو سو ڪٿي نه آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ساڳئي وقت بنا ڪتابن جي جيڪو ذهني عذاب سمنڊ تي پوڳيو آهي سو ڪٿي به نه. اهي ڏينهن ڪڙن بادامن کان به وڌيڪ ڪڙا ۽ بگهڙ جي ڏندن کان به وڌيڪ تکا ٿا لڳن. هونءَ به ڪارگو ۽ ٽئنڪر جهازن تي ماڻهو گهٽ ۽ وقت وڌيڪ ٿئي. وقت گُذارڻ لاءِ ڪا نه ڪا وندر هُجڻ ضروري آهي.

هتي سلون ۾ ڪيترائي پاڪستاني پڙ رهن ٿا. جيتوڻيڪ هندستان جا تمام گهڻا آهن جو سلون هندستان کي ويجهو آهي. ان کان سواءِ  هندستان جي حڪومت سندن ماڻهن کي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي پئسو ڪمائڻ لاءِ همت افزائيءَ ۽ مدد ڪري ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ٻين ڏورانهن ملڪن ۾ ته هندستاني گهڻا آهن پر عرب ملڪن ۾ توڙي ڏورانهن ننڍن ٻيٽن تي به ملندا. خاص ڪري واپاري ۽ مزدور طبقو.

اهي نه فقط پنهنجي ملڪ لاءِ پرڏيهي ناڻو ڪمائين ٿا پر ساڳئي وقت پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي پرچار پڻ ڪن ٿا. ڪيترا اهڙا ملڪ آهن جيڪي حڪومت جي ليول تي ته پاڪستان جا دوست آهن پر انهن جو عوام هندستان جي دوستيءَ جي هام ٻري ٿو. ڇو جو اتي ڪيترا هندستاني رهن ٿا ۽ اتي جي عوام سان ملي هو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هندستان جي شهرن ۽ ماڻهن جي تعريف ڪري رهيا آهن. جپان ۾ مون سان ڪم ڪندڙ جپاني انجنيئر جا پار هر وقت هندستان جي تعريف ڪندا رهيا. ڪائنن مون پڇيو ته هو شايد اتي ڪافي وقت رهي آيا آهن. پاڻ ٻڌايون ته سندن پاڙي ۾ هڪ هندستاني فئملي رهي ٿي ان ڪان ڪين هندستان بابت ڄاڻ پئي آهي.

ڪينيا ۽ ماريشش ۾ هندستانين کي ڏسي اتي جا ماڻهو به اهي ڪپڙا پائڻ لڳا آهن. ملائيشيا ۾ هڪ مسلمان فئمليءَ جون ڇوڪريون هندي گانا ڳائي رهيون هيون. ڪائنن مون راڳ جي معنيٰ پڇي ته هنن چيو ته معنيٰ جي ڪين خبر ناهي، سندن هندستاني ساهيڙين سان ڳائيندي ڳائيندي هنن کي ياد ٿي ويا آهن. ڇوڙ لڳيون پاڪستاني گانا سُنا نه آهن. مون پڇيومان ته توهان ٻڌا آهن؟ ڇوڙ لڳيون ته نه. جپان ۾ هڪ فئملي ڇوڙ لڳي ته هندستاني هر ڳالهه ۾ سڏا آهن ڏوهه فقط پاڪستانين جو آهي. پڇيومان ته ڪيئن ٿا چئو. معلوم ٿيو ته اهو سندن فيصلو ناهي پر اها راءِ هنن پاڙي ۾ رهندڙ هندستانين جون ڳالهيون ٻڌي قائم ڪئي آهي. ساڳي طرح جپان ۾ هڪ اسڪول جا ٻار اينڊز موڪلن ۾ انڊيا ۾ فتح پور سڪري ۽ دهليءَ جُون پُراڻيون عمارتون


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏسڻ لاءِ سنبري رهيا هُئا. ڪين مون ٻُڌايو تہ پاڪستان ۾ موهن جو دڙو هڙپا، ٽئڪسيلا جا ڪنڊر ۽ ٺٽي ۽ سيوهڻ جون پُراڻيون عمارتون ڏسڻ وٽان آهن تہ واٽڙا ٿي ويا ۽ ٻُڌايون تہ ڪين سندن اسڪول جي مس جا انڊين آهي تنهن تہ ٻُڌايو تہ پاڪستان ۾ ڪُجھ بہ نہ آهي.

سو انهن ڪُجھ مثالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن معمولي ڳالهيون ڪيترو وڏو اثر رکن ٿيون.

آمريڪا ۾ نائجيريا جي هڪ وزير سان ملاقات ٿي. سندن ملڪ ۾ ڊاڪٽرن جي تمام گهٽي ڪوٽ هُئي ۽ تمام ڳري پگهار تي ٻاهرين ملڪن جا ڊاڪٽر پنهنجي ملڪ ۾ گهُرائي رهيا هُئا. مون چيومانس تہ پاڪستان مان چونڊا گهُرايو. پاڪستان ۾ ڪيترائي ميڊيڪل ڪاليج آهن جن مان هر سال ڪيترائي ڊاڪٽر تيار ٿي نڪرن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ توهان جي ملڪ جي گهُرج تہ پوري ٿي سگهي ٿي.

چوڻ لڳو تہ پاڪستان سان تہ هنن جا تمام سُنا لاڳاپا آهن ۽ ڪيس تمام ويجهو ٿا سمجهن ۽ سڀ ڪان اڳ پهرين پاڪستاني ڊاڪٽرن کي ترجيح ڏنائون پر وقت تي ڪيترا ڊاڪٽر پهچي نہ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهيا. ۽ انهن جي جاين تي ڪين ٻين ملڪن جا رڪٽا پيا. ڪيترن تہ سرڪاري رنڊڪن پاسپورٽ ۽ N.O.C جي چڪرن ڪري هنن اچڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڪين چڱي دقت ٿي. ساڳي وقت انڊيا جا ڊاڪٽر بنا ڪنهن دير جي اچي ٿي نڪتا. ساڳيو حال انجنيئرن، پروفيسرن ۽ پورهيتن جو آهي. دبئي ۽ دوحا (قطر) پاڪستان کي تمام ويجها آهن جتي مزوري تمام ڳري آهي. امير ملڪن مان آهن. جتي ڪٿي نهندڙ عمارتن، آفيسن، رستن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن ۾ هندستانين جو تعداد گهڻو نظر ايندو پر پاڪستان مان فقط ڪُجهہ پٺاڻ ۽ مڪراني نظر آيا تن ۾ ڪيترائي سرڪاري طرح نہ پر پنهنجي مُرّسيءَ تي جان جوکي ۾ وجهي پهچي آيل هُئا. هاڻوڪي حڪومت مڙيئي ان طرف ڌيان ڏنيو آهي ۽ ماڻهن کي ٻاهر ڪمائڻ لاءِ موقعا ميسر ڪيا آهن. پاسپورٽ تي بہ مون ٻُڌو آهي تہ هاڻ اها سختي نہ رهي آهي.

ڪجهہ پنهنجو (يعني ماڻهن جو) بہ ڏوهہ آهي. لبيا جي ڪرنل قذافيءَ کي دنيا جي مسلمانن سان ڏاڍي همدردي آهي. هن پنهنجي ملڪ جي اسپتالن لاءِ ڪيترن ئي مسلمانن ملڪن جي ڊاڪٽرن، ڪمپائونڊرن، ٽيڪنيشنن ۽ نرسن کي ڳري پگهار ۽ سٺين



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سهوليتن تي گهُرايو پر ڪيترن ماڻهن اتي پهچي اهڙيون ناپسنديده حرڪتون ڪيون جو ماڳهين ملڪ جو نالو خراب ٿي پيو. نتيجي طور هيئنر لبيا سان اسان جا اهي لاڳاپا نه رهيا آهن جيڪي پهرين هُئا.

هونئن هتي سلون۾ پاڪستانين ڪي چڱي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڪيترائي پاڪستاني سلون ۾ سئين نيم سرڪاري نوڪرين ۾ آهن ۽ واپار ۾ به نالو روشن ڪيو اٿن. ٽي چار سال اڳ سلون پنهنجي جهازن جي ڪمپني ”سلون شپنگ ڪارپوريشن“ کولي ته ان جو ڪم به پاڪستانين کي سونپيائون. سندن جهازن تي نيويگيشن ۽ انجنيئرنگ ۾ وڏن عهدن جا آفيسر سڀُ پاڪستاني آهن (جيسين سندن سلوني تعليم حاصل ڪري انهن عهدن لائق ٿين) سڄي ڪارپوريشن جو ڪمرشل مئنيجر ڪئپٽن بيگ پڻ پاڪستاني آهي.

تازو گُذريل سال هتي سلون ۾ پهرين ’ڪولمبو انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل‘ ٺهي تيار ٿي آهي. ان هوٽل جو مئنيجر به پاڪستاني آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سلون ۾ بيا بہ ڪيترائي دڪاندار پاڪستان جا آهن. خاص ڪري ميمڻ ۽ کوجا. ان کان علاوه ڪيترن نوجوانن کي ٻاهر نڪرڻ جو اڄڪلهہ شوق ٿيو آهي. هڪ رات فلم شو مان نڪتاسين تہ ٻہ نوجوان ڇوڪرا شلوار ڪُڙتي ۾ نظر آيا. هتي جي لوڪل ڊريس تہ گوڏ آهي يا مغربي پتلون يا چڊي. سو شلوارن ۾ ڏسي سمجهي وياسين تہ پاڪستاني هوندا. پاڻ ٻُڌايائون تہ هو ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪاليج جا شاگرد آهن. موڪلن ۾ اوسي پاسي جا ملڪ گهمڻ نڪتا آهن. هتان پوءِ ملائيشيا ويندا.

هڪ ڏينهن بازار ۾ پڻ ٽي ڄڻا شلوارن ۾ ڏسي سمجهي ويس تہ پاڪستاني هوندا. ٻہ ڄڻا پٺاڻ هئا ۽ ٽيو ڏاڙهيءَ وارو لاهور جو. سلام دعا ٿي. پڇيومان تازو پاڪستان کان پيا اچو_؟

”ها.“ هنن ٻُڌايو. ”اسان ٿئي هتي واپار جي سلسلي ۾ آيا آهيون.“

”ڪهڙي شيءِ جو واپار؟“

”هي ٻُهارن جي سلسلي ۾.“ لاهور واري همراهہ ٻُڌايو ”هي گرم مسالي جي سلسلي ۾ ۽ آئون سوپارين ۽ پان جو واپار ڪرڻ ٿو چاهيان.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اهڙي نموني سان ڪولمبو ۾ بين به ڪيترن وطن جي ماڻهن سان گس پنڌ تي ملاقات ٿيندي رهي ٿي. ڏارئين ديس ۾ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي.

اهو لکڻ وسري ويو ته هڪ ڏينهن سئنيما هال ۾ هڪ چوڪرين جو ڏڻُ ڪوڪا ڪولا پيئندي نظر آيو ۽ اسان سمجهي وياسين ته هي پڪ هتي سلون جون نه آهن ۽ آيون به هتي تازيون آهن. اڄ ڪلهه ڊسمبر جو مهينو آهي پر اسان جي حساب سان ڪجهه به سردي ناهي ۽ اهڙي گرميءَ ۾ پاڻ وٽ آئيس ڪريم، ڳنڍا، ڪلفي وغيره عام طرح هوندا آهن پر هتي هي ڏينهن سياري جا سمجهيا وڃن ٿا. جيئن پاڻ وٽ سرديءَ ۾ اهڙي ٿڌي شيءِ نه ڪائبي آهي (بلڪ سخت بيوقوفي سمجهي ويندي آهي) تيئن هتي پڻ هتي جا ماڻهو اهڙي ڪا شيءِ کائڻ کان پرهيز ڪن ٿا.

واقعي سوچ جي اها ڳالهه آهي ته ڪولمبو ۾ ڪٽي سيءُ ڪونه پيو پوي، پر هن موسم (ڊسمبر، جنوري) ۾ ڪي ٿو ۽ ڪنچنچنگا جبلن جي چوٽين تي ته برف پئي وسي. ڪوئيٽا ۽ ڪشمير ۾ ته ٿڌيون هوائون پيو لڳن ۽ اتي جا رهاڪو پرهيز ڪن يا نه پر اسان کي ڪولمبو جي (*Centrally Heated*) نيوميجسٽڪ سئنيما


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هال ۾ (*Blind Terror*) فلم ڏسندي ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻ جهڙي غلطي هرگز نه ڪرڻ ڪپي.

فلم ختم ٿيڻ وقت اهو معلوم ڪري ته اهي هڙيئي محترمائون پاڪستاني آهن. پنهنجو موروثي حق ڳالهائڻ جو ۽ ملڪ جي خبرچار ونڻ جو سمجهيوسين. جهجهڪندڙ لباس ۽ ميڪ اپ جو رعب. پرسان لنگهندڙ ابوجهه سلوني ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن تي ويهارڻ لڳاسين.

مٿيون مڙيئي ڇوڪريون پنجاب جي ڪنهن ڪاليج جون شاگردياڻيون هيون. پاڻ ٻڌايون ته هو ڪاليج جي خرچ تي ستن ڏينهن لاءِ سلون (سريلنڪا) گهمڻ آيون آهن. خبر ناهي ڪن ڪن ڪاليجن کي ايڏو پئسو ڪٿان ٿو اچي! منهنجو ڪو مطلب اهو نه آهي ته ڪو گهمڻ نه نڪرجي. ضرور نڪرجي (ڪو خاص اعتراض نه آهي) آئون فقط اهو سوچي رهيو آهيان ته هڙهڙي غربت جي دور ۾ به ڪن ڪن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پئسو ڏاڍو آهي. گهمڻ ڦرڻ، عمارتن مٿان عمارتون، رانديڪن جا ميدا، ڇپرون ۽ گلڪاريون ڏسي ائين لڳندو آهي جڻ هنن وٽ ڪا پئسي ناهڻ جي منٽنگ (*Minting*) مشين آهي. جيتوڻيڪ آئون نٿو سمجهان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تہ ملڪ ۾ ايترو پئسو آهي جو موري ۽ دادوءَ وچ ۾ پل ٺهي سگهي. هالا، پاٽ، ڪنڊيارو، ڳڙهي ياسين جي اسپتالن ۾ ڪُجهہ دوائون اچي سهگن. سنجهورو، راڌڻ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جي پرائمري اسڪولن ۾ ٻارن جي ويهڻ لاءِ بينچون ٺهي سگهن.

جهازين (*Sailors*) جا ٽي ڊبليو (*W*) مشهور آهن: *World,* *Wine and Women* (دنيا، عورت ۽ شراب).

جيتوڻيڪ پوين ٻہ شين اسان جي پاڪستاني (*Sailors*) سان گهٽ لاڳو نہ آهن: جن جو سبب مذهبي رڪاوٽون، پاڪستان جهازران ڪمپنين جي قاعدن جي سختي، جهاز جو ماحول ۽ معاشي حالتون آهن. پر ان هوندي بہ اسان جا ڪيترا شهزادا ٽڙندا رهندا آهن. ٽاڀڙندا رهندا آهن ۽ ايمان جي ڪچي گهر جي پٽين ۾ سيرون پونديون رهنديون آهن. ڪي تہ خاص انهن ٽن ڊبليوئن لاءِ هيءَ نوڪري پسند ڪن ٿا. خاص ڪري يورپ ۽ آمريڪا جا جهازي (*Sailors*) انهن ڳالهين ڪان ڪافي بدنام آهن ۽ انهن ملڪن جي ناولن ۽ فلمن ۾ پڻ سيلر ڪي چڱو بدنام ڪيو ويو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. پوءِ هاڻ ڪٽي ڪو پاڻ کي ڪيترو به معتبر رکي پر نالو جو بدنام ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ماڻهن تي جهازين (*Sailors*) جو سٺو اثر ويٺل ناهي. ان ڪري ڪنهن به ڏارئين سان ملڻ وقت هميشه اهو خيال رهي ٿو ته ڪٽي هن تي خراب اثر ته نه ويٺل آهي. جيئن اسان وٽ پي ڊبليو ڊي ۽ روينيو کاتو معنيٰ ’اڪثر آفيسر رشوت خور‘ سمجهيا وڃن ٿا پوءِ کٽي ڪير نه به هُجي ته به اثر ته خراب ويٺل آهي. جپان ۾ هڪ هوٽل ۾ اسان جي جهاز جو سيڪنڊ آفيسر ۽ ٿرڊ انجنيئر ڪافي پي رهيا هُئا ته پر واري ٽيبل تي به ڪاليج جون جپاني ڇوڪريون اچي ويٺيون ۽ ڪين ڏارئين ملڪن مان آيل ڏسي ڪائن پاڪستان بابت خبرون پُڇڻ لڳيون ۽ ڳالهين ڪندي هڪ اوچتو پُڇيو:

*“Are you Sailors?”*

”نو“ سيڪنڊ آفيسر معصوم صورت ٺاهي چيو ”وي آر گُڊ سيلرس“ (*We are good Sailors*) يعني جهازي آهيون پر اهي نه آهيون جيڪو اسان بابت ماڻهن جو رايو آهي..



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

(هاڻ جهاز تي انهن جو نالو ئي ”گُڊ سيلرس“ پئجي ويو آهي.)
سو انهي قسم جي جرم جو احساس اڪثر سيني جهازين کي رهي ٿو ـ خاص ڪري جپان، هانگ ڪانگ، سنگاپور، انگلنڊ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ (*Sailors*) کي سُني نظرن سان نٿو ڏٺو وڃي. سڀني ملڪ ۾ ته نه پر خاص ڪري انهن ملڪن جي وڏن بندرگاهن ۾. اهڙن هنڌن تي شرابخانا، ڪلب، بار هوٽلون، ناچ گهر، مساج گهر، هر قسم جون عورتون جام ملنديون ۽ ڪيترا لاپرواهه جهازي ناسمجهيءَ ۾ پنهنجي صحت خراب ڪري وهندا آهن ۽ هو ٻاهر جي رونق ۽ ڏيک جي ڄارَ ۾ ڦاسي، باد فرنگ (*Syphilis*) ۽ پرميل (*Gonorrhoea*) جهڙين خطرناڪ بيمارين جو شڪار ٿي پوندا آهن.

بار گرلس يا وئيشيا جو آسان نشانو (*Sailors*) هوندو آهي. هو هن جو ٻٽون ڳرو ڏسي پر وٺنديون آهن ۽ اسان جو متين موڙهيل ’هيرو‘ ان چال کي انهن جي سچائي ۽ قرب سمجهي فدا پيو ٿيندو آهي. پوءِ هر بندرگاهه ۾ جهاز جي ’ڊيوٽي ـ ميس‘ اهڙن قصن ٻُڌڻ جو مرڪز هوندي آهي، جتي روز نيون نيون خبرون (مرچن مسالن ۽ چٽڻيءَ سان گڏُ) ٻڌايون وينديون آهن.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان جي جهاز جو فورٽ انجنيئر شڪيل بہ (سندس نالو تہ پيو آهي پر پين ڪيترن نالن وانگر سندس نالو بہ هتي بدلائي پيو لکان)، ڪولمبو ۾ پهچڻ سان سندس ساهيڙيءَ (جنهن سان سندس ملاقات هتي جي هڪ هوٽل شنورا ۾ ٿي)، جو جيسين روزانو ذڪر ۽ تعريف نٿو ڪري تيسين سندس کاڌو هضم نٿو ٿئي، پاڻ هتي ڪولمبو ۾ اڳ بہ ڪيترا دفعا اچي چڪو آهي. جهاز اچا سلون جي ساموندي حد ۾ ئي نہ گهڙيو هو تہ سندس زبان تي (*Shinora*) هوٽل جي تسبي هُئي. پهرين ڏينهن ئي پاڻ سان ڪجهہ مُريد وٺي اتي پهتو ۽ جنهن نموني سان ان شنورا بار جي (*Definition*) وصف پئي ٻڌائين، ان مان مون اندازو لڳايو تہ اهو هڪ اوپيرا هائوس *Opera House* يا ٿيئٽر نموني جي هوٽل آهي جتي آرٽسٽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪن ٿا ۽ تمام سُٺي قسم جي ٽيسٽ جا ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا. جيئن آسٽريليا، روس، مصر ۽ يورپ جي ڪيترن ٿيئٽرن ۾ (*WalTz*) (موزورٽ، بيٿوون وغيره جي ميوزڪ پئي هلندي آهي) يا اوپيرا ۽ بيلي ڊانسز هلن، جي عام ماڻهن کي نہ سمجهہ ۾ اچن ۽ نہ مزو ڏين.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ رات مظهر جهاز تي مشغول هو. آئون اڪيلو بور پئي ٿيس سو فلم تي هليو ويس. فلم تان نڪتس ته متئين فورٿ انجنيئر شڪيل تي نظر پئي. خوش ٿيس ته هو به اڪيلو آهي. مون کي جوڙُ ملي ويو ۽ گڏجي ڪنهن هوٽل ۾ ماني کائي هڪ ئي ٽئڪسيءَ ۾ جهاز تي هلنداسين. ڪانئس سندس چپيل پروگرام پڇيم (ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي معذرت سان) ڏاڍو شرمائي، لڄائي، موڙيل جهوريل لفظن ۾ پنهنجي منشا ٻڌائين ته هو پنهنجي دلرُبا، ماه لقا، چند آفتاب چند مهتاب، حسن ۾ لاجواب (ڇا ڳالهه ڪجي!) سلوني ساهيڙيءَ سان شنورا ۾ ملڻ تو وڃي، جتي هوءِ روز ايندي آهي. مطلب ته ٻين لفظن ۾ هو مون کي ڪمپني نه ڏئي سگهندو ۽ آئون اهڙي ايمرجنسيءَ ۾ ٻيو فلم جو شو ڏسي سگهان ٿو. مون فلم شو ڏسڻ لاءِ بوريلا جي لڊو سئنيما ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيو.

فلم شروع ٿيڻ ۾ ڪي ٿورا منٽ هُئا. ٽئڪسيءَ وارا ان مجبوريءَ مان فائدو وٺڻ لڳا ۽ ميٽر تي هلڻ بدران منهن گهُريو ڀاڙو گهُرڻ لڳا (جيتوڻيڪ سلون جي ٽئڪسين جو ميٽر ٽئڪسيءَ جي انجڻ کان به تکو ڊوڙي ٿو). سئنيما ڪافي پري هُئي (يا ميٽر تي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هلڻ جي ضد ۾ ٽئڪسيءَ وارو ’ڪيچين جي وچڻ‘ جو رستو جاٽندي بہ ڪولمبو جي باقي ويهن واٽن تي ٽئڪسي ڊوڙائڻ لڳو) بهرحال گهٽي ڊيگهہ ڪرڻ بدران، حاصل مطلب هي تہ سئنيما پهچڻ تي معلوم ٿيو تہ فلم شروع ٿي وئي آهي (۽ ان فلم جو هيرو صاحب هڪ خوشيءَ جو، هڪ ڏک جو هڪ انتظار جو ۽ هڪ عدد وچوڙي جو گانو ڳائي چڪو آهي) سو فلم لاءِ لهڻ غلط هو. ٽئڪسيءَ کي ڇڏڻ ان ڪان وڌيڪ غلط ڪم هو جو چوڌاري ۽ ڏُور ڏُور ڪابہ ٽئڪسي، لاري رڪشا يا سائيڪل نظر ڪانہ پئي آئي.

بس جي انتظار ۾ بيٺل سلوني ماٺهن جي وچ ۾ جهاز جو اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ ريڊيو آفيسر ڪنَ ڪڍيو بيٺا هئا. ڪين مون ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ لاءِ چيو ۽ ويهڻ سان ڊرائيور ڪان ماچيس وٺي ريڊيو آفيسر سگريٽ ڌکايو ۽ اليڪٽريڪل انجنيئر ان وساميل تيليءَ سان ڪن کوٽيندي ٻڌايو تہ هنن جو شنورا۔ بار ۾ وچڻ جو پروگرام آهي.

”آئون جي ڪواب ۾ هڏي نہ ٿيان تہ آئون بہ توهان سان هلان؟“ مون پُڇيومان ۽ هلڻ لڳس.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنهن گهاٽي باغ جي وچ ۾ اها هوٽل هُئي. رات جو وقت هو. اونداهہ ۾ چڱيءَ طرح خبر نٿي پئي تہ باغ آهي يا ڪو ٻيلو. آس پاس ۾ ڪي ٻيون عمارتون نظر ڪونہ ٿي آيون. ٽئڪسيءَ مان لٿاسين. هوٽل جي در وٽ هڪ همراهہ جهيڻي روشنيءَ ۾ (جيڪا رومانٽڪ گهٽ پر ٿاٻا ڪارائيندڙ وڌيڪ ٿي لڳي)، داخلا جون ٽڪيٽون وڪڻي رهيو هو. سندس پر ۾ هڪ وڏي عمر واري ٿلهي عورت اسڪرٽ ۾ ويٺي هُئي. هن تندي الهيار جي موالين وانگر سگريٽ جا ڊگها ڪش پئي هنيا. هوءَ ان هوٽل جي شايد مالڪ، مئنيجر، دادا يا ڪا ٻي اهم شخصيت ٿي لڳي. تامل ۽ مليالم زبانن جي فلمن ۾ ڏيکاريل ماٿيلي ماءُ وانگر خوفناڪ ۽ ظالم پڻ لڳي رهي هُئي. آءٌ علي بابا وانگر جهاز جي مٿين همراهن (چاليهہ چورن) سان گڏُ سندن غار ۾ ('کُلي وڃُ سم سم' چوڻ بدران پنج پنج روپيا ٽڪيٽ جا ڏيندو) اندر ويس، جتي سندن هيرا جواهر ۽ ملڪيت رکيل هُئي جن کي هو روز پسڻ ويندا هُئا.

اندر گهڙڻ سان مختلف برانڊن جي سگريٽن جو دونهون، ولايتي ۽ ديسي شراب جي مليل جُليل ڌپ ۽ سستي قسم جي ميڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اپ جي خوشبوءِ نڪ جي ناسن ۾ گهڙي وئي. پتين سان لاڳو رکيل ڪوچن تي يوناني، جرمن، نارويجن، آمريڪن ۽ آفريڪن شيدي ۽ بين ملڪن جا ماڻهو نظر اچي رهيا هُئا. جن ۾ گهڻا جهازي (Sailors) تي ڏٺا. سندن پر پاسن ۾ ڪاريون سلوني ڇوڪريون انهن سان گڏُ شراب به پي رهيون هيون ۽ ڳالهه ڳالهه تي بناوٽي ٽهڪ به ڏئي رهيون هيون. عمر ۾ ڪي خاص ننڍيون ڪونه ٿي لڳيون. گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه پنجٽيهه جي سن جون ٿينديون. پر افسوس (Sailors) جي اها پئٽنٽ غلطي (يا ڪمزوري) ته پوڙهيءَ کي به هو ڇوڪري سمجهندو آهي ۽ هتي شنورا جي جهيٽي ۽ ڇُنجهي روشنيءَ ۾ ته هو واقعي ايتريون پوڙهيون نه ٿي لڳيون ۽ ننڍين نيٽين ڇوڪرين وانگر نخرا ڪري رهيون هيون. ڪُجهه اهڙو ئي ڪوجهين ڇوڪرين جو سانڌاٽو (آچار) اندر هال جي وچ ۾ ڪن ڦاڙ ميوزڪ (جا ميوزڪ گهٽ، گوڙ وڌيڪ ٿي لڳي) غلط سلط ڊانس ڪري رهيون هيون. اليڪٽريڪل انجنيئر کي آهستي چيم ته: 'يار ڪا خاص لئه ته ڪانهي، هتي'. هن مون ڏي ڏسڻ بدران، پمپ وٽ بينل ڇوڪريءَ کي ڇڪيندي چيو:

"سيڪنڊ صاحب! مجنون جي اک سان ڏسو"



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڪمال آهي“ مون ريڊيو آفيسر ڏي منهن ڪندي چيو ”مجنون جي اک نہ ٿي، گرين وچ آبزورٽري جي اسٽينڊرڊ دوربين ٿي.“

هڪ ڪنڊ ۾ اسان جو فورٿ انجنيئر شڪيل هڪ ڪاري ڇوڪريءَ کي ڀاڪر پائي ديسي بيئر (*Arrack*) جون چسڪيون ڀري رهيو هو تہ ٽريل ڪاڇا بہ ڪائي رهيو هو. اسان کي اوچتو طلسمي ديون وانگر سامهون بيٺل ڏسي ٿورو شڪيو ٿورو شرمايو ۽ ٿورو ڀاڪر کي ڍرو ڪيو. ڪيس بور ڪرڻ لاءِ مون ڪيس آفيس طرفان تازو آيل (*Fleet Order*) پنجابيءَ ۾ ٻڌايو تہ جهاز جي ڪنهن بہ آفيسر کي ڌارين ملڪ جي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ سان نہ تہ شادي ڪرڻي آهي ۽ نہ ئي وري ان کي ان بابت ڪو ڏنو ڏيڻو آهي.

”نہ نہ!“ هن ڦڪائيءَ جي ڪل ڪلندي چيو ”سيڪنڊ صاحب! اهڙي ڳالهہ ڪانهي، ائين وقت پاس ڪرڻ لاءِ.“

”پر تنهنجي هتي جي گرل فرينڊ ڪٿي آهي، جنهن جي ساراهہ ۾ تنهنجو ساهہ ويندو آهي؟“

لڄائجي چيائين، ”هيءَ ئي تہ آهي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هن اسان کي ”هيلو“ چئي ڪيڪاريو ۽ پوءِ بيئر جي بوتل ٽيبل تي رکي، ٽيبل پُٺيان نڪري وئي، باٿ روم طرف رواني ٿي وئي. ڪيس ڪارو ڊگهو ۽ بيڊولو اسڪرٽ پيل هو (يا ٿي سگهي ٿو ته ان بيڊولائيءَ ۾ درزيءَ جو ڏوهه نه هُجي پر سندس جسم ئي اهڙو هُجي.) اسڪرٽ جي وچ ۾ ريشمي اڇي ڪپڙي جو پٽو هو. جهونجهاڪڙي ۽ ڪاري رنگ جي ڪپڙي ۾ پنيري پري ڪان ائين لڳي رهي هُئي جڻُ فقط اڇو پٽو هُجيس. تعجب مان شڪيل کي چيم ته، ”هيءَ آهي تنهنجي ڪولمبو جي ساهيڙي، جنهن جي تعريف ۾ به اڌ پيو ٽيندو آهين ـــ“

”هيءَ ماٺهو نه پر چمڙو ٿي لڳي“ شڪيل جي جواب بدران ريڊيو آفيسر وراڻيو ”گهر ۾ مائٽ ڪٽ تي ته سمهڻ نه ڏيندا هوندس. ڪوٽ جي هينگر ۾ ابتي ٿي چمڙي وانگر سُمهندي هوندي.“

اسان اڳتي اندر هال ۾ گهڙياسين ته اسان تي نظر پوڻ سان ڪنڊ ۾ بيٺل ڇهه ست وانديون ڇوڪريون، ”هيلو“ ڪندي اسان ڏي ڊوڙيون. هڪ جانني جسم جي، قد جي لحاظ کان سڀ ۾ ڊگهي، مون کي بيلاڊونا پلستر وانگر چهٽي وئي ۽ چڪي ڊانسنگ فلور تي وٺي آئي. ميوزڪ ته خبر ناهي ڪهڙي هُئي، رمبا سمبا يا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

فاڪستريٽ پئي هلي، پر هُن مونکي وچ فلور تي ائين وٺي پاڪر ۾ گول ڦيرايو جيئن ڊرل مشين جو ساڪيٽ ڊرل کي سوگهو جهلي گول ڦيرائيندو آهي يا ليٿ مشين جي چَڪَ ۾ جاب (*Job*) ڦرندو آهي.

سندس سڄو منهن اڊنگي نموني جي ميڪ اپ سان ٿپيل هو. اجان بہ ڪٽي چئجي تہ پينٽ ٿيل هو. سستي قسم جو عطر سخاوت سان سندس ڪپڙن ۽ بدن تي ڇڙڪيل هو پر ان هوندي بہ ايترو سارو عطر ان حقيقت کي لڪائي نہ سگهيو تہ هوءَ ٿوري دير اڳ ککي مڇي کائي آئي آهي. (نوريءَ جهڙي پاڻ تہ سهڻي هُئي ڪانہ ۽ نہ وري کو آءٌ جامُ تماچي هوس جو ککي ڌپ برداشت ڪري سگهان.) ٿوري دير بعد مون باٿ روم وڃڻ جو بهانو ڪري ڪانئس جان آجي ڪرائي ۽ پوءِ پٺ جو پيرُ ڏئي هال کان ٻاهر پوئين وراندي ۾ وڃي نڪتس، جتي ڪُجهہ ٻيون بہ ڇوڪريون سگريٽن جا سوٽا هڻي رهيون هيون. منهنجي لنگهڻ تي هرهڪ ناز سان ”هيلو“ چئي پاڻ ڏي توجهہ ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. منجهان، مون کي ڪا رتي برابر سونهن بہ نظر نہ آئي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

حال جي پوئين وراندي مان ڦري ساڳئي گيٽ وٽان ٻاهر نڪتس. تامل ۽ مليالم فلمن جي ماٺيلي ماءُ وري جهُڪي ڪيڪاريو. ٻاهر ڪيترين بيٺل ٽئڪسين مان هڪ ۾ اچي چڙهيس ۽ ڪيس هوٽل انٽرڪانٽيننٽل هلڻ لاءِ چيم. هو گال فيس روڊ وٺي فورٽ (*Fort*) طرف هلڻ لڳو. اڌ رستي تي ياد آيو ته غلطي ڪيم پاڙو اڳ ۾ طي ڪيان ها، هاڻ ابتي ڪل لاهيندو. تير ڪمان مان ته نڪري چُڪو هو پر پڇيومانس ته ڪيترا پيسا وٺندين.

”سائين تيرهن روپيا ڪٽي ڏجو.“

”فورٽ آهي ئي ڪيترو پري؟ ميل به ته نه ٿيندو؟!“

”سائين! سلون ۾ تيل يارهين روپئي گئلن آهي“

”ته تنهنجي گاڏي گئلن ۾ ميل تي هلي ڇا؟ توهان ٽئڪسين وارا ڏاڍو ڦُريو ٿا“.

”سائين ڦُرين ته اهي چوريون ٿيون. اسان کي ته ٻه ٻه ڪلاڪ شنورا بار جي ٻاهر انتظار ڪرڻو ٿو پوي، تڏهن ڪو مس پاڙو ملي ٿو. ڏينهن رات نوڪري ڪرڻ بعد اتي لاءِ پئسا ڪي مس ٿا بچن. سلون ۾ عيش ته انهن رنڊين جو آهي، جي مفت ۾ ڪائين پيئن، ان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪان سواءِ چند ڪلاڪ سمهڻ جا الڳ پئسا.“ هو چوندو ويو ۽ پوءِ ٿوري ساعت ترسي آرسيءَ مان مون کي پنيان ڏسي پُڇڻ لڳو:

”توهان شايد ٻاهرين ڪنهن ملڪ جا بزنيس مئن آهيو؟“

”نہ، آئون جهاز جو انجنيئر آهيان.“

”تہ پوءِ توهان جهڙي ماڻهوءَ کي اهڙين وٽ وڃڻ نہ کپي. آئون هڪ بہ پرائيويٽ سُچاڻان، جي ڪٽي سمجهيو تہ سڄي ڪولمبو جي ڪير جي ملائي آهن. توهان جهڙن فارينرس يا پنهنجي ملڪ جي آفيسرن ڪان سواءِ ڪنهن بي کي تہ ڪنگهن بہ ڪونہ. هڪ تہ پورن سورهن سالن جي آهي، بيحد سيڪسي آهي، نالو اٿس.......“

هو حجامن وانگر لڳاتار ڳالهائيندو رهيو. ٽئڪسي فورٽ جي ويجهو اچي پهتي هُئي ۽ هاڻ هندي وڏي سمنڊ جو ڪنارو وٺي هلي رهي هُئي. پري پري تائين اونداهو ڪنارو ۽ ڪارو سمنڊ ڏسڻ ۾ پئي آيو جنهن جي ڇولين جي اڇي گجي ڪناري طرف وڌندي رهي ٿي. رکي رکي لائيٽ هائوس جي روشني ڇوڏاري ڦيرو ڪائي وئي ٿي. ڇولين جي ڇپڪي ۽ ٽئڪسيءَ جي دريءَ جي سيرُن مان گهڙي ايندڙ تکي هوا محسوس ڪري اندازو لڳايم تہ سمنڊ ڏاڍو خراب ٿيندو وڃي، جيڪي جهاز اڄ رات لنگر ڪٽندا يا هيڏانهن



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اڇي رهيا هوندا، يا هتان لنگهي رهيا هوندا انهن ويچارن سان حالت هوندي. ٽئڪسيءَ جي اوچتي بريڪ تي خيال ٽُٽا، ڊرائيور جي اڻ ختم ٽيندڙ ڳالهه جاري هُئي. ڪولمبو انٽرڪانٽينينٽل هوٽل جي رنگين يونيفارم پهريل بيري ٽئڪسيءَ جو دروازو کوليو. پئي بئري هوٽل جو اسپرنگن وارو درُ کولي مون کي اندر گهڙڻ ڏنو.

ڊائننگ هال جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺس. بيري کي لئمب استيڪ ۽ اسپاگهيٽي آڻڻ لاءِ چيم. (بلڪ ان خود اهو آڻڻ لاءِ چيو جو شايد هميشه وانگر هتي جي سويڊش ۽ جرمن بورچن پين ڊشن کي ڪچويا وڏيڪ ڦڪو ڪري ڇڏيو هو.) جيسين بئرو ماني کڻي اچي تيسين چوڏاري تازو هن سال نهيل هن هوٽل جو جائزو وٺڻ لڳس. رنگين درن، ديوارن، بئرن، بار بئائز ۽ روم بئائز جا يونيفارم ڏسڻ لڳس. غلط ۽ ترڙن رنگن جي باوجود به وڻي رهيا هُئا. هلڪي ميوزڪ وڄي رهي هُئي. چوڏاري رنگين ماڻهن مان اعليٰ قسم جي ڊيوڊورنٽ ۽ عطرن جي خوشبوءِ اچي رهي هُئي. رکي رکي ڪڏهن ڪنهن ٽيبل تان هلڪا خوشيءَ ڀريل ٽهڪ ٻُڌڻ ۾ پئي آيا. بئرو يورپين نموني سان نئپڪن ۾ ڪوڪا ڪولا رکي ڪاڌو سرو ڪرڻ لڳو. آئون سوچڻ لڳس ته ڪولمبو جا ڪيترا ته مختلف روپ آهن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻاهر جي دنيا هن ننيڙڙي هوٽل جي دنيا کان ڪيتري نه مختلف آهي جيڪي ٻاهران آيل مسافر چند گهڙين لاءِ ڪولمبو جي هن هوٽل ۾ ترسي ويندا هوندا سي نه چوندا هوندا ته سلون ۾ ڪا غربت نه آهي، ڪا بُک نه آهي، ڪو ڏک نه آهي.

اڄُ مان ڪولمبو ۾ هڪ ٻت اڳيان بيٺو آهيان. منجهيل ڌاڳن وانگر ڪجهه تاثرات منهنجي دماغ جي پڙدي تي ايرن ٿا. جن کي افسوس جو آئون باوجود ڪوشش جي سلجهائي نه ٿو سگهان.

هڪ پوڙهو سلوني منهنجي پرسان بيهي هٿَ ٻڌي ان پٿر ٻُت اڳيان ڪجهه پرارٿنا ڪري ٿو. ختم ڪرڻ تي مان ڪائنس پڇان ٿو:

”هن مٿيءَ جي ٻُت کي ڪهڙي محمود غزنويءَ ڀڳو آهي؟“

”شاگرد“. ٿڌو ساهه کڻي هُن وراڻيو. ”اڄُ جو شاگرد اسٽرائيڪ ڪرڻ وقت ديوتائن مان به نه ٿو مُڙي. اڄُ جو شاگرد جو ذهن پيچَ ڊاهه ڏي مائل آهي. ان جو ثبوت بسن جا ڀڳل شيشا ۽ ڇٻا دَرَ دڪانن ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهرن جا سڙيل حصا، ڪيرايل اشتهاري بورڊ، پٿين تي ڪاري مَس سان ٺلهن اکرن ۾ نعرا ۽ گاريون لکيل آهن“.

”اڄ جو شاگرد *Destructive Minded* آهي ـ خاص ڪري اسان جهڙن غريب ملڪن جو.“ آئون سوچيان ٿو ته، ڇا تعليم ۽ استاد جي ڪا عزت ۽ ڊپُ نه رهيو آهي؟ ڪنهن رسالي ۾ لطيفو پڙهيو هوم ته اڳ اهڙو زمانو هو ته ڪي شاگرد ڪي پرنسپال جي آفيس ۾ ڏسبو هو ته سمجهبو هو ته شاگرد جو خير نه آهي، پر هاڻ ڪو شاگرد پرسنپال جي آفيس ۾ نظر اچي ٿو ته سمجهيو وڃي ته پرنسپال جو خير نه آهي.

اڄُ اڪيلو ئي اڪيلو ڪولمبو ۾ آئون بنا ڪنهن رٿيل يا ڪٿيل پروگرام جي هيڏانهن هوڏانهن شهر جي گهٽين ۾ ڦري رهيو آهيان.

ـ ڇا ڪولمبو جا رستا ۽ گهٽيون ڏسڻ ضروري آهن؟ خاص ڪري هڪ اهڙي ملڪ جي باشندي ڪي جيڪو خود به اهڙي ئي مشرقي ملڪ جو آهي؟ (دماغ ۾ هڪ اوچتو ۽ اجاتو اپريل سوال پر آئون ان هوندي به هن شهر جي هڪ گهٽيءَ مان لنگهي ٻيءَ ۾ وڃي رهيو آهيان. هڪ رستو ٽپي ٻي تي وڃي رهيو آهيان. هي مشرق



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. گهٽين ۾ بازارين ۾، رستن تي، توهان کي، مشرق جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي. مٽي، ڌُوڙ بيماري، پيٽ سُڄيل اگهاڙا ٻار فقير ۽ انگ اگهاڙيون پينو عورتون، گهوريئڙا، ڏوتا، ننڍا ننڍا پُراڻا دڪان ـ ۽ منجهن بي ترتيب نموني سان ڌُوڙ ۾ لٽيل سامان، ڪچرو ۽ مکيون ـ موڳيون ۽ ڍڪيل مکيون، جي ويهڻ بعد اٿڻ جو نالو نہ وٺن. مسجدن جا شهيد منارا، مندرن جون جهُريل چوُرس چٽيون، ويڪرا ۽ ڍلا ڪپڙا، ماڻهن جا ميڙ، سوڙهين گهٽين مان رکي رکي زور سان هارن وڄائيندڙيون ويندڙ گاڏيون، ڏار پيل عمارتون. هيڏانهن هوڏانهن وائڙن وانگر ڦرندڙ رول ڪتا ـ بيمار ڏبرا ۽ حد درجي جا پاڙي.

اهي شيون آهن جيڪي اسان مشرق جا رهاڪو مشرق ۾ رهي محسوس نہ ٿا ڪريون، پر مغربي سياح ڏسي فرق محسوس ڪن ٿا. ۽ ها، جتي ڪٿي، سوڙهين گهٽين جي نالن تي، ريل جي پٽيءَ جي لاڳو ۽ کليل ميدانن تي ٻار ۽ وڏا هنگندي نظر اچن ٿا. هي اسان جو ڪولمبو آهي. هي اسان جو سلون آهي. هي اسان جو مشرق آهي.

اسان جي پاڪستان ۽ هندستان وانگر هتي بہ هرڪا ڳالهہ علامتي (*Symbolic*) آهي. وٺن پوکڻ جو هفتو ـ اخبار ۾ فوٽو ايندو ڪو وزير گُلن جو هار پائي، ڪنهن خوبصورت وڻ جي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چڪي لڳائي رهيو آهي. (۽ ڪيترن کي خبر آهي تہ خيا ۽ پوري ڏيان نہ ملڻ ڪري ستر اسي سيڪڙو وڻ اخبار ۾ فوٽو ڇپجڻ کان اڳ سڙي وڃن ٿا.) ”ٻارن جو ڏينهن“ ـ اخبار جي پهري صفحي تي تصوير سان گڏُ خبر: ڪنهن وڏي شهر جو چيئرمين وڏي شهر جي وڏي اسڪول جي ٻارن ۾ تحفا ورهائي رهيو آهي ۽ ساڳئي اخبار جي پوئين صفحي تي اها خبر تہ شهر ۾ پاروٿو ميوو کائڻ ڪري ويهہ ٻار ڪالرا جو شڪار ۽ زهريلي کير پيئڻ ڪري فلاڻي ڳوٺ ۾ ٽي ٻار مري ويا . مليريا روڪ هفتوـ جنهن جا انگريزيءَ ۾ لکيل اشتهار اٽيڙهيل ڳوناٺن لاءِ ڳوٺن جي پٽين تي لڳل!

پوءِ جتي هر ڪم سمبالڪ (علامتي) آهي اتي ليبل هر شيءِ، هر جڳهہ، هر ماڻهو لاءِ ضروري ٻڌجيو وڃي.

شهر جي وچ مان ڪار وڃي رهي آهي. ڪار منجهہ لوفر قسم جا ڇوڪر، رستي تان لنگهندڙ عورتن کي چيڙائيندا وڃن. ڪار جي اڳيان ۽ پويان نمبر پليٽ مٿان خوبصورت وڏن اکرن ۾ M.P (ميمبر آف پارليامينٽ) يا ’فئملي پلاننگ ڊپارٽمينٽ‘ يا ’منسٽري آف فوڊ‘ جا اکر لکيل. يا وچ رستي تي غلط جڳهہ تي جيپ پارڪ ٿي پئي آهي. جيپ جي پويان وڏن اکرن ۾ $DC$ لکيو پيو آهي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هڪ گهر جي در تي لڳل وڏي بورڊ تي لکيل (House of S.D.M) ۽ گهر جي اڳيان غير قانوني طور وڌايل گئراج (انڪروچمينٽ!)

منهنجا ياءُ! هي فقط ڪولمبو يا سلون جي ڪهاڻي نه آهي. هيءَ پنهنجي وطن جي پڻ ڪهاڻي آهي ۽ ايشيا جي ٻين ڪيترن ملڪن ويندي هندستان، ملائيشيا، انڊونيشيا، برما وغيره جي پڻ اها ڪهاڻي آهي. هڪ ٻن سلوني دوستن سان مٿين ڳالهين تي بحث ڪيم ته هنن ڪٽي دل ۾ ڪيو. اسان ايشين ڪيڏو نه حساس آهيون! سچائيءَ کان منهن موڙيندڙ. اسان کي شُترمُرغ وانگر حقيقت کان لِڪڻ لاءِ واريءَ ۾ منهن لڪائڻ جي ڏاڍي عادت آهي.

اسان جي هتي ڪولمبو جي آفيس جو هڪ ڪلارڪ روزانو آفيس جي ڪم سانگي جهاز تي ايندو اهي. سندس پگهارُ ٻه سؤ ٽيهه روپيا آهي. پاڻ سان گڏُ آفيس جو هڪ پٽيوالو آڻيندو آهي، جو خاڪي ڦاٽلورديءَ ۾ پيرين اگهاڙو هوندو آهي ۽ ڪلارڪ صاحب جا فائيل کڻي هن جي پٺيان هلندو آهي.

آفيس جي ڪم بعد ڪلارڪ کان هيڏانهن هوڏانهن جون خبرون پُڇندو آهيان. سندس پيءُ ۽ چاچو واپاري آهن. پاڻ پنهنجي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪهاڻي وڏي تجسس سان ٻُڌائين تہ هو پيءُ ۽ چاچي وانگر ذري گهٽ واڍو ٿيڻ وارو هو. پر مئٽرڪ ۽ بي. اي پاس ڪري وڏي ڪوشش بعد سرڪاري آفيس ۾ نوڪري حاصل ڪري ورتائين. (هي اسان جا اسڪول ۽ ڪاليج ـ هي ڪلارڪ پيدا ڪرڻ جون فئڪٽريون! جن ۾ ڪنهن بہ قسم جي فني يا ٽيڪنيڪل تعليم نٿي ملي. ۽ هي انگريز جو اسان تي ظلم جن اسان جي دماغ ۾ اهو اُٿُ ويهاريو تہ اڇا ڪپڙا پائي گهٽ پگهار تي ڪلارڪ ٿيڻ بهتر آهي. واڍو، رازو، ويلڊر، مڪينڪ، مستري ٿيڻ عيب آهي.) يا شايد ننڍي ڪنڊ ۾ ذات سسٽم جي ڪري اسان جي دماغ ۾ اها ڳالهہ ويٺل آهي تہ جوتا پالش ڪرڻ ۽ چمڙي جو ڪم ڪرڻ وارو گهٽ ذات شودر آهي ۽ ان کي شودر ئي رهڻ کپي. جپان، آمريڪا يا يورپ جي وڏين آفيسن ۾ تہ فائيل کڻڻ يا ڪرسي سيري ڏيڻ يا چانهہ پيارڻ لاءِ بہ ڪو نوڪر يا پٽيوالو نہ هوندو آهي. وڏي ڪان وڏو صاحب بہ گهران آندل ٿرماس مان چانهہ پاڻهي ڪڍي پيئندو آهي. پر اسان وٽ وڏ ماڻهپي ڏيکارڻ جا نرالا ماپا آهن ۽ انهن ماپن مطابق ڪلارڪ جو ڪم ٽيهہ سال کن فقط پين کي ڪاغذ تي ڏڪڻ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. ڏهن ڪاغذن تي مشتمل فائل ڪٽڻ پٽيوالي جو ڪم آهي.
پٽيوالي جو ڪم ڪلارڪ ڪيئن ڪري سگهندو!؟

*"…And do thy duty, even if it be humble rather than an other's even if it be great.*

*To die in one's duty is life, to live in an other's is death."*

هيءَ گيتا آهي. جنهن ذات سسٽم جو سبق شيڪسپيئر جي (*Ulysses*) کان به پندرنهن سؤ سال اڳ ڏنو.

*"When unrighteous disorder prevails, the woman sin and are impure, and when woman are not pure, Krishna, there is disorder of castes, social confusion."*

اها پڻ گيتا آهي. ان مطابق، خاص ڪري ذڪر هندستان ۾ سلون ۾ ذات پات جو ڪو وڳوڙ ناهي، ڪو به سماجي گهمسان ناهي.
ڪلارڪ ڪلارڪ جو ڪم ڪري ٿو صاحب صاحب جو ۽



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پٽيوالو پٽيوالو رهي ٿو. صاحب چاهي مري پوي پر پٽيوالي جو ڪم يعني اڌ پاءُ وزن جو فائيل نہ کڻندو.

پاڻ وٽ سنڌ ۾ برهمڻ وانگر سيد کي مٿاهون درجو حاصل آهي يعني سيد ڪٽي خراب ڪم ڪري تہ بہ پاڪ پوتر ۽ جنت جي ڪنجي ان جي هٿ ۾ ۽ ڪو اُمتي غريب ڪيڏو بہ پاڪ صاف رهي چڱا ڪم ڪري تہ بہ گهٽ درجي وارو- پٽ تي ويهڻ ۽ هر وقت سر جهُڪائڻ وارو. جيتوڻيڪ اسلام تہ اهو ئي چوي ٿو تہ الله جي نظر ۾ اهو ئي ويجهو ۽ بهتر انسان آهي جيڪو وڌيڪ نيڪي ڪري ٿو. چڱا ڪم ڪري ٿو - تہ پوءِ هي مسلمانن ۾ سيد مٿي ۽ ميمڻ، متقي، چانديو جتوئي، ڦلپوٽو هيٺائون ڪيئن؟ چا ڪٿي اهو گيتا جو اثر آهي هن سڄي برصغير تي - يا انگريز اهي درجا سيکاري ويا. چڱيءَ طرح پنهنجي ڪالوني قائم رکڻ لاءِ ۽ آساني سان حڪومت ڪرڻ لاءِ.

هڪ ڏينهن مٿيون پنجويهن سالن جو جوان سلوني ڪلارڪ مون وٽ آيو. ساڻس گڏ سندس هم عمر هڪ ٻيو بہ ڇوڪرو هو. وار


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪنڊريل ۽ چيڙهہ لڱل. ڏاڙهي وڌيل. چمپل اڊڙيل ۽ ڇڱل. نالو ’وجي‘ ٻڌائين.

جهاز گهمائڻ ۽ مون سان ملائڻ لاءِ ڪيس سنڌس دوست ڪلارڪ وٺي آيو هو ۽ مون سان فري هجڻ جي پريل هام پوري ڪرڻ لاءِ ان ڏينهن مون سان حجت سان ڳالهائڻ لڳو.

ريفريجريٽر کولي سيون اپ جا ڊٻا ڪولڻ لڳو. مون سان سنڌس دوست جو تعارف پنهنجي سلوني نموني جي تڪي ۽ اڌ اڪري انگريزي ۾ ڪرائين:

”سر! سر! هي وجي آهي نہ، تمام سنو شاعر آهي.“ ۽ پوءِ مون ڏي رڙهي راز واري لهجي ۾ چيائين:

*“He is a great drinker. Too much whisky”* (ڏاڍو شراب ٿو پيئي)

يعني اها هن جي شاعر هجڻ جي ثابتي آهي تہ شراپ پيئي ٿو. مون هن ڏي نهاري طنزيہ مسڪرايو ۽ دل ۾ سوچيو تہ اسان جي ملڪ پاڪستان، هندستان يا سلون ۾ شاعر يا فنڪار لاءِ اهو ڇو لازمي سمجهيو وڃي ٿو تہ هو شرابي (*Alcoholic*) ۽ غمگين ضرور هُجي. هن جا حال افعال ٻچڙا هُجن.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هتي هڪ وڏيري ٽائيپ شخصيت سان مليس. سندس گهر جي بيڊ روم توڙي ڊرائينگ روم ايئرڪنڊيشن آهي. جنهن ۾ ان وقت هو هڪ آرامده ڪوچ تي نئڙي چڪن سوپ پي رهيو هو. نوڪر پيالو خالي ٿيڻ جي انتظار ۾ با ادب بيٺو هو. ٻيو نوڪر سندس ٽنگن کي زور ڏئي رهيو هو.

پاڻ صاحب موصوف سمورو وقت ڪميونزم ۽ سوشلزم جي حمايت ۾ ڳالهائيندو رهيو. ڪيس اها ئي هڪ تمنا هُئي ته ايندڙ اليڪشن ۾ کيس حڪومت ۾ فقط ڪا اهم پوزيشن ملي ته پوءِ ملڪ کي ڪيئن نه ٿو ٺاهي.

”ڏس،“ هن مون کي ٻُڌايو ”مائوءَ سوشلزم ذريعي ڪيئن ملڪ کي ٺاهي چڙهيو آهي. تون ته چين ۾ رهي آيو آهين. ڇا سوشلزم سُٺي شيءِ ناهي.“

”بلڪل سٺي شيءِ آهي.“ با ادب نوڪر وانگر ڪنڌ ڌوڻي مون به ها ڪئي. دل ۾ سوچيم ته مائوءَ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ چڪن سوپ پيئندي ۽ نوڪر کان زور ڏياريندي، ملڪ جي حالت


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نہ بدلائي هُئي. سندس ٽيبل تي مائوءَ جا لکيل چارٽي واليوم ۽ ڪُجهہ ٻيا ڪتابڙا ۽ داس ڪيپيٽال وغيره سينگاريل هُئا. پاسي کان ولائتي شراب جون بوتلون ۽ سگريٽ جا پاڪيٽ رکيا هُئا. ڀت تي پلي بئاءِ رسالي جي وچ مان نڪتل (ٽيويهہ انچ ڊيگهہ ۽ يارهن انچ ويڪر واري) اگهاڙي تصوير لڳل هُئي. مون کي پڪ آهي تہ هن، هنن ڪتابن مان ڪو هڪ بہ نہ پڙهيو هوندو ۽ اهي فقط سينگار لاءِ رکيل هُئا. منهنجو خبر ناهي ڇو ساهہ گهُٽجي رهيو هو. مون کي شنگهائيءَ ۾ هڪ هنڌ ڀت تي وڏن اکرن ۾ لکيل چيئرمئن مائوءَ جو قول ياد آيو:

*"Everyone should do the manual labour also to rid the mind of any idea of class superiority."*

چين جي هڪ ٻئي شهر دئرين ۾ هڪ هنڌ مائوءَ جو لکيل هڪ ٻيو قول ياد آيو اٿم:

*"A good comrade is one who is more eager to go where the difficulties are greater."*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مٿين شخصيت هر وقت ’مائو مائو‘ ڪري رهيو هو. مون سان گڏ جيڪو سلوني دوست هتي جي اخبار ۾ ڪم ڪندڙ پڻ هليو هو تنهن ٻاهر نڪري مون کي چيو: ”آئون ته يار ڪيس چوڻ وارو هوس ته او مائوءَ جا دادلا مائو کي تنهنجي ڪمن جي خبر پوي ته سريلنڪا کي باقي امداد (AID) ڏيڻ ته بند ڪري پر ڏنل به واپس وٺي.“

سلون ۾ گهمڻ لاءِ ڪيترين ئي جڳهيون آهن. گهٽو ڪري ٻاهرين ملڪن جا سياح ڪولمبو ۾ اچي مائونٽ ليوينا تي ضرور وڃن ٿا جو ڪولمبو کي تمام ويجهو آهي جتي جون خوبصورت هوٽلون، سئمنگ پول، تانگها ڪنارا ۽ رومانوي نظارا ڏسڻ وٽان آهن.

هڪ ڏينهن شام جو گال فيس هوٽل ۾ چانهه پي رهيا هئاسين. هيءَ هتي جي مشهور ۽ پراڻي هوٽل آهي. آزاديءَ کان اڳ هن ۾ فقط گورن کي اچڻ جي اجازت هُئي. ڪارن ماڻهن ۽ ڪُتن جي داخلا تي بندش هُئي. پر اڄڪلهه ڪا جهل پل ناهي. البت سندس هڪ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڊانسنگ هال ۾ ليئو پاتم تہ انگريزي لباس ۾ انگريزن جي زماني جي با ادب ٻئري ڊڄي ڊڄي چيو:

”سائين هتي ڪوٽ ۽ ٽاءِ ۾ اچڻ جي اجازت آهي.“

مون ڪان ڪل نڪري وئي. پنهنجي جهازي ساٿي مظهر ڪي چيم تہ چرئي جو۔ ٻلڪ هوٽل جي انتظاميا جو دماغ خراب ٿيو آهي. زمانو الائي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪتو آهي. اهي انگريز ۽ گورا جن اهي دستور ٺاهيا ۽ جهنگ ۾ پڪنڪ ڪندا هُئا تڏهن بہ ڪوٽ ٽاءِ ۾، نئپڪن اڳيان رکي، ڪانٽي ڇُريءَ سان کائيندا هُئا، سي تہ اڄڪلهہ قدرتي لباس کي ترجيح ڏيندا وتن ۽ هر جڳهہ اگهاڙيون ڪالونيون (*Nude Colonies*) ٺاهيندا وتن ۽ هي انگريزن جي لڏي وڃڻ (يا ٽڙجي نڪرڻ) بعد بہ ٽاءِ ۽ ڪوٽ جي چڪر ۾ پيا آهن.

وري ليئوپائي ڏنم. ڪو هڪ اڌ شايد گورو هجي باقي هتي جا ڪارا ’صاحب‘ ڪوٽ ۽ ٽاءِ ۾، پگهر ۾ شل، اڻ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ڊچ برگر ۽ ائنگلو سلوني ڇوڪرين سان ڊانس ڪري رهيا هُئا۔ جن ڇوڪرين جي اسڪرٽن (ڀڙن) جي ڊيگهہ ۾ اشتعال انگيز تہ نہ پر حيرت انگيز گهٽتائي ضرور هُئي.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان سڄي هوٽل جو معائنو ڪندا اچي هڪ خالي ٽيبل تي ويناسين ۽ فرينچ فرائيز (پٽاٽا) ۽ چانهه گهُرائي پيٽ لڳاسين. ٽيبل چڱي وچوٽيءَ تي رکيل هئا ۽ ذري گهٽ سڀ پريل هُئا، جن تي گورا ٽوئرسٽ يا عرب ۽ ايشيا جي ملڪن جا واپاري ويٺل ٽي لڳا. خدمتگار نوڪر هتي جا ڪارا تامل ۽ سنهالي ڇوڪرا هُئا. ڏکڻ هندستان جي مشهور ميوزڪ ڪرناٽڪ وڄي رهي هُئي ۽ پُراڻي زماني جي لڳل لائوڊ اسپيڪرن جي ڦاٽل نڙگهُٽن مان ٽيندي اسان جي ڪنن تائين پهچي رهي هُئي. مظهر ۽ آئون چُپ چاپ هڪ ٻئي جي شڪل ڏسي خارون ڪائي رهيا هُئاسين. ٿوري دير بعد ٻه آمريڪن ڇوڪريون پيو ڪو ٽيبل خالي نه ڏسي اسان ڪان موڪل وٺي اسان جي ٽيبل سان باقي لڳل ٻن ڪرسين تي اچي ويٺيون ۽ يڪدم اسان سان گُفتگو ۾ لڳي ويون. پاڻ هچ - هائڪرس هيون. آمريڪا جي اسٽيٽ ’جارجيا‘ کان نڪتيون هيون. ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪنهن يوناني مال بردار جهاز ۾ پار ڪري اسپين جي بندرگاهه بارسيلونا (*Barcleona*) ۾ لٿيون، جتان بس، ٽئڪسين، ڪارن، ٽرڪن ۽ بين مفت جي سوارين ۾ لفٽ وٺنديون، گهمنديون ڦرنديون، فرانس، جرمني، چيڪوسلاويڪيا، آسٽريا، يوگيوسلاويه،


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ترڪي، ايران، افغانستان، پاڪستان ۽ هندستان ڪان ٿينديون هتي پهتيون هيون. هتان ان چڪر ۾ هيون ته سنگاپور پيٺ تائين ڪنهن جهاز ۾ مفت ۾ لفٽ ملي وڃي ته پوءِ اتان بس رستي، ’جوهور ڳچي سمنڊ‘ جي پل ٽپي ملائيشيا، ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا، لائوس ۽ برما وغيره به گهُمي سگهن. يا ڪٽي چئجي ته رلي سگهن.

پٺيءَسان ٻڌل ٿيلها (*Haver Sacks*) جنهن ۾ سفر جو نهايت مختصر سامان پيل هون، هيٺ لاهي آرام سان ويٺيون ۽ ٻئري ڪي بيئر جو آرڊر ڏنائون. مظهر ڪين ائين ڏسڻ لڳو جيئن اسڪول لئباريٽري ۾ ٽائٽريشن وقت هر ڦُڙي ڪرڻ وقت ٽيوب ڪي گهوري ڏسبو آهي ته ڪنهن وقت ٿو (*Solution*) جو رنگ تبديل ٿئي. مون ڪان به رهيو نه ٿيو سو پُڇي ويٺوسان ته جوان جون ٻچيون هيڏي وڏي مسافري اڪيلي سر ڪيئن لڳانوَ؟ چا ڊپُ به نه ٿيانوَ؟

هڪ جنهن ڪي ڪرمچي رنگ جي بيل باٽم پتلون (*Slacks*) ۽ گنجي پئي هُئي جنهن تي ٽڏي آسماني رنگ ۾ *Love not War* لکيل هو تنهن چيو:

”اسان (*Sex*) جي معاملي ۾ تمام آزاد خيال ۽ سخي آهيون ڳالهه ختم، بيو ڊپُ وري چاجو۔؟“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مظهر جا ڪنوارا ڪن شايد ان قسم جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نـ هُئا تنهن ڪان چرڪُ نڪري ويو پر پوءِ جلدي پنهنجو پاڻ کي معمول تي آڻي هنن جون ڳالهيون ائين تعجب ۽ مزي سان ٻڌڻ لڳو جيئن ميڊيڪل جا شاگرد جورس (*Jurisprudence*) جي پيرڊ ۾ ريپ (زوري زنا) تي ليڪچر ٻڌندا آهن.

ٻئي ڇوڪريون، مختلف ملڪن جي ڊرائيورن سان، سندن پيل واسطي ۽ جنسي تجربي جون ڳالهيون، بنان ڪنهن رک رکاءَ جي اسان کي ٻڌائڻ لڳيون. پٺاڻن ۽ يونانين کان سخت ناراض ٿي لڳيون. عرب ۽ تُرڪ ڊرائيورن جون تعريف ڪنديون رهيون. (خاص ڪري انهن ترڪ ڊرائيورن جي تعريف ڪيائون جن کين چرس جو پڻ چڱو مزو چکايو هو.) پاڻ ٻڌايون تـ کين وري ساڳئي رستي کان واپس وڃڻ جو ارادو آهي. مظهر نڪ شيڪيندي مون کي آهستي چيو: "ڇوريون آهن يا ڪُتيون!. هر ملڪ ۾ عصمت لُٽائينديون اچن. ڪا پرواهہ ئي ناهي!"

اسان کان پُڇڻ لڳيون تـ ڪهڙي ملڪ جا آهيون. جنهن جي ٻڌائڻ تي ٻي ڇوڪريءَ (جنهن کي فيروزي ۽ پيازي پٽن وارو اسڪرٽ هو) چيو تـ پاڪستان ۾ پشاور کان بهاولپور تائين ترڪ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

۾ ايندي ڊرائيور ۽ ڪلينر هنن سان تمام جهنگلين وارو ورتاءُ ڪيو. ان ڪان سواءِ ننڊ ۾ (بلڪ نشي جي حالت ۾ جڏهن هو بيخبر هيون) تہ سندن لاڪيٽ لاهي ورتو. شهر ۾ لاهڻ بدران گهٽو اڳ جهنگ ۾ لاهي ڇڏيو. ”شايد ان ڊپ ڪان تہ پوليس کي نہ ٻڌايون، اتان پوءِ بي ٽرڪ واري ڪنيوءِ سکر تائين اچي ڇڏيو.“

ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي جنهن ۾ چرس پيل هو ڇڪڻ لڳيون. سگريٽ جي چند سوٽن هڻڻ سان چرس جي ڌپ هوٽل جي پُر سحر ماحول کي جڻُ ڏنگي رکيو. سڀُ ماٿهو ڪُجهہ دير لاءِ بي چين ٿي هيڏانهن هوڏانهن منهن ڪري ڊگها ساهہ کٽي، نڪ کي موڙا ڏئي، ڏپيل ماحول سان صلح نامو ڪري وري پنهنجين پنهنجين پچارن ۾ لڳي ويا. هي جوانڙيون، نيپولين بونا پارٽ جون پڳ وارثياڻيون، ڪنهن جي بہ پرواه نہ ڪندي، سوٽن مٿان سوٽا هڻنديون رهيون ۽ بيئر جو ڍُڪ ڍُڪ ڪري آهستي آهستي پيئڻ لڳيون. گنجي واري ڇوڪريءَ چيو ”منهنجي نانيءَ جو چوڻ آهي تہ بيئر يا ڪوبہ شراب هميشہ ڍُڪ ڍُڪ ڪري ائين پيئڻ گهُرجي جڻُ قاسيءَ جي تختي تي چڙهڻ کان اڳ اهو آخري گلاس هُجي.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”ڏُوڙ آهي پئي توکي ۽ تنهنجي نانيءَ کي.“ مظهر آهستي ڪنجهيو جو فقط مون ٻڌو ۽ مظهر ڏي، پوءِ ڇوڪري ڏي سندس ڳالهه جي تائيد ۾ ٻه دفعا ييس ييس چيم.

مظهر وري هنن جي متي لڳل بدن ۾ منجهيل وارن کي ڏسڻ لڳو. لڳو پئي ته مهيني ٻن کان (يعني جڏهن کان هو گهران نڪتيون آهن) وهنتيون نه هيون. يا ته سڄو ڏينهن بلڊوزر هلائي ڪو پڊو لتي سڌيون هتي آيون آهن. گهميل هوا ڪري وارن ۾ ڇيڙهه جمي ويو هون. اهڙي قسم جون هپي ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا خاص ڪري انهن ملڪن ۾ گهڻا ملندا آهن جتي چرس عام ٿئي. نشي جي پٺ ڪان ڪتان ڪهي اچي اتي نڪرن. نشي کان سواءِ انهن جو ٻيو ڪو ڪم نه هوندو آهي.

مظهر هنن ڏي تيڏي اک سان نهاري مون کي آهستي چيو ”سخت غلط قسم جي ڇوڪرين سان اچي واسطو پيو آهي. جهٽ اتي جان ڇڏائڻ کپي.“

”ٻئري کي جلدي سڏ ڪري چيڪ گهُراءِ ته بل ڏئي اُٿون نه ته اردو جي چوٽيءَ موجب: ’مان نه مان مين تيري مهمان‘ وانگر ٻئي فلمون ڳچيءَ ۾ پئجي ويندييون.“ مون مظهر کي خبردار ڪيو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بل ڏئي ٻاهر نڪتاسين تہ ٽوئرسٽ بس بيٺي هُئي جا ’سان مشيل‘ وجي رهي هُئي. اها هڪ ڍنڍ جي وچ ۾ هڪ ٻيٽاڙي آهي. ان تي هڪ هوٽل آهي. بس ۾ چڙهي پياسين فقط ڏهہ ٻارنهن سياح هُئا. جن ۾ مرد بہ هئا تہ عورتون بہ. پوئين سيٽ تي ويٺل ٽي عرب نوجوان هميشہ وانگر پاڻ ۾ وڙهي رهيا هُئا. رڪي رڪي سادات، ناصر ۽ حسين جو نالو سمجهہ ۾ آيو ٿي. اسان جي بس ڪولمبو شهر جي گوڙ گهمسان مان نڪري ڪولمبو جي پُل ٽپي سڌو ويندي رهي. رستي جي ٻنهي پاسي ڍڳها ساوا وڻ ۽ لهندڙ سج ڪري انهن جا ڍڳها پاڇا عجيب منظر پيش ڪري رهيا هُئا. اڳتي هلي جهنگ وڏيڪ گهاٽو ٿيڻ لڳو جنهن منجهان اندران ئي اندران بس ٿيندي اڳتي مُڙي ڍنڍ جي ڪناري تي چڙهيو. وٽن هيٺان ڪجهہ ڪارون ٽئڪسيون مسافرن کي واپس وٺي هلڻ لاءِ بيٺيون هيون. اسان ٻئي ڪئميرائون ڪلهن تي لڙڪائيندا، ٻين مسافرن کان الڳ جيٽيءَ تي اچي بيٺاسين. ٻيا مسافر ڪجهہ وقت اتي بيهي وري واپس ساڳي بس ۾ هليا ويا. اسان ٻئي موٽر بوٽ ۾ اچي ويٺاسين. بہ چار



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٻيا مرد عورتون پڻ اتي آيا ۽ لانچ ۾ چڙهيا. هو آهستي آهستي ڄڀاني ڳالهائي رهيا هُئا. سندن ڳالهائڻ ڪنهن نديءَ جيت جي پرن جي ڀون ڀون کان وڌيڪ نه هو پر چؤڌاري سانت ئي سانت هجڻ ڪري اها ڀون ڀون به گهٽي ٿي لڳي. ڪنهن سُڪل پن تي ڪنهن جو پير ٿي آيو ته ان جي چچڙجڻ جو آواز پري پري تائين ويو ٿي. اهڙي گهاٽي ماٺِ هُئي.

ٿوري دير کان پوءِ لانچ واري، انجڻ جي فلاءِ ويل تي رسو ٻڌي ان کي ڇڪيو ۽ انجڻ اسٽارٽ ٿيڻ سان ڍنڍ جي چؤڌاري ڊگهن وڻن تي ويٺلن پکين ۾ ڦيٿاڙو پئجي ويو. خاموشيءَ ۽ سانت جي پٽ ۾ ڄڻُ ڪنهن ڇُرو وهائي ڪڍيو. سانت جي پُٽ ۾ ڇُرو وهائڻ! - لڳي ٿو ته اها تشبيهه ڪنهن تازي پڙهيل افساني جي دماغ ۾ ويٺل آهي. ڪٿي نسيم کرل يا قمر شهباز جو افسانو هوندو.

ٿورو اڳتي هلي ڍنڍ جي وچ ۾ هوٽل جي نديءَ جيٽي سان ٻيڙي لڳي. سڀُ مسافر لهي هوٽل ۾ آياسين. هوٽل ۾ هلڪي هلڪي روشني هُئي. چيني شمعدانن ۾ ڳاڙها ۽ ميٺوڙي رنگ جا بلب ٻري رهيا هُئا. هڪ ٻه نوجوان جوڙا هوٽل جي ورانڊي ۾ ڪاٺ جي ٻنوڙي کي ٽيڪ ڏئي آهستي آهستي ڳالهيون ڪري رهيا هُئا. عجيب



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اداسي ڇانيل هُئي. اهڙي اداسي حميد سنڌيءَ جي افسانن ۾ هوندي آهي يا بندرگاهه ڇڏڻ وقت جهاز تي هوندي آهي. هلڪي هلڪي ميوزڪ وڄي رهي هُئي. سچ ٿو چوان تہ ماحول ۾ عجيب قسم جي سنسني هُئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ هيءَ ممتاز دمساز حاتم طائي يا گُل بڪاولي جهڙن ناولن واري طلسمي دنيا هُجي ۽ اجهو تہ خوفناڪ ديو آدم بوءِ آدم بوءِ چوندو آيو. هي طلسم ڇاڻ تہ پڳو ۽ اسان سڀ سرنهن جا داڻا ٿي ويندا سين.

مظهر ۽ آئون چپ چاپ فروٽ جيلي کائڻ لڳاسين. نيٺ مظهر کي چيم تہ يار ڪجهہ تہ ڳالهاءِ تہ هي جادو ٽُٽي. عجيب خوف طاري ٿي رهيو آهي. پوءِ ٻئي کلڻ لڳاسين. با ادب ٻئري مظهر جي چوڻ تي هڪ سجو بند ٽيل فروٽ جو دٻو ۽ اوپنر اچي اڳيان رکيو. دٻو کولي جيليءَ ۾ وڌيڪ فروٽ ملائڻ لڳاسين.

پپئي، گدري، صوف، انناس جا ننڍا ننڍا ٽڪرا هئا ۽ ان کانسواءِ انگورن ۽ رسپ بيريءَ جا ڪجهہ ڪٽا پيل هُئا.

ميوي جو بند دٻو آمريڪن هو. دٻي جي هيٺان *Consolidated Foods Corporation Chicago USA.* لکيل هو. مظهر پڙهي چيو:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”برادر هي ميوو خبر ناهي ڪهڙين خوبصورت آمريڪن ڇوڪرين ڇلي ٽُڪرا ٽڪرا ڪري هن ڊبي ۾ بند ڪيو هوندو. ڪين بند ڪرڻ وقت ڪهڙي خبر ته هي خاص ڊبو سلون جي هڪ ويران جڳهه جي هوٽل ۾ به پاڪستاني چَٽُ ڪندا.“

مون ڪان ڪل نڪري وئي، ڇو جو مهينو ڏيڊ اڳ جپان ۾ پڻ مظهر ان قسم جي ڳالهه ڪئي هُئي. جپان ۾ گهڻو ڪري پاڪستان ڪان آيل گانگٽن جا بند ڊبا استعمال ٿين. هڪ هوٽل ۾ گانگٽ کائيندي مظهر چيو ته خبر ناهي هي ڪهڙين پاڪستان جي خوبصورت ڇوڪرين گانگٽ ڇلي ڊبن ۾ بند ڪيا هوندا.

”گهڻو خوشفهميءَ ۾ نه پئه. جهاز تي ويندي وقت روز ڪارادر جي بس اسٽاپ تي ڪجهه ڏگهن ميرن چولن ۾ مڪراني پوڙهين عورتن کي ته ڏٺو هوندءِ. جي فش هاربر ڏي ويندڙ بس ۾ وڙهندي چڙهنديون آهن؟ ته بس تماچي صاحب اهي ئي خوبصورت نوريون آهن جيڪي روز گانگٽ ڇلي ڊبن ۾ پئڪ ٿيون ڪن.“

مظهر به شايد اها ڳالهه ياد ڪري کلڻ لڳو ۽ ٽيبل تي رکيل نڪر جي ننڍڙي گهُگهيءَ مان مگن ۾ پاڻي اوتيو. مظهر پنهنجو



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شرم پرچائڻ لاءِ گهگهي طرح اشارو ڪري ان بابت عمر خيام جي رُبائي ٻُڌائڻ لڳو.

”اي تڪر جا ڪپڙا! ائين تہ نہ آهي جو ڀيم ۽ ارجن جوڌن جي ٻانهن جي مٽيءَ مان تنهنجي ڳچي جُڙي هُجي؟

متان لقمان حڪيم يا ارطاليس فيلسوف جي بدن جي خاڪ مان تنهنجو هي گول ڪنارو ٺهيو هُجي-؟

ائين تہ نہ آهي جو تنهنجو ترو قارون ۽ سڪندر جي سٿر مان ٺهيو هُجي؟“

ميوزڪ بند ٿيڻ تي هڪ ڊچ برگر ڇوڪريءَ مائيڪروفون هٿ ۾ کڻي ميري هاپڪن جو هڪ درد ڀريو پراڻو گانو ڳائڻ شُروع ڪيو:

*Those were the days my friend*
*We thought they will never end...*



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مون کي اوچتو ائن لڳو ڄڻ آئون هن هوٽل ۾ پهرين ٻه اڇي
ڇُڪو هجان. ڄڻ آئون هن هنڌان پهرين ٻه هڪ دفعو ٿي ويو آهيان
ڄڻُ هر شيءِ ساڳئي ترتيب ۾ ٿي رهي هُجي. هوبهو ساڳيو ڏنل
وائنل محسوس ڪيل ماحول ـ ماڻهو ڪٿي هن دفعي بدليل آهن.
وقت ڪٿي بدليل آهي پر ڪيڏي ساڳائي آهي!

*O come alone with me*

*To my little corner of the world*

*And dream a little dream*

*To my little corner of the world.*

قرت العين حيدر جو ناول ”سيتا هرن“ توهان پڙهيو آهي؟ ان
۾ سيتا نالي هڪ سنڌي ڇوڪري ورهاڱي بعد آمريڪا ۾ تعليم
دوران لکنو جي هڪ مسلمان ڇوڪري جميل سان شادي ڪري
ٿي. ڪيس پٺ راحل اتي ڄمي ٿو. ڪجهه گهرو اڻ بڻت جي ڪري
هوءَ مڙس کان رُسي جميل جي مائٽن وٽ هندستان اچي ٿي رهي.
راحل کي پيءُ پاڻ سان ئي رکي ٿو. جميل جا ڪجهه مائٽ لڏ پلاڻ
وارن ڏينهن ۾ پاڪستان وڃي رهيا آهن. ڪجهه وقت کانپوءِ جميل
جون پيرون پنهنجي مائٽن وٽ گهمڻ ڪراچيءَ اچن ٿيون. سيتا ٻه



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

انهن سان گڏ اچي ٿي. ڪار رستي ڪراچي ڪانپوءِ ٺٽي، خيرپور، سکر ۽ جيڪب آباد مان ترسندا مٿي ملتان ۽ لاهور تائين وڃن ٿا. قرت العين حيدر ان ناول ۾ سنڌ جو ڪافي ڪلچر ۽ تاريخ ٻڌائي آهي. نه فقط سنڌ ۽ پنجاب جي پر اڳتي هلي ناول جي پوئين اڌ ۾ سلون ۽ فرانس بابت پڻ، جتي پڻ اها سنڌي ڇوڪري سيتا وڃي ٿي.

سيتا کي خبر ٿي پوي ٿي ته سندس مڙس جميل جيڪو (U.N.O) ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، ان سان ملڻ لاءِ سيتا ڪولمبو پهچي ٿي ۽ جميل جي هڪ ٻئي مائٽ عرفان (جيڪو پڻ انهن ڏينهن ۾ ڪولمبو آهي) سان ملي ٿي ۽ ٻئي جميل کي پرچائڻ ۽ پٽ سان ملڻ لاءِ پروگرام ناهين ٿا. ان سلسلي دوران هڪ ڏينهن سيتا عرفان سان گڏ انهيءَ مٿئين هوٽل ”سان مشيل“ ۾ ئي اچي ٿي.

مونکي ياد اچي ويو ته هن هوٽل ۽ ماحول بابت مون ڪجهه وقت اڳ قرت العين حيدر جي ان ناول ”سيتا هرن“ ۾ پڙهيو هو. سيتا ۽ عرفان هوٽل ۾ داخل ٿين ٿا. ڏچ برگر ڇوڪري هن ئي ماحول ۾ مائيڪروفون تي مٿيون گانو ڳائي رهي آهي:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

*O' come alone with me*
*To my little corner of the word.*

رات جا ساڍا نَوَ اچي ٿيا هئا. مظهر کي اتي ڏاڍو سڪون اچي رهيو هو. پر مونکي ننڊ تپائي ڏنو. اوٻاسين جو ڦهڪو لاهي ڏنم. مظهر اٿڻ جي نہ پئي ڪئي (شايد ڪنهن قسم جي ڊراپ سين جي انتظار ۾ هو). آخر ڪيس چڪي هوٽل کان ٻاهر ڪڍيم. اچي لانچ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. چوڌاري ڊنيڊ جي پريان اونداهہ ۾ ڏگها ڏگها وڻ هيبتناڪ لڳي رهيا هئا. رڪي رڪي ڪنهن کڙ ڪٻيتي چمڪاٽ ٿي ڪيو. آسمان تي ڪو بہ رڳ يا ڪڪر نہ هو. سڀ تارا ۽ گرهہ صاف نظر پئي آيا. ڪپيلا، وينس، ويگا، سيرس *serius* حمل *Hammal*...... مظهر ڪِن تارن ۽ سيارن جا نالا وٺڻ لڳو جن جي هو روزانو هن وقت سمنڊ تي سائيٽ وٺي جهاز جي پوزيشن معلوم ڪندو آهي تہ جهاز ڪيترو هليو ۽ سمنڊ جي ڪهڙي حصي ۾ آهيون.

”انهي سيني ستارن ۽ سيارن تي پنهنجي پنهنجي دنيا آهي، پڪ انهن تارن تي بہ ههڙي رومانٽڪ هوٽل هوندي..“ مظهر آسمان



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڏي گهوري مون کي جاگرافيءَ جو دور تي شروع ڪرايو (يا تہ هو حد کان وڌيڪ رومانٽڪ ٽيڻ جي موڊ ۾ هو.)

”ها،“ مون اوپاسي ڏئي اڌ ۾ ڪٽيومانس، ”ها ههڙي رومانٽڪ دنيا هوندي يا تہ دادو ۽ جيڪب آباد ضلعي جهڙي گرمي ۾ سچ هوندي.“

لانچ اچڻ تي ان ۾ چڙهي پياسين.

اج اسان جو هتي ڪولمبو ۾ هن مختصر رهائش جو آخري ڏينهن آهي. اج رات جو ڪنهن وقت لنگر کڻي ڪيپ آف گڊ هوپ ڏي رخ رکنداسين، اتان پوءِ جهاز کي متي موڙي آمريڪا ڏي وٺي ويندا سين. تي سگهي ٿو اسان کي ڪيپ ٽائون ۾ اتي لاءِ ڪجهہ ڪلاڪ ترسڻو پوي جو هتي ڪولمبو مان جهاز جي راشن لاءِ اتو نہ ملي سگهيو آهي. ميري هجڻ کان علاوه اُن ۾ متي ۽ پٿريون پڻ آهن. هتي سلون ۾ اڄڪلهہ اناج جي ڏاڍي کوٽ آهي. ڪجهہ اهڙو زمانو اچي ويو آهي جو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهو حال وڃي ٿيو آهي. جاپان، سنگاپور، ٿائيلينڊ ڏي بہ اها حالت هئي ۽


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

مهانگائي ان ڪانسواءِ. اهو ئي سبب آهي جو هتي سلون ۾ اڄ ڪلهه هفتي ۾ ٻه ڏينهن اٺو ۽ ٻه ڏينهن چانور ڪائڻ تي بـ بندش آهي. جيئن پاڻ وٽ بـ ڏينهن گوشت بند رهي ٿو. هتي ڪنڊ وڏين هوٽلن ۾ بـ ڳاڙهي مستيءَ جهڙي هلي ٿي.

ڪولمبو هتي جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي پر ٻڪ ۾ بيروزگاري جو اهو حال آهي جو شام جي وقت بند ٿيل هوٽلن جي اڳيان پيل گند ۾ هڏن جي ڍير تي ڪيترا غريب ٻچيل سچيل ڪاڏو ڦولهي پيا ڪائيندا آهن. اهڙا درد ڀريا حال ڏسيو اکين ۾ ڳوڙها اچيو وڃن. ماڻهن ۾ سخت بي چيني ۽ بي يقيني آهي. نوجوان طبقو ذهني طرح سخت مايوس (*Frustrated*) ٿو ڏسجي.

هڪ ڏينهن رات جو ائين نائين بجي ڌاري ٽئڪسي ڳوليندا اچي بوريلا جي بس اسٽاپ وٽ پهتاسين. اتي هڪ همراهه (جو پوءِ خبر پئي تہ هتي جي ڪنهن انگريزي اخبار ۾ ڪم ڪري ٿو) تنهن ٻڌايو تہ ٽئڪسين اڄ اسٽرائيڪ ڪئي آهي. اسان کي صحيح نمبر واري بس ۾ وهاريائين. ڪيس گهٽو اڳتي وڃڻو هو اسان کي رستي تي لهڻو هو. پاڻ ٻڌائين (جو ٻين ڪيترن جي واتان پڻ ٻڌو هئوسين) تہ اڄ ڪلهه رات جي وقت ڪولمبو ۾ اڪيلو ڦرڻ يا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ٽئڪسي ۾ ويڃڻ جان جوکم ۾ وجهڻي آهي. ڪيترا اهڙا واقعا ٿيا آهن جو ماڻهن کي اڪيلو ڏسي هنن کان پئسا ڦريا ويا آهن. عورت ته ڪڏهن به اڪيلو هلي نٿي سگهي. پوءِ همراهه ٿڌو ساهه کڻي چيو:

”چا ڪجي بيروزگاري ۾ بک وڌي ويڙهيءَ وانگر اسان کي وڪوڙي وئي آهي. سڄي ملڪ جو نظام درهم برهم ٿيندو وڃي. ليڊر آهن جو رڳو سوشلزم جا نعرا هڻي غريب عوام کي بيوقوف پيا ڪن ٿا. انڪان ته اڳ بهتر هئاسين.“

”چو پيا؟“ مون پڇيو مانس، ”سوشلزم ڪري چين ته ڏاڍي ترقي ڪئي آهي.“

”اتي جا ليڊر هيئن اسان وانگر ايئر ڪنڊيشنڊ گهرن ۽ آفيسن ۾ ويهي مزدور جي پگهر ۽ پورهئي تي ڪو نه ٿا ڳالهائين. هو پنهنجا پيٽ ۽ گهر پري سوشلزم جو نعرو ڪو نه ٿا هڻن. چا ڪجي اسان جي ملڪ جي قسمت ئي خراب آهي.“

هو ڳالهائيندو رهيو بنا ساهي کڻڻ جي. سندس منهن مان ڪچي شراب جي تکي ڌپ اچي رهي هئي. سرور ۾ ضرور هو پر اهو نه چوندس ته نشي ۾ هو. پڙهيل ڳڙهيل ۽ کليل دماغ جو لڳو ٿي ۽ ساڳي وقت سخت ڏکوئيل پڻ. هو وڏيڪ چوڻ لڳو: ”سنگاپور، هانگ



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪانگ بہ اسان جهڙائي ٻيتاڙا آهن. پاڻ معدنيات ۽ نباتات ۾ اسان کان غريب پر ترقيءَ ۾ يورپ ۽ آمريڪا کي ڪلهو پيا هڻن. انهن جي عوام منجهہ سجاڳي آهي. سياسي شعور آهي. ليڊر ايماندار اٿن. هتي هر ڪو پنهنجو گهر ۽ پيٽ ڀرڻ ۾ پورو آهي. ملڪ چاهي وڪامي وڃي تہ وڪامي وڃي. هينئر ٿوري ترقي جو تِرورو نظر آيو پئي تہ عربن تيل مهانگو ڪري اسان جي آسن اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي. هر شيءِ جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا آهن. هاڻ ڪٽي تيل ساڳي اگهہ تي اچي تہ بہ ٻين شين جا اگهہ ۽ ٽئڪس ساڳيا رهندا. بيوقوف عوام ۽ حاڪم پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ بدران رڳو غيرملڪي امداد تي ياڙيو وينا آهن. ”ڪشتو ۽ وڏايل هٿ“ اسان جي ملڪن جي قومي نشان بڻجي ويو آهي. ڪي چين جي امداد تي، ڪي آمريڪا جي خيرات تي ياڙيو وينا آهن. پر ڪو بہ ڏاريون ملڪ ڪڏهن بہ سچو نہ ٿيو آهي. هر هڪ طمع ۽ لالچ پٺيان مدد ڪري ٿو.“


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

بس بندرانائڪي اسٽيڊيم وٽان لنگهي رهي هئي جيڪو چين حڪومت مرحوم بندرانائڪي (مسز بندرانائڪي جي مڙس) جي ياد ۾ سلون کي تحفي طور ٺهرائي ڏنو آهي. اسان واري بس ۾ وينل يار ان عمارت ڏي اشارو ڪري پوءِ ٺهڪ ڏئي چوڻ لڳو: ”هي ڏس! هي ڏس! چينين به اسان کي چڱو بيوقوف ٺاهيو آهي. عام ماڻهو روز عمارت کي ڏسي ٺري پيو ٺري. اها خبر ئي نه ته ان جي پنيان پل ڪو ڦريندو رهي. چينين پهرين هر شيءِ سستي وڪي ۽ ماڻهو اهو ئي سمجهندا رهيا ته انهن جهڙو ڪو شريف واپاري نه آهي. هاڻ جڏهن مارڪيٽ تي قبضو ٿي ويو اٿن ته ڄمايو وينا آهن. هر شيءِ ساڳي مهانگي ڪئي اٿن.

”ساڳيو حال آمريڪا جو آهي. جيڪو ان ڪِنو ٿئي سو موڪلين اسان ڏي. اَن جي عيوض اسان جو قيمتي ربڙ ڪٽن، ناريل جو تيل ڪٽڻ. پر ماڻهن تي اهو اثر ته آمريڪا جهڙو ڪو همدرد ملڪ نه آهي. اڙي آئون چوان ٿو جي همدردي ڏيکارڻي اٿانوَ ته پهرين پنهنجي ملڪ جي ڪارن شيدين تي ڏيکاريو. انهن کي پورا پورا انساني حق ڏيو. اسان ته پوءِ به آمريڪا جي شيدين کان وڌيڪ


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جاهل، غير مهذب ۽ ڏاريان آهيون.“ هو زور زور سان تقرير ڪندو رهيو. اسان جي لهڻ جو هنڌ اچي ويو. ڪيس اڳتي شايد ”پيٽا“ وڃڻو هو. اسان موڪلائي اٿياسين. ڪلهي تي هٿ رکي چيائين:

”يار معاف ڪجو دل ۾ نہ ڪجو آئون الائي ڇا جو ڇا چوندو رهيس، دوست! دراصل اسان ڪي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ڪپي. شينهن جي پٺيءَ تي چڙهي پاڻ ڪي طاقتور سمجهڻ واري جو انت هميشہ ان جي پيٽ ۾ ئي ٿيندو آهي.“

مظهر ۽ آئون بس مان هيٺ لٿاسين. مظهر ڪلي چيو:

”ڪو پراڻو دوست هئي ڇا؟“

”نہ.“

”ڳالهايانوَ تہ ائين پئي جو مون تہ پري ڪان سمجهيو تہ واقف مليو هجنئي.“

”نہ يار. هونءَ هر انسان ڪي ڳالهائڻ جو بنيادي حق هجڻ ڪپي ۽ ان جا خيال ضرور ٻڌڻ ڪپن.“



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اج مان سلون جي ڪيترن ئي ماڻهن جون ڪيتريون ڳالهيون ٻڌڻ بعد هيءَ خوبصورت ڌرتي ڇڏي ويندس. هي جهاز جو ڪمرو ۽ ٽيبل ڪرسي ساڳي هوندي پر دريءَ مان سامهون ڪولمبو جو بندرگاهه نظر اچڻ بدران سمنڊ يا ڪنهن ٻئي ملڪ جو شهر هوندو. هن وقت ريڊيو سري لنڪا تان سنهالي ۾ انائونسمينٽ پيو ٿئي - پر پوءِ ان بدران ڪا ٻي زبان ٻڌڻ ۾ ايندي.

هيٺ دريءَ مان سلوني ڏٻرا مزدور پيرين اگهاڙا نٿهڻ اس ۾ چانهه جا بنڊل ٽرڪن مان لاهي، چار ۾ پري، ڊيرڪن ذريعي جهاز تي چاڙهي رهيا آهن. اج هو تکو تکو ڪم ڪري رهيا آهن جو ڪين وقت اندر سامان پورو ڪرڻ تي ڪجهه وڌيڪ روپيا ملڻ جو آسرو ڏنو آهي. مزورن مان ڪي گوڏ ۾ آهن جيڪا گوڏن وٽان مٿي مڙيل آهي ۽ ڪي فقط ڪڇي ۾ هيڏانهن هوڏانهن سامان پٺيان ڊوڙي رهيا آهن. ڪي مزور سامهون بيٺل هڪ پوڙهي عورت کان ونگا خريد ڪري رهيا آهن. سائي رنگ جي سادي ۽ ميري سوٽي ڪپڙي جي ساڙهيءَ ۾ هيءَ پنجاهه سٺ سالن جي عورت روز صبح جو هڪ وڏي ڇٻيءَ ۾ ڪجهه اناس، ڪيلا، پپيا ۽ ونگا ڪٽي ٿاٻڙندي ايندي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. سندس لوڏ *Unbalanced* مان لڳندو آهي تہ سندس مٿي تي وزن، هن جي ڪنڌ جي طاقت کان تمام گهڻو آهي.

منهنجي ڪمري جي بلڪل سامهون پهچي ڪنهن مزور کي منٿ ڪندي آهي جو سندس ڪاريءَ ۾ هٿ وجهرائي هيٺ لهرائيندو آهي. پاڻ پهرين هڪ وڏو ڪانگهارو ڪيڏي ساڄي ٻانهن سان چپ اگهندي آهي ۽ سندس ميرو بلائوز (جو جڏهن صاف هو تہ اڇي رنگ جو هو) وڏيڪ ميرو ٿيندو آهي. ان بعد پلئہ ۾ ٻڌل ڪجهہ پانن مان هڪ پان ڪيڏي وات ۾ وجهندي آهي. ان بعد ٻيو ۽ پوءِ ٽيون ۽ صبح کان وٺي شام تائين سندس منهن جي مشين ۾ پان ڪتر وانگر ڪاتر ٿيندا رهندا آهن.

پان وات ۾ وجهڻ بعد ڪاري اڳيان ويهي اهي ونگا ۽ پپيا جيڪي گهڻن ڏينهن ڪري پچي ڪنا ٿي ويا آهن تن جا داغيل ۽ ڦٽل پاسا هيٺ ڪري رکندي اهي جيئن پري کان ڏسڻ وارو سمجهي تہ سڀ تازا ۽ سٺا آهن. ان بعد اٿي بيهندي آهي ۽ هڪ هٿ چيلهہ تي ٻئي سان پنهنجا اڇا چانديءَ جهڙا وار (جيڪي تڪي اس ۾ وڏيڪ چلڪندا آهن) تن کي ڪنهندي آهي ۽ ڪنهندي رهندي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي. ڪڏهن جهاز ڏي تہ ڪڏهن مزورن ڏي نهاري مسڪرائيندي آهي.

ويچاري غريب. سخت اس ۾ پيرين اگهاڙي سجو ڏينهن بنا ماني ڪائڻ جي بيٺي هوندي آهي ان ئي اميد تي تہ من ڪو مزور يا جهاز جو خلاصي سندس ميوو خريد ڪري. ڪڏهن ڪڏهن ڪو مزور ايندو آهي تہ خوشيءَ مان جلدي ساڙهيءَ جي پلئہ سان پنهنجن گهنجن پريل نرڙ تان پگهر اگهي جلدي جلدي ساهمي ۾ تورا ڪيندي آهي. مزور سندس اڳيان ويهي ونگا اٿلائي پٿلائي ۾ پوڻ ميوي يا اگهہ کي ناپسند ڪري. جهڙو ايندو آهي تهڙو هليو ويندو آهي ۽ پوڙهي جي چهري مان غم ۽ نا اميدي صاف ظاهر پئي ٿيندي آهي. سجو ڏينهن شام تائين ائين گذري ويندو اٿس. ان وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن مينهن جو وسڪارو ٿيندو آهي تہ ڪاري مٿي تي رکرائي ڊوڙ پائي گدام جي ڪانس هيٺان وڃي بيهندي آهي جتي اڌ گابرو پسي ويندي آهي. مينهن ختم ٿيڻ تي وري جهاز اڳيان اچي بيهندي آهي. پسيل ميوي کي ساڙهيءَ جي پلئہ سان اگهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ورلي اچي ونگو يا پپئي جو ٽڪر خريد ڪندو اٿس.


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آئون شام جو وچڙ وقت ڪڏهن ڪڏهن ڏسندو آهيان تہ ذري گهٽ سندس ڪاريءَ ۾ ايترو ئي ميوو هوندو آهي جيترو صبح جو آڻيندي آهي ۽ ٻئي ڏينهن وري ساڳي پاڻ ميري ساڙهيءَ ۾ ۽ ساڳي ڪاريءَ ۾ ساڳيو پاروٿو ميوو. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ سڄو ڏينهن ڇا ڪمائي ٿي. هن عمر ۾ ههڙي نٿهڻ اس ۽ مينهن ۾ سڄو ڏينهن بک ۾ ويهي وڪڻڻ ڪيڏو ڪٺن ڪم آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ هن ڪي ڪا مجبوري ڪرائيندي هوندي. سڀ کان وڏي مجبوري انسان جو پيٽ آهي جيڪو دانا ديوانا ڪريو ڇڏي. بکئي پيٽ تي دين، ڌرم، وطن، ملت جي ڳالهہ سمجهہ ۾ ڏکي ٿي اچي ۽ ان تي عمل تمام ڏورانهين ڳالهہ آهي.

شايد اهو بہ ڪو وقت هو جڏهن انسان کي پنهنجو پاڻ پنهنجي نفس تي ضابطو هو. سوچڻ ۽ سمجهڻ جا قدر مختلف هئا. انسان جو روحانيت ۾ وڏيڪ عقيدو هو. هن پاڻ کي روحاني طرح خوش ڏسڻ چاهيو ٿي ۽ ماديت (*Materialism*) کي ڪا وقعت نٿي ڏيڻ چاهي. تڏهن تہ شاهہ لطيف چيو:



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”گنديءَ گراهه، جن سنياسين سانديو
انهن ڪان الله اجان آڳاهون ٿيو“

پر اسان سڀني کي معلوم آهي تہ هن دور ۾ اهي ٻئي شيون هر انسان لاءِ ضروري ٿي پيون آهن ۽ بقول ڊاڪٽر غلام علي الانا جي هلندڙ زماني جي حالتن، زندگيءَ جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جا قدر ۽ ماپا ئي بدلائي ڇڏيا آهن. هن دور ۾ هر انسان اهو چئي رهيو آهي تہ اتو لٽو ۽ اجهو پهرين کپي. هن نعري ۾ للڪار نہ فقط عام ماڻهوءَ کي متاثر ڪيو آهي پر هن وقت جا دانشور، سُخنور ۽ سياڻا بہ زندگي جي بدليل حالتن کان متاثر ٿيا آهن.

بقول شيخ اياز جي:

”سدا آهي ساه کي ٻيپي جي ٻولا
ڊو بنا ڊولا ناهي ساجاهہ سونهن ۾“

پيٽ ۾ ڊؤ آهي تہ پوءِ ماڻهو آداب، اطوار، فئشن، سونهن هر ڳالهہ بابت خيال رکي ٿو. سوچي ٿو.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪجهه سال اڳ سنڌ ۾ سخت ٻوڏ اچڻ ڪري ڪيترا مڇي ماني وارا ۽ ڇڳن گهرن جا ماڻهو بي گهر ٿي ويا. ڪيترا ته ڪراچي جي فٽ پاٿن تي ڪيترا ڏينهن اچي رهيا. هڪ ڏينهن خالد مخدوم سان جناح ڪورٽس هاسٽل وچي رهيو هوس ته هڪ فارينر انهن ماڻهن جو فوٽو ڪڍي رهيو هو جيڪي ويچارا اخبار جي پني تي پيٽ رکي ڪائي رهيا هئا.

”هي فارينر به ڇا سوچيندا هوندا ته اسان پاڪستان ۾ ڪيئن ٿا رهون ۽ ڪائون.“ مون چيو هو.

”اهو ته آهي، پر“ خالد چيو ”سڀ فضيلتون، تهذيب، آداب، اطوار پئسي ۽ پيٽ ڀرجڻ بعد ئي قائم رهي سگهن ٿا.“

پوءِ ساحر لڌيانويءَ جو مشهور شعر ”مادام“ ٻڌايو هئائين، جو هن وقت وري منهنجي ذهن ۾ ڦري رهيو آهي.

”نور سرمايه سي هي روئي تمدن کي جلا،
هم جهان هين وهان تهذيب پل نهين سڪتي،
مفلسي حسِ لطافت ڪو مٽا ديتي هي،



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## بهوڪ آداب ڪي سانچون مين نهين ڍل سڪتي“

ڪرشن چندر جو ڪو ناول پڙهيو هوم جنهن ۾ ڪو همراهه جنسي هوس پوري ڪرڻ خاطر ڪنهن غريب ڇوڪري سان محبت جو ڊرامو ڪري ٿو ۽ هن سان ملڻ وقت هڪ دفعي چوي ٿو: ”اچ پياري، جتي بہ لڪل هجين هلي اچ. مان ڪڏهن ڪان تنهنجي محبت جو بکايل آهيان.“

هوءَ ورندي ٿي ڏئيس: ”تون تہ فقط محبت جو بکايل آهين. هتي اسين سڀ پيٽ جا بکايل آهيون. اَن ديوتا اسان کان رُسي ويو آهي.“

تڏهن هن کي معلوم ٿو ٿئي تہ پيٽ ربئي جو هڪ پاءُ ٿي وڃي تہ سمجهو محبت، مامتا، دوستي، مائٽي، عزت آبرو سڀ ختم ٿيو وڃن.

بک انسان کان ڇا نٿي ڪرائي. ٿي سگهي ٿو هن پوڙهي سلوني عورت کي نہ فقط پنهنجو بکايل پيٽ پرڻو هجي پر هن جو ڪو بيروزگار پٽ، بيمار مڙس يا ڌيءُ هجي، جنهن جي لاءِ هن کي پئسا کپن. ڪيس سندس گهر جي مسواڙ لاءِ پئسن جي ضرورت هجي



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يا ڪو ياءُ پائٽيو ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ قاتل هجي ۽ وڪيل جي في جي پورائي ڪرڻي هجيس.

اڄ هوءَ پنهنجي منهن رکي رکي ڪڏهن پنهنجي ڪاري ڏي، ڪڏهن جهاز ڏي نهاري مرڪي ٿي. ڪيس شايد ڪنهن اميد، ڪنهن خوشيءَ جو جهڪو ترورو نظر اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو اهو سوچي مرڪي رهي هجي ته اڄ هي اسان جو جهاز هليو ويندو. سيان هتي ڪو ٻيو جهاز اچي جاءِ ولاريندو. ٿي سگهي ٿو ان جهاز جا خلاصي سندس هي پاروٿو ۽ قسيل ميوو وٺن جنهن مان هن جي هڪ ڏينهن جي ماني ٿي سگهي. بيمار پٽ جي دوا خاطر هڪ وڏيڪ وزن يا سئي خريد ڪري سگهي. پنهنجي ڪنواري ڌيءُ جي شادي لاءِ ڪجهه ڪپڙو ڳنهي سگهي... ڏک، بيماري، بک، بيروزگاري، بي يقيني، گندگي - هي اسان جي مشرق جون خاص نشانيون آهن. خاص علامتون آهن. جن کان مغرب آجو آهي. پر ان هوندي به جيڪا خوشي هن وقت پوڙهيءَ جي چپن تي مرڪ جي صورت ۾ نظر اچي رهي آهي. اهڙي خوشي، اهڙو توڪل، اهڙو سڪون مغرب وارن کي سڀ ڪجهه هوندي به حاصل ناهي. اسان ٿوري دير کان پوءِ لنگر کڻي مشرق جي دنيا ڇڏي مغرب ڏي هليا



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويندا سين. جڏهن مهيني کن ڪانپوءِ فليڊيلفيا *(U.S.A)* جي بندرگاهه ۾ جهاز وڃي لڳندو ته هن ڪان ڪيڏي مختلف دنيا هوندي. ساڳي ڌرتي وچ ۾ فقط ٿورو ڪارو پاڻي پر ڌرتيءَ جي ٻنهي حصن ۾ ڪيڏو وڏو فرق ـــ! مشرق ۽ مغرب ۾ ڪيڏو ته فرق آهي. دوست ـــ! ڪيڏو نه فرق!!

گڏ ٻاءِ ڪولمبو. گڏ ٻاءِ سري لنڪا.



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پوروشيو


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com



# الطاف شيخ

## مئرين انجنيئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk



هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com